برتالت بریخت

محمد ابراهیم جویو









گلیلو

گليلو

(برٽالٽ بريخت جي ڊراميَ Life of Galileo جو
سنڌي ترجمو)

از

محمد ابراهيم جويو



سنڌي ادبي جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ
حيدرآباد سنڌ

چاپو پهريون　　سيپٽمبر، ۱۹۷۷ع　　تعداد ۱۰۰۰

[مترجم جا سپ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت : ڏهه رپيا

GALEELO
("LIFE OF GALILEO")
By Bertolt Brekht
Translated into Sindhi by
Mohammad Ibrahim Joyo
Published by the Sindhi Writers'
Cooperative Society Ltd:
8- Manzoor Chambers, Gadi Khato, Hyderabad Sind.

هيءُ ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽
محمد ابراهيم جويي، صدر، سنڌي ادبي جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ،
۸- ٽي ساڻ منظور چيمبرس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي
پڌرو ڪيو.

تعارف

"آستاد گئليلو" - هيءُ ڊرامو جڳ مشهور جرمن ڊراما نويس، ڊراما پروڊيوسر ۽ ڊئريڪٽر، شاعر ۽ افسانہ نگار "برٽالٽ بريخٽ" جي وڏن ۾ اهر ڊرامن مان هڪ آهي. بريخٽ هيءُ ڊرامو آن وقت لکيو، جڏهن سندس وطن ۾ نسلي برتريءَ ۽ زور جي بالادستيءَ ۾ ايمان رکندڙ هٽلري ٽولي جي "نازي طاقت" ايتري تہ آسري چکي هئي، جو آن پنهنجي قوت جي انڊ ۾ اچي، ظلر ۽ ڏاڍ جا دروازا آتي کولي ڇڏيا هئا، ۽ آن جي ئي هٽان دنيا جي کيترن ئي ملکن ۾ پيءَ وڏيءَ جنگ جا موتمار ۽ دل ڏارينڊڙ واقعا شروع ٿي چکا هئا.

برٽالٽ بريخٽ ۱۰ فيبروري ۱۸۹۸ع تي جرمنيءَ جي قديم شهر آگسبرگ (Augsburg) ۾ جائو. سندس پيءُ کاغذ جي هڪ کارخاني جو مئنيجنگ ڊئريڪٽر هو. هن ابتدائي ۽ ثانوي تعليم آگسبرگ جي اسکولن ۾ ورتي. سن ۱۹۱۶ع ۾ هو ميونخ يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو، جتي هن جديد يولين، علر طب ۽ طبعي سائنس ۾ پنهنجي تعليم مکمل ڪئي. ۱۹۱۸ع ۾ هن کي فوج ۾ گهرايو ويو، جتي هو طبي شعبي ۾ ڪر ڪرڻ لڳو. جنگ ختر ٿيڻ کان پوءِ بريخت جڏهن پنهنجي وطن موٽي آيو، تڏهن جرمني هڪ شڪست کاڏل ملڪ هو، جنهن ۾ چؤطرف بربادي، تباهي، اقتصادي بدحالي ۽ بي اطمينائي هئي، ۽ آن ۾ پوءِ بيروزگاريءَ، بک ۽ ملڪ جي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جو لاڳيتو خطرو کيترن ئي سالن تائين قائر رهيو.

سن ۱۹۲۰ع ۾ بريخت ميونخ شهر جي هڪ سُک ڊراما ڪمپنيءَ ۾ ڊرامي جو صلاحڪار ۽ ايڊيٽر مقرر ٿيو، ۽ آتي هن لاڳيتا کيترا سال ملڪ جي مشهور ڊراما پروڊيوسرن جو نائب ٿي ڪر ڪيو. آنهيءَ وچ ۾ هن کيترا ئي پنهنجا ڊراما لکيا ۽ اسٽيج تي آڻي ڏيکاريا. سن ۱۹۲۸ع ۾

برلن ۾ هن جو لکيل ۽ اسٽيج کيل ڊرامو "The Three Penny Opera" ايترو ته مقبول ٿيو، جو ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن جو ٻالو سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي ويو. ان کان هڪ سال اڳ هن جو شعري مجموعو "Domestic Breviary" يعني "گهريلو دعائن جو ڪتاب" جي عنوان سان ڇپجي پڌرو ٿي چڪو هو، جنهن کي هڪ روسن ڪٿولڪ نقاد "The Devil's Prayer-Book" يعني "شيطان جي دعائن جو ڪتاب" ڪري ڪوٺيو. بريخت افسانا به لکيا جيڪي هن پوءِ "Stories of Mr. Keuner" جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا، جنهن ۾ هن جا ۱۹۳۰ع کان ۱۹۵۶ع تائين واري عرصي جا لکيل افسانا شامل آهن.

سن ۱۹۳۳ع کان اڳ بريخت ڪيترا ئي ڊراما لکي اسٽيج تي ڏيکاريا. انهن مان خاص ٽن ڊرامن "The Three Penny Opera", "The Measures Taken" ۽ مئڪسم گورڪيءَ جي مشهور ناول "ماءُ" جي ڊرامائي صورت جرمنيءَ جي عام پورهيت ۽ دانشور طبقي کي بيحد متاثر ڪيو ۽ آنهن جي ڏسڻ ۽ پڙهڻ سان منجهن جوش ۽ عمل جي هڪ اجهل برقي لهر ڊوڙي ويئي. نازي پارٽيءَ کي، جيڪا ترت ئي پوءِ ملڪي اقتدار تي قبضو ڪري چڪي هئي، بريخت جون اهي انقلاب آپارينڈز تخليقون بلڪل پسند ڪونه هيون. نازي ٽولي حقيقت ۾ انهن سڀني انسان دوست ۽ ترقي پسند قوتن کي نظر ۾ رکيو هو، جن جو عقل ۽ انصاف، انسان دوستيءَ ۽ انساني عظمت ۾ ايمان هو. انهيءَ ڪري اقتدار ۾ اچڻ سان ئي نازين انهن ترقي پسند قوتن کي فوراً چيپائي ختم ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو. سن ۱۹۳۳ع ۾ نازين جو آهو ظلم ۽ ڏاڍ ايترو ته وڌي ويو، جو بريخت وطن عزيز جي سرزمين کي الوداع چوڻ تي مجبور ٿي ٿيو. نازين کيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن ۽ آنهن جي ڪتابن تي پابنديون وڌيون، جن ۾ بريخت ۽ بريخت جا ڪتاب سرفهرست هئا. بريخت وطن ڇڏڻ لاءِ انهيءَ ڪري به مجبور ٿي ٿيو هو، جو کيس هيسائڻ ۽ خاموش ڪرڻ لاءِ متعصب عقيده پرست نازي جماعت جي دهشتي ٽولي هن جي ٻن سالن جي ابهر نيائيءَ باربرا کي چورائي، پاڻ وٽ

برغمال ڪري رکيو، جنهن کي هڪ انگريز سماجي ڪارڪن محض اتفاق سان بچائي ورتو هو. آنهيءَ حادثي جو پڙاڏو بريخت جي تمام مشهور ڊرامي "The Caucasian Chalk Circle" ۾ ملي ٿو. بهرحال بريخت پنهنجي ملڪ مان ڀڄي نڪرڻ تي مجبور ٿيو، ۽ آسٽريا، سئٽزرلئنڊ ۽ فرانس مان ٿيندو، آتي ڪجهه وقت رهندو، نيٺ ڊينمارڪ ۾ اچي مقيم ٿيو، جتي ۱۹۳۹ع جي آخر تائين رهيو پيو هو. ڊينمارڪ کان پوءِ بريخت ناروي جي اسٽاڪهوم شهر ۾ ويو، جتان سن ۱۹۴۰ع ۾ فنلئنڊ هليو ويو. جولاءِ ۱۹۴۱ع ۾ بريخت فنلئنڊ کان ڪئليفورنيا (آمريڪا) هليو ويو. انهيءَ روڙي ۾ خانه بدوشيءَ ۾ به بريخت پنهنجو تخليقي ڪم جاري رکيو ۽ "Round Heads and Pointed Heads"، "Fear and Misery" "In the Third Reich" ۽ "Senoza Carrar's Rifles" جهڙا اعليٰ ادبي ۽ فني شاهڪار تخليق ڪيائين، جن ۾ نازي ۽ فسطائي طاقتن تي سخت تنقيد ڪيل آهي. ۱۹۳۷ع کان ۱۹۴۱ع تائين بريخت جيڪي پيا ڊراما لکيا، انهن مان "Mother Courage"، "The Life of Galileo"، "The Good Woman of Setzuan"، "Herr Puntila and His Man Matti" نالي ڊرامن هن جي شهرت کي ڏيهان ڏيهه پهچائي ڇڏيو.

بريخت جي سڀني ڊرامن جو بنيادي موضوع 'انسان جو شرف' انسان جي انسان سان روش' ۽ 'انسان ذات جي گڏيل ڀلائي' آهي. انهن ڊرامن ۾ ڏسندڙن ۽ پڙهندڙن کي دعوت ڏنل آهي ته هو هن ڏرتيءَ تي، ۽ هن انساني دنيا ۾، انسانن جي هڪٻئي سان روش تي ويچار ڪن، آن جي سببن ۽ سماجي محرڪات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن، ڪڏهن آنهن جي حمايت ۽ همت افزائي ڪن ته ڪڏهن آنهن سان بغاوت ڪن، پر هميشه پاڻ کان هيءُ سوال ضرور پڇن ته جيڪڏهن هو پنهنجي سر پاڻ آنهن حالتن ۾ هجن ته هُنن جو پنهنجو ردعمل ڪهڙو هوندو؟ بريخت جا اِهي ڊراما سڀ جا سڀ "انساني ۽ انسان پسند دنيا" ('Humane Theatre') جي سِري هيٺ اچن ٿا، جن ۾ شديد ترين ذهني ڏک ۽ عذاب سان گڏ نازڪ ترين رومانيت جا مثال ملن ٿا، پر

آنهن ۾ ٽڪل ۽ هار کاڏل ذهن جي فراريت، پاڻ-هُرتائي، بي مقصد انتهائيت يا اجايو ابهام نه آهي.

بي عالمي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ برٽالٽ بريخت ۱۹۴۹ع ۾ آمريڪا ڇڏي پنهنجي وطن موٽي ويو ۽ اوپر برلن ۾ رهڻ لڳو. اتي هُن جو دلي آڏرياءُ ڪيو ويو ۽ برلن جو آهو ساڳيو ٿيٽر جتي هن جا ڪيترا ئي دراما هن جي وطن کان بي‌وطن ٿيڻ کان اڳ اسٽيج تي ڏيکاريا ويا هئا، هن جي حوالي ڪيو ويو. بريخت آن ٿيٽر ۾ پوءِ خاطر جمعيءَ سان پنهنجا تخليق ڪيل ۽ پڻ ڪلاسيڪي موضوعن تان ورتل دراما اسٽيج تي ڏيکارينڊو رهيو، ۽ زندگيءَ جي آخري دم تائين پنهنجي آن محبوب فن ۽ روح جي بي‌انت ۽ اڇل اظهار جي ڪاوش ۾ مصروف رهيو. آتي ئي، اوپر برلن ۾، پنهنجي آن دلپسند ٿيٽر جي پرسان، ۱۴-آگسٽ ۱۹۵۶ع تي جديد دراميِ جي فن جو هيءُ عظيم ماهر دل جي ٽٽڻ سبب وفات ڪري ويو.

برٽالٽ بريخت اسٽيج دراميِ جي فن، ٽيڪنيڪ ۽ فارم ۾ انيڪ ۽ نوان نوان تجربا ڪري، انهن ۾ انقلاب آندو. هو پاڻ پنهنجي ڪر ڪان متاثر ٿي، ڪڏهن ڪڏهن خوشدليءَ جي ڪيفيت ۾ چوندو هو ته "آءٌ نئين اسٽيج فارم جو آڻن استائن آهيان." (۱)

آمريڪي مصنف ۽ نقاد پيٽر بروڪ جي خيال مطابق، "ٿيٽر ۾ سنجيدگيءَ سان دلچسپي وٺندڙن مان ڪو به بريخت کان گوءِ نٿو ڪٽي سگهي. بريخت اسان جي زماني جي مرڪزي شخصيت آهي ۽ اڄ ٿيٽر جو هر ڪو ڪر ڪنهن نه ڪنهن نقطي تي يا هن جي بيانن ۽ ڪارنامن سان شروع ٿئي ٿو يا موٽي آنهن جي بيانن ڏانهن اچي ٿو." (۲)

برٽالٽ بريخت هيءُ دراموِ "گليلو جي زندگي" (*Life of Galileo*) به پيرا لکيو هو: ڦهرين سن ۱۹۳۷-۳۹ واري عرصي ۾، يعنيِ عالمگير جنگ کان اڳ، ۽ پيهر آن جنگ کان پوءِ ٿوريءَ قيرقار ڪرڻ سان

(1) *Mordecai Gorlik: "Thealre Art", 1967.*

(2) *Peter Brook: "The Empty Space", New York, 1969, P.65.*

سن ۱۹۴۵-۴۷ ع. آنهيءَ آخري متن جي انگريزي ترجمي جو هيءُ سنڌي ترجمو اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

"گليلو" هڪ تاريخي ڊرامو آهي. ان ۾ سترهين صديءَ جي جڳ مشهور سائنسدان "گليلو گليليءَ" جي شاندار شخصيت ۽ علمي ڪارنامن، رومي ڪليسا جي مذهبي چريائپ ۽ علم دشمني، وقت جي حاڪمن ۽ امير طبقي جي ماٺهن جي خودپسندي، علم ناشناسي، بيقدري، هوس ۽ لالچ جي تصوير چٽيل آهي. ساڳئي وقت ان دؤر جي اٽليءَ جي عوامي زندگيءَ تي به پرپور روشني وڌي ويئي آهي.

گليلو گليلي سن ۱۵۶۴ع ۾ اٽليءَ جي شهر "پيسا" ۾ جائو هو. هيءُ آهو دؤر آهي جڏهن علمي سڃاڻپ (Renaissance) ۽ مذهبي اصلاح (Reformation) جهڙين تحريڪن سموري يورپ ۾ هڪ زبردست ذهني اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏي هئي، پراڻن قدرن جي زنجيرن جون ڪڙيون هڪ ٻي ٽٽي رهيون هيون، ۽ وهمن، وسوسن ۽ انڌن عقيدن جا ڪوٽ، علم ۽ ڄاڻ جي تيز طوفانن لڳڻ ڪري، ڇڄي ڀري پٽ پئجي رهيا هئا. يوناني علم ۽ دانش ۽ آنهيءَ تي عرب عالمن ۽ مفڪرن جي تشريحن، تنقيدن، تبصرن ۽ خود هنن جي ڪيل تجربن ۽ ڪوجنائن؛ قطب نما ۽ بارود جي ايجاد؛ راجر بيڪن جي سائنسي تجربن؛ علم فلڪيات ۾ ڪاپرنيڪس ۽ رياضيءَ ۾ ڪپلر جي انقلابي مفروضن؛ ڪولمبس جي سامونڊي سفرن ۽ نون نون ملڪن جي ڄاڻ؛ ڪاغذ ٺاهڻ جي هنر ۽ ڇاپي جي مشين جي ايجاد؛ فنون لطيفه ۾ باڪمال استادن مائيڪل اينجيلو، رافيل ۽ ليوناردو ڊاونسي جي تصويري شاهڪارن - قديم علم ۽ عقيدي ڪي غلط ۽ باطل ثابت ڪري، اونداهي يورپ کي روشن ڪري ڇڏيو هو. ٻئي طرف جرمنيءَ ۾ مارٽن ليوٿر جي مذهبي تحريڪ رومي ڪليسا جي مذهبي تقدس جا چوڌا لاهي، اٽ جي پرماريت کي اگهاڙو ڪري، ڪليسائيت جا بنياد ڏکائي، ڇڏيا هئا. مطلب ته ان دؤر ۾ هر ڳالهه کي اکيون پوري قبول ڪرڻ ناممڪن ٿي ويو هو. هر ڳالهه کي توري تکي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو پئي ويو ۽ عقيدي جي بدران شڪ، تحقيق ۽ تجربي کي وڌيڪ

اهميت ڏني پئي ويئي. پر ساڳئي وقت يورپ ۾ جاگيرداري ۽ بادشاهي نظام، جو صدين کان قائم هو، ۽ ان کي مسيحيت جي تقدس ۽ پوپ اعظم جي مضبوط ۽ وسيع پادريت ۽ آن جي هم گير تنظيم جي، جا حمايت ۽ پُشتي حاصل هئي، انهيءَ کري آهو دور آنهن آزادي پسند ۽ انسان دوست عالمن ۽ دانشورن جي لاءِ هڪ وڏي عذاب جو دؤر پڻ هو، جيڪي ڏهني طور ۽ وس ستارو عملي صورت ۾ پڻ آن سڃي جنوني ۽ مڪار، ايذا پسند ڏيل ۽ ڏهڪاءَ جو مقابلو کري رهيا هئا.

هڪ تمام ڊگهيءَ اونداهيءَ رات کان پوءِ يورپ ۾ سڃاڳيءَ جي سڃ مس ڪَنِي ڪيي هئي. پر ڪليسا جي رجعت پرست ٽولي انهيءَ سوجهري جي خلاف جهاد شروع ڪري ڇڏيو هو. هزارين ذهين، سڃاڻ ۽ روشن ضمير انسان جهالت ۽ مذهبي ديوانگيءَ جو بک ٿي ويا. ڪيترن ئي عالمن ۽ سائنسدانن کي ڪافر ۽ ملحد، ديوانو ۽ پاگل چئي باهه ۾ ساڙيو ويو، ۽ ڪيترين ئي ذهين، باهمت ۽ حوصلہ مند عورتن کي ڊائڻ هُلائي، سنگسار کري ماريو ويو. فرانس جي مشهور فلسفي، رياضيدان ۽ سائنسدان پاسکل (*Pasal, 1623-1662*) انهن حالتن جي تصوير هنن لفظن ۾ چٽي آهي:

"اوهين تصور کريو ته اوهان جي اڳيان ڪيترائي انسان زنجيرن ۾ جکڙيا بيٺا آهن. هُنن سيني تي موت جي سزا جو حڪم صادر ٿيل آهي. هُنن مان هر روز ڪن کي ڇڪي، سندن ساٿين جي اڳيان موت جي سزا ڏني وڃي ٿي. هنن مان جيڪي پوئتي رهن ٿا ۽ جيڪي جيئرا آهن، تن کي پنهنجن آنهن ساٿين جي تقدير ۾ پنهنجي تقدير صاف نظر اچي ٿي. هو هڪٻئي ڏانهن ڏڪ ۽ نااميديءَ سان ڏسن ٿا ۽ پنهنجي واري جو انتظار ڪن ٿا. اِهو آهي اچوکيءَ انسانذات جي اصل حالت جو هڪ مثال." (۱) آنهيءَ دور جي سائنسدانن مان 'برونو' جو مثال موجود آهي. گيوردانو برونو (*Giordano Bruno*) گليلو جو همعصر اطالوي فيلسوف، سائنسدان ۽ پنهنجي وقت جو ذهين ترين مفڪر هو. هن پنهنجين تقريرن

---

(۱) بحوالہ: "*Origin of Culture*" از *P. Smith* صفحو ۳۶۳.

۽ تحريرن ۾ ٻڌايو ته ڪاپرنيڪس (1473-1543) جون سائنسي ڪوڄنائون بلڪل درست آهن. برونو جي آنهيءَ تصديق کي ڪليسا جي عالمن ۽ اثر ۽ اقتدار جي صاحبن ڏهريت، ڪفر ۽ ڪوڙ چئي، هن کي باهه ۾ ساڙڻ جو حڪم ڏنو. ۽ اهڙيءَ ريت سچ چوڻ جي سزا ۾ برونو کي ١٧ فيبروري ١٦٠٠ع تي روم شهر ۾ جيئري جلايو ويو.

اهڙي ئي عجيب دؤر ۾ جڏهن انسان پنهنجي بدبختيءَ جي چڪر ۾ ورتل هو ۽ نيڪيءَ ۽ بديءَ جون قوتون پنهنجي پنهنجي اوج تي هيون، تڏهن سن ١٥٩٢ع کان ١٦١٠ع عيسويءَ تائين گليلو پيڊوئا يونيورسٽيءَ ۾ علم رياضيءَ جو استاد مقرر ٿيل هو. آنهيءَ اڑڻهن سالن جي عرصي ۾ هن کيتريون ئي سائنسي ڪوڄنائون ڪيون. هن تجربا ڪري چربو (حرڪت) ۽ تيز رفتاريءَ جا اوائلي اصول معلوم ڪيا، ۽ ثابت ڪيو ته مختلف وزن جون شيون جيڪڏهن ساڳيءَ اوچائيءَ تان هيٺ ڪيرائيبون ته هڪ ئي وقت زمين تي ڪرنديون ۽ فاصلي مطابق انهن شين جي ڪرڻ جي رفتار ۾ جيئن ٻوءِ تيئن تيزي ايندي ويندي. گليلو سڌاريل دوربيني، قطب نما ۽ ٿرماميٽر ايجاد ڪيا. جيتوڻيڪ سن ١٦٠٨ع ۾ هالنڊ جي هڪ عينڪ ساز 'هانس لپرشي' (Hans Lippershey)، هڪڙي حسن اتفاق سان، دوربيني ٺاهي چڪو هو، پر گليلو، آن اصول تي ڪم ڪري، هڪ اهڙي دوربيني ٺاهي، جنهن سان شيون هزار ڀيرا وڏيڪ وڏيون ۽ ٽيهوڻيون وڏيڪ قريب نظر ٿي آيون. هُن ٻوءِ آنهيءَ دوربينيءَ جو رُخ شمسي نظام جي مطالعي لاءِ آسمان ڏانهن ڦيرايو، جنهن سان تارا ۽ گرهه انساني اک جي وڏيڪ ويجهو ۽ وڏيڪ چٽا ۽ پڌرا ٿي ڏٺا. گليلو سڀ کان پهرين آن دوربينيءَ منجهان ڪيرڌارا (Milky Way) کي چتائي ڏٺو، جنهن لاءِ عالمن ڏوڙي عوام وٽ عجيب غريب نالا ۽ رڳوڻ خيالي ۽ ديومالائي سمجهاڻيون موجود هوندیون هيون. گليلو جي دوربينيءَ ٻڌايو ته اهو "نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ جو رستو" نه پر تارن جو هڪ وڏو ميڙ آهي، جنهن ۾ هزارين لکين تارا ۽ تارن جا نظام موجود هئا. پنهنجي آن دوربينيءَ سان هن چنڊ جو به مطالعو ڪيو ۽ ان جي 'غارن' کي ڏٺو، مشتري گرهه کي

ڏنو ۽ ان جي چئن چنڊن کي گولي لڏو. هن ڏهره گرهه کي ڏٺو ۽ ٻڌايو ته زمين واڱر اهو گرهه به سج جي چوڌاري ڦري ٿو. گليلو پنهنجي دوربيني سان سج جو مشاهدو ڪري ڏنو ته سج تي 'ڪارا داغ' آهن، جيڪي سدائين هڪ هنڌ نٿا ڏسجن، ۽ انهن جي لاڳيتي مشاهدي کان پوءِ هن ٻڌايو ته سج به پنهنجي مدار تي ڦري ٿو، ۽ ان جي اها گردش ۲۸ ڏينهن ۾ پوري ٿئي ٿي.

اهڙيءَ ريت، گليلو جي انهن سائنسي مشاهدن، تجربن ۽ ڪوجنائن انجيل مقدس جي فلڪي نظام بابت هر ڳالهه جي اڻڻ جا تردید ڪئي، انهيءَ ڪري مسيحي دين جي علم باز دعويدارن ۽ ان جي تقدس جي چوڻن ۾ ويڙهجي ۽ اقتدار جي لٽ هٽ ۾ ڪٽي هلندڙن هن جي خلاف بدتميزيءَ جو هڪ پيانڪ طوفان اٽاري ڇڏيو. ٽيٽ سن ۱۶۱۵ع ۾ روم جي پوپ هن کي پاڻ وٽ حاضر ٿي انهن مشاهدن ۽ ڪوجنائن بابت صفائي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اٽي پهرين ڪليسا جي عالمن گليلو جي مخالفت ۾ پنهنجا دليل ڏنا. پو- گليلو جي جوابي دليلن سيني کي لاجواب ڪري ڇڏيو. انهيءَ علمي مناظري جو فيصلو هيءُ ٿيو، جو سائنس جي عالمن کاپرنيڪس ۽ ڪيلر جي ڪتابن تي بندش وڌي ويئي ۽ گليلو کي حڪم ڪيو ويو ته زمين جي چرپر ۽ ڦيري جي هو تعليم نه ڏئي ۽ ڪنهن به اهڙيءَ ڳالهه کي نه مڃي، جيڪا ديني تعليم جي خلاف هجي.

ڪليسا جي انهيءَ فيصلي گليلو کي ڏاڍو رنجايو. پر پابندين ۽ بندشن هوندي به هن فلارينس جي شهر ۾ سچ، چنڊ، زمين ۽ ٻين گرهن جي گردش جي موضوع تي "دنيا جا ٻه عظيم نظام" نالي ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن پنهنجن مشاهدن ۽ ڪوجنائن کي ورجايو ۽ انهن جي زوردار تصديق ڪئي. انهيءَ تي ڪليسا جي بزرگن کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ هنن انهيءَ ڪتاب کي ضبط ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ گليلو کي، جنهن جي عمر ان وقت ستر ورهيه هئي، روم جي احتسابي عدالت (Inquisition) ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڪيو. آٽي ڪيترن ئي ڏينهن جي پڇا ڳاڇا کان پوءِ هن کي اهڙو ته مجبور ڪيو

ويو ۽ مختلف جسماني عذابن جو اهڙو تہ خوف ڏياريو ويو، جو هن لاچار ٿي چيو تہ "آءٌ آڻ مڃان ٿو، هاڻي اوهان جي هٿ وس آهيان ۽ اوهين جيڪي چوندؤ اهو ئي چوندس." انهيءَ تي ڪليسا جي طرفان هڪ "توبهہ نامو" تيار ڪيو ويو، جيڪو گليلو احتسابي عدالت جي جلسي ۾ پڙهيو. ان مطابق گليلو پنهنجيءَ سموريءَ سائنسي تحقيق ۽ ڪوڄنا ڪي باطل ڄاڻايو ۽ پنهنجن سڀني علمي نظرين تان هٿ کڻي توبهہ تائب ٿيو.

گليلو پنهنجي باقي عمر جا ڏينهن پنهنجي گهر ۾ گذاريا، جتي مٿس چوڪسي رکڻ لاءِ ڪليسا جا پادري چاري ڪري ٻيهاريا ويا تہ متان هو ڪو سائنسي مشاهدو يا تجربو ڪري يا ڪو علمي ڪتاب لکي. پر آنهيءَ هوندي ٻڌاڻ ٻڌائڻ ۾، رات جو لکي ڇپي، صرف چانڊوڪيءَ جي روشنيءَ تي، هُن پنهنجو آخري ڪتاب "علمي مباحثا" لکي پورو ڪيو، ۽ آن ڪوشش ۾ هن پنهنجي اکين جي روشني وڃائي ڇڏي، ۽ هو نابينا ٿي ٻيو. پنهنجي گهر ۾ اٺ سال ائين قيد ۾ رهڻ کان پوءِ، ۱۶۴۲ع ۾ ۷۸ سالن جي عمر ۾ هُن وفات ڪئي.

استاد گليلو جي عظيم‌الشان شخصيت جو بنياد سندس هن نظريي تي رکيل هو تہ وهم، وسوسا ۽ غيرعلمي عقيدا انسانذات لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيا آهن. ان جي ابتڙ علمي ۽ سائنسي ڪوڄنائن جي وسيلي انسانذات کي ڪائنات جي ڄاڻ کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جو شعور حاصل ٿئي ٿو، ۽ ان خوف ۽ خطري کان نجات ملي ٿي، جنهن جي اثر هيٺ صدين تائين انسان ذهني ۽ اخلاقي طرح جامڙ، لولا ۽ لنگڙا ٿيندا رهيا آهن. تنهنڪري آن شعور ۽ ڄاڻ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون، آنهن جي راهہ ۾ رندڪون وجهڻ پوريءَ انسانذات تي ظلم ڪيندو. گليلو جو خيال هو تہ سائنسي ڪوڄنائن ڪرڻ جي پوري آزادي هجڻ گهرجي، ۽ اهڙيءَ طرح جيڪي نيون نيون ايجادون ڪين ٿيون تن کي ڪنهن خاص طبقي يا گروهہ جي بدران انسانن جي عام پلائيءَ ۽ آسائش لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. سائنس جي اِنهيءَ سماجي ڪارج بابت گليلو جي اڏول عقيدي جو اظهار بريخت هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

"منهنجو چوڻ آهي ته سائنس جو واحد مقصد هيءُ آهي ته انساني زندگيءَ جي ڏک ۾ سختيءَ کي آسان بنايو وڃي. جيڪڏهن سائنسدان، خود-مفادي اقتدار جي صاحبن جي دباءَ هيٺ، علمُ محض علم خاطر وڌائيندا ۽ خوش ٿيا وينا رهن، ته اُن حالت ۾ سائنس پنگلي ۽ بي اثر بنجي سگهي ٿي، ۽ اوهان جون نيون مشينيون پوءِ رڳو هيٺن کي چپيائڻ جا نوان ذريعا ۽ نيون ترڪيبون بنجي وجود ۾ ايندينون رهنديون ۽ اُنهن مان ٻيو ڪو انساني مفاد جو ڪارج سڌ ڪونہ ٿي سگهندو. اِنهيءَ روءِ، وقت گذرڻ سان، ممڪن آهي ته اوهين آهو سيکجهہ ڳولي سگهو ۽ لهي سگهو جيڪو ڳولڻو ۽ لهڻو آهي، پر اوهان جو آهو سچو واڌارو اوهان کي انسان ذات کان دور نيئي سگهي ٿو، اُن جي ويجهو نٿو آڻي سگهي" (ص - ۱۶۱).

برٽالٽ بريخت هِن ڊرامي ۾ استاد گليلو جي تاريخي دؤ، سماجي پس منظر، ۽ هُن جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن کي علامت طور استعمال ڪري، اُنهن سائنسي ۽ سماجي مسئلن جي چنڊچاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي ويهين صديءَ جي ٻيءَ وڏيءَ لڙائيءَ جي وقت، اُن جي پس منظر ۾ پهرين مهاپاري لڙائيءَ کان پوءِ سندس پنهنجي سڄي دور ۾ پيدا ٿيا هئا. ٻيءَ مهاپاري لڙائيءَ ۾، خاص طرح، هار ۽ جيت جو سچو دارومدار انهن خطرناڪ جنگي هٿيارن تي هو، جن جي ايجاد سائنسدانن جي مدد کان سواءِ ممڪن نہ هئي. جرمنيءَ ۾ ته اهڙا خطرناڪ جنگي هٿيار نهڙ لڳا هئا، جن جي استعمال سان ايترو ته جاني ۽ مالي نقصان ٿي رهيو هو، جو انهن جي ٺاهيندڙ سائنسدانن کان چرڪ نڪري ويو ۽ شرم ۽ پشيمانيءَ کان هنن جا گردنَ جهڪي ويا. سائنسي ايجادون انسانذات جي ڀلي ۽ آرام لاءِ استعمال ڪرڻ جي بدران مرڳو انسانذات کي نيست ۽ نابود ڪرڻ ۾ استعمال ٿيڻ ڪيون وبون. اُنهيءَ صورتحال ۾ ڪيترا ئي سائنسدان لڪ چوريءَ جرمنيءَ مان ڀڄي نڪتا ۽ ٻين ملڪن ۾ پناهہ ونڊي معمولي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا. انهن خطرناڪ ۽ موتمار جنگي هٿيارن جي دوڙ رڳو جرمنيءَ تائين محدود نہ هئي، پر جنگ ۾ شامل هر ملڪ

پنهنجي حريف ملڪ کي نيست نابود ڪرڻ لاءِ انهيءَ دوڑ ۾ شريڪ ٿي ويو هو. ٽيٽ انهيءَ دوڑ ۾ آمريڪا ويهين صديءَ جو سڀ کان وڌيڪ هولناڪ هٿيار، ائٽم بم، ٺاهي، سيني کان گوءِ ڪڍي ويو.

بريخت هن ڊرامي جي ۱۹۴۵-۴۷ع واري ترميمي مسودي متعلق پنهنجن اڳوڻن نوٽن ۾ لکيو آهي ته "ياد رکڻ گهرجي ته اسين گليلو جي زندگيءَ جو هيءُ ڊرامو اُن وقت ۽ اُن ملڪ ۾ اسٽيج ڪري رهيا هئاسون، جنهن ائٽم بم ايجاد ڪيو ۽ جنهن ان کي فوجي مقصد لاءِ استعمال ڪيو. ائٽمي ظبعيات کي خفيه رکڻ لاءِ حد کان وڌيڪ خبرداري ڪئي ويئي هئي. جنهن ڏينهن ائٽم بم اڇلايو ويو هو، ان ڏينهن آمريڪا ۾ جنهن به ماڻهوءَ کي اُن واقعي جي خبر ٿي پيئي، تنهن کان آهو ڏينهن وسرڻ ڏاڍو مشڪل هو. اها خبر جڏهن لاس اينجلز جي شهر ۾ پهتي، تڏهن ماڻهن فوراً اِئين به سمجهيو ٿي ته پيانڪ جنگ جلدي ختم ٿي ويندي ۽ هنن جا پٽ ۽ پائر واپس موٽي ايندا. پر اُنهيءَ سڪ سان ٽمٽار ۽ خوشين ڀريل شهر ۾ غم ۽ الر جي هڪ وهشتناڪ لهر پڻ دوڙي ويئي هئي. سون پاڻ بس ڪنڊڪٽرن ۽ دڪانن تي شين وڪڻندڙ چوڪرين کي خوف ۽ هراس ۾ ٻڏل ڏٺو. اها فتح هئي، پر اُن جي چوڌاري شڪست جو هڪ ڪڙو ڏاڪو به هو. اُنهيءَ کان پوءِ حڪمران سياستدانن ۽ فوج گڏجي قوت جي اُنهيءَ عظيم ذريعي کي مخفي رکڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪئي، جنهن تي دانشورن ۾ ڪاوڙ جي لهر دوڙي ويئي. تحقيق جي آزاديءَ کي ۽ ڪوجناڻن جي معلومات جي ڏي وٺ ۾ سائنسدانن جي بين‌الاقوامي شراڪت کي اُنهن اقتدار پرستن پنجو ڏيئي ڇڏيو هو، ۽ اُن لاءِ سندن هر قسم جي دليل دلائل ۽ منطق ۾ ماڻهن کي ذرو به پروسو ۽ اعتبار نه رهيو هو. طبعيات جا جڳ مشهور ماهر پوءِ هڪوٽ جي نوڪريءَ ۽ پنهنجي جان ڇڏائي ڀڄي ويا. هڪ مشهور معروف سائنسدان اهڙي هڪ گمنام نوڪري وڃي ڪئي جتي هن کي طبعيات جا محض ابتدائي اصول سيکارڻا ٿي پيا، ۽ آهو اِن لاءِ ڪيائين ته جيئن هو اُنهيءَ عام کي باندي بنائي رکو پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ وارن حاڪمن جي هٿ

هيٺ ڪر ڪرڻ کان بچي سگهي. علم تي اقتدار جي قبضي واري آن ماحول ۾ کا به نئين کوجنا يا ايجاد ڪرڻ هڪ وڏي بيعزتيءَ جي گالهه هئي."

بريخت جي هن ڊرامي جو مرڪزي موضوع سچ جي لاءِ پرجوش عقيدت آهي. ڊرامي جو عظيم ڪردار، استاد گليلو، شروعات کان ئي سچ جي ڳولا ۾ آهي. هن جي ڪيترن ئي مڪالمن مان ان جي تصديق ٿئي ٿي. مثال طور:

"سچ وقت جي پيداوار آهي ۽ نه سنڊ جي" (ص - ۵۶). يا -

"اسين سائنس جا طالب آهيون ... اسان جو ڪم نه آهي ته پاڻ کان پڇي پڇون ته سچ اسان کي ڪيڏانهن ٿو وٺي وڃي" (ص - ۵۷). يا -

"جنهن کي سچ معلوم نه آهي، رڳو هڪ احمق آهي. پر آهو جيڪو سچ ڄاڻي ٿو ۽ آن کي کوڙ ٿو سڏي، سو هڪ خطرناڪ رهزن آهي" (ص - ۱۰۱).

گليلو سچ جو حامي آهي، هو سچ کي سڃاڻي ٿو، سچ جو پرچار ڪري ٿو. هو ذهن جي آزاديءَ ۽ اظهار جي آزاديءَ جو نقيب آهي. پر جڏهن مسيحي ڪليسا جي احتسابي عدالت هن کي آنهيءَ کان منع ڪري ٿي، هن کي عذابن کان ڊيڄاري ٿي، تڏهن هو مصلحت کي ئي ضروري سمجهي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته ان جو ڪارڻ گليلو جي وڏيءَ عمر هجڻ ڪري سندس جسماني ڪمزوري هجي. پر انهيءَ سخت امتحان مان گذرڻ کان پوءِ به "چرپر" (حرڪت) جي موضوع تي هن جي آخري ڪتاب لکڻ ۽ آن لاءِ پنهنجي اکين جي نور وڃائي ڇڏڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته زندگيءَ جي ڪنهن ڏکيءَ کان ڏکيءَ نازڪ گهڙيءَ ۾ به هن پنهنجي مقصد کي ڪڏهن نه وساريو. هڪ روايت مطابق احتسابي عدالت ۾ توبهه نامي پڙهڻ کان پوءِ گليلو پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي جيڪو هن جي پرسان ٻيٺو هو، کن ۾ چيو ته "ڌرتي اڃا به قري پئي." اهڙيءَ ريت سائنس جي بقا ۽ سلامتيءَ خاطر استاد گليلو سائنس دشمن ٽولي سان وقتي مصالحت ڪري هڪ نئين اخلاقيات کي پڌ جنم ڏنو. حقيقت ۾ گليلو جي دؤر ۾ هڪ نئين زماني جي شروعات ٿي چڪي هئي. بريخت گليلو جي زباني ڊرامي

جي پهرئين ڏيک ۾ چورائي ٿو:

"آڳ جڏهن جوان هوس تڏهن هڪ ڀري به رازا ڏئر ته پنڇن منڻن جي دليلبازيءَ کان ٻوءِ، هنن پٽر جي چين کي متي پهچائڻ جو چڪ چکان ۽ ڏڪ ڏکان وارو هزار سالن جو پراڻو طريقو ڇڏي، هڪڙو نئون ۽ وڌيڪ ڪمائتو، پُلي ۽ بهرر وارو طريقو، ڪر آڻڻ شروع ڪري ڏنو. آتي ۽ آنهيءَ ٻهل سون سمجهيو ته پراڻو زمانو پورو ٿيو ۽ نئون زمانو اسان وٽ اچي چڪو آهي" (ص - ۴).

انهيءَ ساڳئي ڏيک ۾ اڳتي هلي گليلو وري چوي ٿو:

"سچ پچين ته اسان جي دنيا ۾ نئين دؤر جو پهريون سج ايري چڪو آهي - اهڙو هڪ عظيم دؤر جنهن ۾ ڏلهو جيئڻ به ثواب آهي" (ص - ۸).

گليلو سترهين صديءَ ۾ هڪ عقلي ۽ سائنسي دؤر جي چائنڊ تي ٻيٺو هو. چؤطرف ڏاڍ ۽ هٺ ڏرميءَ جي پابندين جي هوندي به هن انسانذات جي مستقبل کي روشن ۽ تابناڪ ڏنو. اهڙيءَ حالت ۾ گليسا جي احتسابي عدالت جي اڳيان مصلحت پريو جواب ڏيئي، هن سائنس جي روشن راهن کي جهالت، ڪٽرپڻي ۽ دقيانوسيت جي تاريڪيءَ ۾ ٻڏڻ کان بچائي ورتو.

سترهين صديءَ جي هن عظيم سائنسدان گليلو جي شاندار شخصيت، علمي ڪارنامن ۽ قربانين کي تمثيل طور استعمال ڪري، برٽالٽ بريخت ويهين صديءَ جي آنهن هر قسم جي مفاد پرست طاقتن کي پنهنجي تنقيد ۽ طنز جو نشانو بنايو آهي، جن، سترهين صديءَ جي ڪليسائي حاڪمن وانگر سائنسدانن کي، يعني انهن جي عقل ۽ علم کي، پنهنجي مرضيءَ ۽ مفاد مطابق هلائڻ گهريو ٿي. گليلو احتسابي عدالت ۾ مصلحت ڪان ڪر ونڊي، سائنس کي ڪليسا جي اقتدار مان ڪيڊي بچائي ورتو:

پر عجب ته ويهين صديءَ ۾ سائنسدانَ سامراجي چنبن مان پاڻ چڏائي نه سگهيا ۽ هين صديءَ ۾ فتح نيٽ سامراجي طاقت جي ٿي ٿي، آنهيءَ جي حڪر سان ۽ آنهيءَ جي نظرداريءَ ۾ ائٽم کي ٽوڙڻ جو تجربو ڪامياب

ٿيو، ۽ آخرڪار آمريڪا هن صديءَ جو آهو موتمار جنگي هٿيار "ائٽم بم" جپان جي ٻن شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي اڇلائي، تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جو هڪ اهڙو نظارو ڏيکاريو، جنهن کي ڏسي، پوريءَ انسانذات کان خوف، ڏک ۽ ڪاوڙ وچان رڙ نڪري ويئي.

ويهين صديءَ جو اِهو عظيم آلميو ئي آهي، جنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ برٽالٽ بريخت "گليلو" ڊرامي کي علامت طور استعمال ڪيو آهي. هِن آلميي جو شڪار اڄ ٻه هر آهو ملڪ ۽ هر آهو سماج آهي، جتي زور ۽ مفاد پرستي علم ۽ اقتدار تي قابض آهي. اسين پاڻ ٻه اڄ هِن آلميي جا آهڙا ئي شڪار آهيون، جهڙو استاد گليلو گليليءَ جو سترهين صديءَ وارو اطالوي يا سڄو يوروپي سماج هو. ويهين صديءَ جو آهو خوف، ڏک ۽ غصو ئي آهي، جيڪو تحرڪ ۾ اڇي، تنگ نظريءَ، تعصب ۽ اقتدار جي اندڪان انساني روح کي نجات ڏياري سگهندو، ۽ انسان جي دل اميد، خوشيءَ ۽ کِل جي سوجهري سان روشن ٿيندي، ۽ هو پنهنجي لاءِ هِن دنيا ۾ علم، انصاف ۽ محبت جي جنت تعمير ڪري سگهندو.

ـ حيدرآباد سنڌ

۴-۹-۱۹۷۷ع

گليلو

(برٽالٽ بريخت جي ڊرامي Life of Galileo جو
سنڌي ترجمو)

پلـنامـــو

[نوٽ: مهرباني ڪري ڪتاب جي ڇاپي جون هيٺيون چڪون پهريائين درست ڪري ڇڏيندا.]

صفحو	ست	غلط	صحيح
۱۴	۷	اوهان خانگي ...	اوهان وت خانگي ...
۳۱	۲۴	آڻي سگهن ٿا	آڻي سگهجن ٿا
۳۴	۶	آتي وينا آهن.	آتي بينا آهن.
۳۶	۱۶	ثابتي	ثابت
۷۰	۹	ڪونہ ڪريون!	ڪونہ ٿا ڪريون!
۷۹	۱۰	ڏ جي ٿو.	ڏسجي ٿو.
۸۳	۲۵	سمجهي ٿو.	سمجهي سگهي ٿو.
۸۶	۲۲	س ڪرڻ	بس ڪرڻ
۹۳	۹	۽ن	۽ين
۹۶	۱۴	جورن	چورن
۱۰۶	۲۵	گهنبہ	گهنڊبہ
۱۱۴	۸	اچو ٿا	اچون ٿا
۱۱۶	۱۶	ڏينداسين	ڏسنداسين
۱۴۰	۱۴	ڪُڪُين	ڪُڪيُن
۱۵۵	۲۳	نگيءَ	نڳيءَ
۱۶۸	۱	رکي ٿو.	رکي ٿو.]

(۱)

پيڊوئا يونيورسٽيءَ ۾ رياضيءَ جو استاد، گليلو گليلي، ڪاپرنيڪس جي نئين شمسي نظام کي ثابت ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو

عيسوي سن جي سورنهن سؤ نائين سال ۾
سائنس جي روشنيءَ جو شعاع ٿيو.
پيڊوئا شهر جي هڪ نندڙي گهر ۾
گليلو گليليءَ ثابت ڪرڻ شروع ڪيو
ته سچ ڀينو آهي ۽ قدرتي هلي ٿي.

پيڊوئا ۾ گليلو جي مطلعي جو مختصر ڪيرو .

[صبح جي مهل آهي. گهر هلائيندڙ خادم جو پٽ، آئندري، ڪير جو گلاس ۽ مانيءَ جو روٽ آڻي ٿو.]

گليلو [پُٽن تي پاڻي نائيندي، ڏونگارا ڪيندي، خوشدليءَ سان]: ڪير ميز تي رک - پر ڏس، متان سنهنجو ڪو ڪتاب هيٺ مٽي ڪري ڇڏين!

آئندري: امان چوي ٿي ته ڪير واري کي پيسا ڏيڻا آهن. نه ڏينداسين، ته هو پنهنجي گهر جي چوڌاري قرندو رهندو.

گليلو: اِئين نه چئبو آهي، آئندري! چئو ته ”پوءِ هو اسان جي چوڌاري چڪر ڪاڌيندو رهندو.“

آئندري: ٺيڪ آهي، گليلو سائين! جيڪڏهن پيسا نه ڏينداسين ته هو اسان جي چوڌاري چڪر ڪاڌيندو رهندو.

گليلو: پلا، هو پاڻ وارو بيلف قرض وٺڻ لاءِ بن ٽپڪن جي وچ ۾ ڪهڙي قسم جي ليڪ وٺي اسان ڏانهن ايندو؟

ائنبري [مشڪندي]: ننڍي ۾ ننڍي.

گليلو: ٺيڪ. تو لاءِ اڄ مون هڪڙي ٻي شيءِ رکي آهي. تارن جا چارٽ هٿائي، پٽيان ڏس. [ائنبري جهت جهت ۾ تارن جا چارٽ پري ڪري، بطليموس جي ارضي نظام جو هڪڙو وڏو ڪاٺ جو ماڊل ڪيي ٿو.]

ائنبري: هيءُ ڇا آهي؟

گليلو: اِهو ڏيکاري ٿو ته پراڻي دور جي ماڻهن جي چوڻ موجب تارا ڌرتيءَ جي چوڌاري ڪيئن ٿا ڦرن.

ائنبري: ڪيئن ٿا ڦرن؟

گليلو: ماڊل کي جانچي ڏس. ننڍ کان ونڊي ڪڍ: ها، ٻڌاءِ!

ائنبري: هيءُ وچ ۾ هڪڙو ننڍڙو پٿرو آهي.

گليلو: اِها ڌرتي آهي.

ائنبري: آن جي چوڌاري گولا آهن - هڪڙن جي ٻاهران ٻيا.

گليلو: گولا نہ چئو! چرخ چئو! گنبڊ چئو! آسمان چئو! گهٽا آهن؟

ائنبري: آڃ.

گليلو: اِهي بلوري آسمان آهن - بلوري گولاوان چرخ، جيتين سميت!

ائنبري: ۽ اِنهن تي ڪينهن جهڙا ننڍا ننڍا گولا جڙيل آهن.

گليلو: اِهي تارا آهن.

ائنبري: هتي چٽڪيون ٻہ لڳل آهن. هنن تي ته لفظ لکيل آهن!

گليلو: ڪهڙا لفظ؟

ائنبري: تارن جا نالا.

گليلو: پڙهي ٻڌاءِ.

ائنبري: سڀ کان هيٺيون گولو چنڊ آهي - اِهو اِن تي لکيو ٻيو آهي.
۽ چنڊ کان مٿي سج آهي.

گليلو: هاڻي سج کي چور.

ائنبري [سج کي چوري ٿو ته آن سان گڏ چرخ ۽ چري ٿو]: ڳالهہ ته سٽي آهي. پر اسين ته هينن چرخن ۾ چوڌاري بند ٽيا پيا آهيون!

گليلو [بت کي ٿوال سان سکائيندي]: هائو، سون ۾ جڏهن اِهو پهرين ڏٺو هو، تہ اِئين محسوس کيو هو. کي ماڻهو اِهو ساڌل ڏسي، سڄ ۾ اِئين محسوس کندا آهن. [ٿوال آئنبريءَ کي اچلائي ڏئي ٿو تہ هو سندس پٺا اگهي.] هي پٿيون ۽ چرخ ۽ هيءَ گهٽ! پورا ۾ هزار سال ماڻهن اِئين پئي سڄيو آهي تہ سڄ، چنڊ ۽ آسمان جا ٻيا سڀ تارا سندن چوڌاري ڦرندا ٿا رهن. پوپ، وڏا وڏا پادري، بادشاهہ، عالم، ڪپتان، واپاري، ماهيگير، هاري ناري ۽ مڪتبن جا آستاد، خطابي - سڀ اِئين سمجهندا هٿا تہ هن بلوري چرخ جي وچ ۾ هو بند ٿيا، گهٽيا وينا آهن. پر هاڻي آئنبري، اسين پولار ۾ آزاد اڳتي وڌي رهيا آهيون. چاڪاڻ تہ پراڻو زمانو گذري ويو، ۽ هيءُ نئون زمانو آهي. گذريل سڄي صدي اِئين پئي لڳو جڻ ڪنهن طرح کا وڏي ڳالهہ ٿيڻ واري آهي، ۽ هي پورا سؤ سال ماڻهن جي دل ۾ اَن جو انتظار پئي رهيو آهي.

شهر تنگ آهن ۽ ماڻهن جا ذهن ۽ تنگ آهن. هڪڙن ۾ پليگ ۽ ٻين ۾ پيرمر، وسوسا ۽ تعصب. پر هاڻي اسين چئون ٿا تہ اڄ جيڪي آهي، سياڻي اِهو اِئين نہ رهندو. چاڪاڻ تہ هر شيءِ چرپر ۾ آهي، آئنبري.

آءٌ سمجهان ٿو تہ پهرين اِها چرپر ۽ هلچل جهازن وسيلي شروع ٿي. ماڻهن پنهنجيءَ سائپر ۾ رڳو ڪنارن ئي ڪنارن سان ٽاڪوڙا پئي هنيا ۽ تاريون پئي پاتيون؛ پوءِ اوچتو ئي اوچتو هو ڪنارا ڇڏي، پري اونهي ۾ نڪري ويا ۽ آ گهور سمنڊ لتاڙي اڳتي وڌي ويا.

پوءِ اسان جي پراڻي ڪنڊ ۾ افواهہ آڻيا تہ ٻيا ڪنڊ ۽ آهن!، ۽ جيئن ئي اسان جا جهاز آتان ٽپي آيا، تہ سيني ڪنڊن ۾ ڳالهہ هٿلي ويئي تہ اجهاڳ ۽ دهشتناڪ سمنڊ ماڻهوءَ جي اڳيان اِئين آهن، جيئن ڏنڊون ۽ ڏورا! ۽ دل ۾ هڪ آجهل خواهش

آيري آئي تہ سيني شين جا، سيني ڳالهين جا، سبب جانڻجن ۽ احوال معلوم ڪجن: پٽر کي چڏيون ٿا تہ چو ٿو هيٺ ڪري، ۽ هوا ۾ اڇليون ٿا تہ چو ٿو متي وڃي! اڄ آهو ڪو ڏينهن ڪونهي، جڏهن ڪا نہ ڪا نئين ڳالهہ نٿي معلوم ٿئي. سؤ سالن جا پوڙها به پنهنجا پوڙا ڪن سَرَلا ڪيو، نڀين ڪان پڇندا ٿا رهن تہ 'خبر ڏيو، آهي ڪا نئين ڳالهہ!'

اڳي ئي دنيا ۾ گهٽو ڪجهہ ليپي چڪو آهي، پر ايڏا به گهٽو ڪجهہ ليٽو آهي. اهڙيءَ طرح هر دور ۾ نين پيڙهين لاءِ نيون ڳالهيون ۽ نوان ڪر موجود آهن.

آڳ جڏهن جوان هوس، تڏهن هڪ پيري به رازا ڏنر تہ پنجن ستن جي دليلبازيءَ ڪان پوءِ، هنن پٽر جي چپن کي متي پهچائڻ جو چڪ چکان ۽ ڏڪ ڏکان وارو هزارن سالن جو پراڻو طريقو چڏي، هڪڙو نئون ۽ وڌيڪ ڪمائتو، پُڻيءَ ۽ بيرر وارو، طريقو ڪر آڻڻ شروع ڪري ڏنو. آتي ئي ۽ آنهيءَ ئي مهل مون سمجهيو تہ پراڻو زمانو پورو ٿيو ۽ نئون زمانو اسان وٽ اچي چڪو آهي. جلد ئي، بني نوع انسان کي پنهنجي هين گهر بابت سچي حقيقت معلوم ٿي ويندي - يعني آنهيءَ آسماني جسر بابت، هين ڌرتيءَ بابت، جنهن تي هو آباد آهن. جو ڪجهہ پراڻن ڪتابن ۾ لکيل آهي، آهو وڌيڪ ڪين مطمئن نٿو ڪري سگهي.

چاڪاڻ تہ جتي هزار سال فقط ميجتا ۽ ويساهہ هو، آتي هاڻي شڪ جاڳي چڪو هو. سڄي دنيا چوي ٿي: 'هائو، برابر اِهو ڪتابن ۾ لکيل آهي، پر هاڻي اچو تہ پاڻ پنهنجي سر به آهو ڏسون!' وڏي ۾ وڏا مقدس سچ به اڄ جڏهن پڏجن ٿا، تڏهن ماڻهو هڪٻئي کي ٿوڻيون پيا هڻن: جنهن شيءِ ۾ ڪڏهن به ڪو شڪ نہ هو، آها هاڻي وڏي شڪ هيٺ آهي.

۽ اِنهيءَ ڪري وڏو طوفان آتي پيو آهي، جنهن جي زور

تي بادشاهن ۽ مقدس پادرين جي سون ۽ چاندي۽ سان پريل چوغن جا گرا پلاند متي کچي ويا آهن ۽ هيئان آنهن جون بنڌڻ جهڙيون سڀيون جنگهون ۽ کائين جهڙيون سکل جنگهون ظاهر ٿي ويون آهن - جيڪي ڏسون ٿا تہ بنهہ اسان جي جنگهن جهڙيون آهن. 'آسمانن' ۾ ڏٺوسون تہ. آتي ہہ کجهہ ڪونہ هو. آهي خالي هئا. ۽ اِن تي ساٿهن ۾ چوڌاري ٺهڪڙا مچي ويا آهن.

ٻئي پاسي ڏرتي۽ تي وهندڙ پاڻي، نهرون ۽ آبشار اسان جا نوان نوان چرخا ۽ نيون نيون چڪيون پيا هلائين، ۽ بندرگاهن تي 'سڙهن ۽ رسين تي ترندڙ محلن' ۾ پنج پنج سؤ هٿ گڏجي نئين نئين طريقي جا نوان نوان ڪر ڪري رهيا آهن.

منهنجي هي۽ اڳڪٿي آهي تہ، اسان جي جيئري، تارن جي علم جون گالهيون عام رستن تي ۽ بازارين ۾ عام ماڻهو، ايندي ويندي، هڪٻئي کي سڏي، بيهاري، هڪٻئي سان ڪندا رهندا. وقت اچي رهيو آهي، جڏهن ڪورين ۽ موچين جا پٽ ہہ اسڪولن ۾ ويندا. شهرن جا ماڻهو، جيڪي نين شين جي چاڻ جو مزو وٺي چڪا آهن، سي جڏهن ٻڌندا تہ فلڪيات جي نئين علم موجب ڏرتي بيئل نہ آهي پر آزاد، ڪُلئي پولار ۾ هلندي رهي ٿي، تڏهن ڏاڍا خوش ٿيندا. اڄ تائين اِئين ٻئي چيو ويو آهي تہ تارا اسان جي مٿان بلوري چرخ جي چت ۾ مضبوط جڙيا پيا آهن تہ جيئن هيٺ ڪِري نہ پون. پر هاڻي اسان کي آنهن جي ڪِرڻ جو ڊپ ڪونهي. ۽ اسان آنهن کي متي اڏامڻ لاءِ بي انت پولار ۾ آزاد چڏي ڏنو آهي - بلڪل ائين جيئن اسان جا جهاز اگهور سمندن ۾ آزاد ۽ پرپور رفتار سان هاکارندا اڳتي وڌندا ٿا رهن.

۽ اسان جي ڏرتي پوري مزي سان سج جي چوڌاري ڦرندي ۽ چڪر ڏيندي رهي ٿي، ۽ آن سان گڏ اسان جا گرا گنجا، هاري ناري، موچي مهاڻا، واپاري، شهزادا، ۽ خود اسان جو

مقدس پوپ ۽ سندس وڏا وڏا پادري به آن سان گڏ قرندا ٿا رهن.
رات وچ ۾ ڪائنات جو مرڪز وڃائجي ويو، پر ٻئي ڏينهن سج
اڀرندي آن جا ڪيئي مرڪز لڀي ٻيا. هاڻي آن جو هر هنڌ مرڪز
آهي، ۽ جي ناهي تہ ڪٿي به ڪونهي. اوچتو ئي اوچتو اسان
جي دنيا، حد ۽ حساب کان ٻاهر وڌي، وشال ٿي ٻيٺي آهي.

اسان جا جهاز پري پري سمنڊن تي هاڪاريندا ٿا رهن، ۽
اسان جا تارا بي‌انت پولار ۾ اڀتي ۽ نت اڀتي وڌندا ٿا رهن.
ائين معلوم ٿو ٿئي جڙ تہ خود شطرنج جا بادشاهہ ۽ وزير سڄي
بساط تي گشت ڪرڻ لاءِ پنهنجن پنهنجن خانن مان قدم رنج
فرمائي، ٻاهر نڪري چڪا آهن.

هُو، شاعر ڇا چيو آهي؟ 'او! صبح جا ڦهريان ساهہ
سيبائيندڙ ڪرٽا...'

ائنبري:

'او! اڀرندڙ سج جا ڦهريان ساهہ سيبائيندڙ ڪرٽا!
'او! نئون ۽ ڏورانهن ڪنارن جي هوا جي مست سڱنڌ!'

پر ڦهرين توهين ڪير ٻي ڇڏيو! نہ تہ اڃهي ٿا وري ماٺهو
اڇڻ شروع ڪن.

گليلو: ڪالهہ جيڪي توکي ٻڌايو هوم، سو تو سمجهيو؟

آئنبري: ڇا؟ هوءَ ڪاپرنيڪس جي ڳالهہ، ۽ هُن جي گردش بابت؟

گليلو: هائو.

آئنبري: نہ. اِها آءٌ ڪيئن سمجهي سگهندس! اِها تہ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ
آهي. آءٌ اڃا يارنهن سالن جو ئي مس ٿيو آهيان.

گليلو: آءٌ خاص طرح توکي ٿو چوان تہ تون اِها ڳالهہ سمجهہ، ۽
اِنهيءَ ڪري تہ آءٌ ايترو ڪر ٿو ڪريان ۽ ڪير واري ڪي ڏيڻ
ٻدران هيترا مهانگا ڪتاب ٿو وڻان ــ تہ جيئن توَ جهڙا سڄاڻ
۽ سهڻا جوان اِها ڳالهہ سمجهي سگهن.

ائنبري: پر آءٌ تہ اڪثين ڏسان ٻيو تہ صبح جو سج جتي هو، سانجهيءَ

مهل آتي نہ پر ٻيءَ جاءِ تي ٻيئو آهي. ٻوءِ آءٌ ڪيئن چوان تہ آهو هڪ هنڌ ٻيئو آهي؟ سمجهان ٻہ تہ آخر چا سمجهان!

گليلو: تون ڏسين ٿو! چا ٿو ڏسين؟ تون ڪجهہ نٿو ڏسين. تون رڳو اکيون ڦاڙي ٻيو نهارين. اکيون ڦاڙي نهارڻ کي ڏسڻ ڪونہ چئبو آهي. [هو لوهہ جي گينڊي کڻي، ڪونيءَ جي وچ تي رکي ٿو.] چڱو، سمجهہ تہ هيءُ سچ آهي. هاڻي ويهي رهہ. [آئنڊري هڪڙيءَ ڪرسيءَ تي ويهي ٿو رهي. گليلو هن جي پٺيان ٿي ٻيهي ٿو.] هاڻي ٻڌاءِ، سچ ڪٿي آهي؟ تنهنجي ساڃي پاسي آهي يا ڪاڃي پاسي؟

آئنڊري: ڪاڃي پاسي.

گليلو: اِهو هاڻي تنهنجي ساڃي پاسي ڪيئن، ايندو؟

آئنڊري: توهين کڻي ان کي منهنجي ساڃي پاسي رکو - بس!

گليلو: چا، اِن جو رڳو اِهو ئي هڪ رستو آهي؟ [ڪرسيءَ سوڌو هڻي کي متي کڻي، اڌ ڦيرو ڏياري، آتي ئي رکي ٿو چڏيس.] هاڻي ٻڌاءِ، سچ ڪٿي آهي؟

آئنڊري: منهنجي ساڃي پاسي!

گليلو: پلا اِهو ڪجهہ چُريو؟

آئنڊري نہ! بلڪل نہ!

گليلو تہ ٻوءِ ڪير چُريو؟

آئنڊري آءٌ چُريس.

گليلو [دانهن ڪري]: غلط، احمق! ڪرسي چُري.

آئنڊري: پر آءٌ ٻہ تہ آن سان ئي گڏ ويس.

گليلو: برابر، تون آن سان گڏ وئين. ائين سمجهہ تہ هيءَ ڪرسي ڏرتي آهي. ءِ تون اِن تي وينو آهين.

سينورا (مائي) سارتي [پستري ٽيڪ ڪرڻ لاءِ اندر ائي آهي ءِ لقاءُ ڏسي رهي آهي]: اي گليليَ سائين! ڪجهہ خيال ڪريو! اِهو منهنجي پٽ کي چا ٻيا ڪريو؟

گليلو : مائي سارتي ، ڏسڻ ٿو سيڪاريانس.

سينورا سارتي: ڏسڻ ٿا سيڪاريوس! سو ڪرسيءَ سوڌو کوڻيءَ ۾ ڪٽي پيا ڦيرايوس!

ائنڊري: آسان، تون مٿ ڪر. تون نٿي سمجهين.

سينورا سارتي: آءٌ نٿي سمجهان؟ پر تون سمجهين ٿو، هان؟ ـ گليلي سائين، هڪڙو جوان نينگر پڙهڻ آيو آهي. ڪپڙين لٽي ٿهيل آهي، ۽ سفارش جو به کو خط ساڻ اٿس. [آهو هن کي ڏئي ٿي.] توهين ته منهنجي ائنڊريءَ کي سياڻي سيکاريندا ته به ۽ به پنج ٽا ٿين! توهان کان پٽي، هڪ جي ٻي ته هونئن ئي ڪيو وينو آهي. هاڻي ڏسوس، ڪالهه شام جو مون کي وينو آهي سمجهائڻ ته ڏرتي ٿي سڄ جي چوڌاري ڦري! ڪاپرنيڪس نالي کو چڱو مڙس ڪٽي ٻڌو اٿس ته آنهي اِئين ڏنو آهي!

ائنڊري: استاد گليلي، ڪاپرنيڪس اِئين ثابت ڪين ڪيو آهي؟ توهين پاڻ امان کي ٻڌايو.

سينورا سارتي: چا! سو، توهين سڄ پڄ هيءَ بڪواس هين کي سيکاريو ٿا؟ ته هيءُ سڄي اسڪول ۾ اِها بڪ بڪ ڪندو وتي! ۽ سياڻي پادري سڳورا ڊوڙندا مون وٽ اچن ته جهل پنهنجي هن سياڻي پٽ کي، جو ڪفر ٿو ٻڪي! گليلي سائين، توهان کي ڪجهه ته خيال ڪرڻ گهرجي.

گليلو : امان جيڪي ڪجهه ڏنو آهي ۽ جانچيو آهي — ۽ اسين، سينورا سارتي، اِن تي وڙهيا جهڙيا به ڏاڍا آهيون ـ آن مان ائنڊريءَ ۽ مون اهڙا ڪي سچ لڌا آهن، جيڪي دنيا کان لڪائي نٿا سگهون. سچ پچين ته اسان جي دنيا ۾ نئين دور جو پهريون سج اُپري چڪو آهي — اهڙو هڪ عظيم دور، جنهن ۾ نلهو جيئڻ به ثواب آهي.

سينورا سارتي: چڱو چڱو! پر اميد ته هن نئين دور ۾ اسين کير واري جا پيسا ڏيئي سگهنداسين. [سفارش واري خط ڏانهن اشارو ڪندي.] سائين گليلي، هڪڙي سا مون تي مهرباني ڪجو ـ ڏسجو متان

اِنهي کي به موڙائي ڇڏيو. مون کي کير جي پسن جي ڏاڍي ڳڻتي آهي. [وڃي ٿي.]

گليلو [ڪلندي]: پهرين مون کي کير پيئڻ ته ڏي! [آئنبريءَ کي:] تنهن جي معنيٰ ته ڪالهه اسان کجهه نه ڪجهه ڳالهه سمجهي هئي!

آئنبري: مون هن کي رڳو تپرس ۾ وجهڻ لاءِ اِها ساڻس ڳالهه ڪئي هئي. پر مون کي اِها صحيح ڳالهه ڪانه ٿيي لڳي. آءٌ جڏهن ڪرسيءَ ۾ هوس، تڏهن توهان آن کي رڳو ڪول ڦيرو ڏنو ـ پر هيٺن نه [ڦنڊجيءَ پاڻهن سان آيو ڦيرو ڏيئي ڏيکاري ٿو.] ڇاڪاڻ ته جي اِئين ڪيو ها، ته آءٌ ڪِري پوان ها، ۽ اِها حقيقت آهي. توهان ڪرسيءَ کي اِئين اونڌو ڇو ڪين ڦيرايو؟ ڇاڪاڻ ته پوءِ اِهو ثابت ٿئي ها ته جي ڏرتي اِئين ٿي ڦِري، ته جيئن آءٌ ڪرسيءَ تان ڪري پوان ها تيئن ڏرتيءَ تان ۽ ڪري پوان ها. ڳالهه اِها آهي!

گليلو: پر آهو ته توکي ثابت ڪري ڏيکاريو هوم...

آئنبري: پر ڪالهه رات، سوچيندي، مون اِئين ڏٺو ته جيڪڏهن سچ پچ ڏرتي اِئين ٿيي ڦري، ته رات جو ته، ٻئو هيڪ ٽنگون ستي، آءٌ ڏرتيءَ تي اونڌو ٽنگيو پيو هوندس. ۽ اِها حقيقت آهي.

گليلو [ميز تان صوف کڻندي]: هاڻي ڏس، هيءَ ڏرتي آهي.

آئنبري: سائين گليلي، اهڙا مثال نه ونو. اِنهن سان توهين هر ڳالهه ثابت ڪري ٿا وجو.

گليلو [صوف واپس رکندي]: بلڪل صحيح.

آئنبري: توهين هوشيار آهيو، ۽ مثالن سان ته سيکجهه ڪري ٿا سگهو. پر آءٌ ته امڙ کي ڪرسيءَ ۾ ويهاري، اِئين گهمائي نٿو سگهان، جيئن مون کي توهان گهمائي ڏيکاريو. اِنهيءَ ڪري، توهين پاڻ ڏسو نا! ته اِهو کهڙو نه خراب مثال آهي! پلا، جي صوف ڏرتي آهي، ته به ڇا؟ اِها ڪا ڳالهه ڪانهي.

گليلو [ڪلي ٿيو]: تون ڇاڻ نه ٿو گهرين.

آئندري: پلا وري صوف کٹو. آڳ رات جو، متو هيٺ ٽنگون متي، اڻين ٽنگجي چو نہ ٿو ٻيهان؟

گليلو: نيڪ، هيءَ ڏس ڏرتي آهي، ۽ هيءُ تون آن تي ٻيٽو آهين. [ماڇيس جي تيلي صوف ۾ ٽنبي ڏيکاريس ٿو.] ۽ هاڻي ڏرتي ڦري ٿي.

آئندري: ۽ هاڻي آڳ، متو هيٺ ٽنگون متي، آٻتو ٽنگيو ٻيٽو آهيان.

گليلو: سو ڪيئن؟ پهرين ڏيان سان ڏس. تنهنجو متو ڪٿي آهي؟

آئندري [صوف ڏانهن اشارو ڪندي]: هتي. اِهو هيٺ.

گليلو: ڇا؟ [صوف کي ڦيرائي اڳيئن وانگر جهلي ٿو.] تنهنجو متو جتي هو آٿي ڪونهي؟ تنهنجا پير ساڳيا هيٺ پٽ تي ڪونهن؟ جڏهن صوف کي ڦيرايو، تڏهن تون هيئن ٿي پيو هئين ڇا؟ [ماڇيس جي تيلي صوف سان ڪيي، آٻتي آن تي جهلي ڏيکاريس ٿو.]

آئندري: نہ، پوءِ ڏرتيءَ کي ڦرندي آڳ چو نہ ٿو محسوس ڪريان؟

گليلو: ڇاڪاڻ ته تون پاڻ ۾ ڏرتيءَ سان گڏ ٿو ڦرين - تون، ۽ تنهنجي چوڌاري جيڪا هوا آهي، آها، ۽ جو ڪجهہ ڏرتيءَ جي گولي تي آهي آهو سڀ.

آئندري: ۽ اِئين پلا چو ٿو ڏسڻ ۾ اچي، ته جڏ سچ آهي، جو پيو ٻلي؟

گليلو [ماڇيس جي تيليءَ ٽنبيل صوف کي وري ڦيرائي ٿو]: هاڻي هيٺ ڏس. ڇا ٿو ڏسين؟ ڏرتي. اِها سڌائين اِئين تون پنهنجن پيرن ۾ هيٺ ڏسين ٿو. ۽ جيستائين تنهنجو آن سان واسطو آهي، ته اِها بلڪل ڪاڪ تي چري. پر هاڻي، تون متي ڏس. هاڻي تنهنجي متان ٻتي آهي. پر هاڻي، جو آڳ ڏرتيءَ کي ڦيرايان ٿو، ته تنهنجي متي جي متان هاڻي ڇا آهي - يعني متي، تنهنجي متان؟

آئندري [هيٺ نيمي، پنهنجو متو هيٺ ڪري ٿو ڏسي]: چُلهو.

گليلو: ۽ ٻتي ڪٿي آهي؟

آئندري: هيٺ، ٻئي پاسي منهنجي پيرن جي هيٺان.

گليلو: بس ڳالهہ اِها آهي.

آئنبري: واهہ واهہ! هي ڏسي تہ هوءَ حيرت ۾ پئجي ويندي.
[ليُوڊو وِکو مارسيلي، دولتمند جوان، اندر اچي ٿو.]
گليلو: هيءَ جاءِ بس هڪ هَل هَلائو چڱواڻي وانگر آهي.
ليوڊو وکو: سائين، صبح مبارڪ! منهنجو نالو ليُوڊو وِکو مارسيلي آهي.
گليلو [سفارشي خط پڙهندي]: تون هالنڊ ۾ رهيو آهين؟
ليوڊو وکو: آتي ٿي، سائين گليلي، مون توهان جو نالو ٻڌو هو.
گليلو: هتي، ڪمپانا ضلعي ۾، تنهنجون اباڻيون جاگيرون آهن؟
ليوڊو وکو: منهنجي ماءُ جو چوڻ آهي تہ مان ٻاهر نڪري ڏسان وائسان تہ دنيا ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، وغيره.
گليلو: ۽ تو هالنڊ ۾ ٻڌو تہ، مثال طور، آڱ هتي اٽليءَ ۾ ٿي رهيو آهيان؟
ليوڊو وکو: ۽ ڇاڪاڻ تہ منهنجي ماءُ جو چوڻ آهي تہ مان ڪجهہ سائنس جي دنيا کي ٻہ ڏسي وٺان.
گليلو: خانگي ٽيوشن، ڏهہ رپيا ماهوار.
ليوڊو وکو: ٺيڪ آهي، سائين.
گليلو: ڇا ۾ تنهنجي دلچسپي آهي؟
ليوڊو وکو: گهوڙن ۾.
گليلو: هان!
ليوڊو وکو: پڙهڻ ۾ آڱ ايڏو تيز ناهيان، سائين گليلي.
گليلو: برابر، اِن حالت ۾ ماهوار پندرهن رپيا ٽيندا!
ليوڊو وکو: بلڪل ٺيڪ آهي، سائين.
گليلو: آڱ توکي صبح جو سوير پاڙهيندس. تنهنجو آئنبري، اِهو نقصان ٽيندو، ڇاڪاڻ تہ توکي ٻوءِ پاڙهي نہ سگهبو. سمجهين ٿو نہ! تون في ٻہ تہ ڪونہ ٿو ڏين.
آئنبري: چڱو، آڱ وجان ٿو. پلا، صوف ڪٽي وجان؟
گليلو: هائو.
[آئنبري وڃي ٿو.]

ليو ڊو وڪو: سائين، سون سان توهان کي ڏاڍو مٺو ۽ هٿو پوندو. خاص طرح اِنهيءَ ڪري، جو هر ڳالهه عام سمجهه ۾ جيئن اچي ٿي، سائنس ۾ آها وري ٻيءَ طرح جي هوندي آهي. مثال طور هُو ڪيل جهڙو ٽيوب ٿي ٿا وڻون، جيڪو آسٽرڊام ۾ اڇلهه وڪامي رهيو آهي. سون اُن کي ڇڪيءَ طرح جانچي ڏنو هو. ڇا هو؟ بس سائي چمڙي جي هڪ ڪوٽري هئي، جنهن ۾ ٻه شيشا پيل هئا، هڪڙو هيٺ - [هٽن جي اشاري سان پيٽل شيشي جو ڏس ڏئي ٿو] - ۽ هڪڙو هيٺ - [آپٽيل شيشي جو ڏس ڏئي ٿو]. سون آتي ٻڌو ته هڪڙو شيشو شين کي وڌائي ويڏو ڪري ڏيکاري ٿو ۽ ٻيو اُنهن کي گهٽائي ننڍو ڪري ٿو ڏيکاري. هر ڪو سمجهو ماڻهو اِهو ئي سوچيندو ته اِهي ٻه شيشا هڪ ئي ٽيوب ۾ گڏ هوندا ته هڪڙي جي ڪر کي ختم ڪري ڇڏيندا. پر نه، هن ٽيوب مان ڪا شيءَ ڏسن ٿا ته آها پنجوٽي وڏي پيئي ڏسجي! اِها آهي، سائين، اوهان جي سائنس.

گليلو: ڇا ٿي پنجوٽي وڏي ڏسجي؟

ليوڊو وڪو: ديول جي نيل، ڪبوتر، ڪاٻ شيءَ جيڪا پري آهي.

گليلو: تو پاڻ اِن مان ديول جي نيل ڏٺي آهي ته وڏي ٿي ڏسجي؟

ليوڊو وڪو: هائو، سائين.

گليلو: ۽ ٽيوب ۾ ٻه شيشا هئا؟ [پٽي تي هڪڙو خاڪو ڪڍي ٿو.] ٽيوب هڙو هو؟ [ليوڊو وِڪو ڪنڌ ڏوڻي هائو ٿو ڪري.] هيءَ ڳالهه ڪيتري وٽت جي آهي؟

ليوڊو وڪو: اڄ ڏهو پانيان ته پنجن ڇڻن ڏينهن کان وڌيڪ ٿيا هئس. پوءِ ته آڄ هليو آيو آهيان. ڇا ٻه هجي، پر بازار ۾ آئي ڪي گهٽا ڏينهن ڪونه ٿيا هئس.

گليلو [ڪجهه دوستاني نموني]: پلا تون هروپرو طبعيات ڇو سکين؟ گهوڙا پالڻ ڇو نه؟ [سينورا سارتي اندر داخل ٿئي ٿي - گليلو جي نظر مٿس نه پيئي آهي.]

ليوڊو وڪو: منهنجي ماءُ جو چوڻ آهي ته ڪجهه سائنس جي هڪيا ضروري آهي. توهان کي خبر آهي ته اڄڪلهه هر ڪو آڻندي ويهندي، هر هنڌ، سائنس جي مڙيئي ڳالهه ڪري ٿو.

گليلو: اِن کان ته تون کا پراڻي مثل پوليِ يا دينيات جو علم ئي ڪٽي سگهين ٿو. اِهي سولا مضمون آهن. [سينورا سارتيءَ تي نظر پويس ٿي.] چڱو، بلڪل چڱو، تون اڳاري ڏينهن کان وڃي ايندو ڪج - صبح جو سوير.

[ليوڊو وڪو وڃي ٿو.]

گليلو: اِئين مون ڏانهن نه ڏس. هائو ڪئي اتمانس.

سينورا سارتي: چاڪاڻ ته مون تي نظر پڄي وئي. باهر يونيورسٽيءَ جو ڪيوريٽر بيٺو آهي.

گليلو: اندر آڻينس. اِهو ته وڏي شيءِ آهي. منهنجي پنج سؤ رپين جي وٽس ڳالهه آهي. پوءِ ته ٽيوشن ڏيڻ جي لوڙ کان به ڇٽي پئبو.

[سينورا سارتي ڪيوريٽر کي آڻي ٿي. گليلو ڪپڙا بدلائي چڪو آهي، ۽ پني تي شڪليون ڪيي رهيو آهي].

پلي آيا! آڏيو ته ڪيجو. آڏارو. [ڪيوريٽر، ڪُسندي، ڪيسي هٿ وجهي ٿو ۽ آڏيو ڪيي ڏئيس ٿو. آڏيو وڃي، هو سارتيءَ کي ڏئي ٿو.] سارتي، آئنڊريءَ کي موڪل ته ڊوڙ پائي عينڪن واري کان به شيشا ته وڃي اُچي: هان هي وڃ، اُنهن جا خاڪا.

[سارتي ڪاغذ وڃي، باهر وڃي ٿي.]

ڪيوريٽر: اوهان پگهار وڌائي هڪ هزار رپيا سالياڻو ڪرڻ لاءِ جيڪا درخواست ڪئي آهي، اُڃ اُن سلسلي ۾ آيو آهيان. افسوس، جو اُڃ يونيورسٽيءَ کي اوهان جي درخواست قبولڻ جي سفارش نٿو ڪري سگهان. اوهان کي خبر آهي ته هن وقت يونيورسٽيءَ ۾ علم رياضيءَ جي ڊپارٽمينٽ جو مانُ ڪونهي. اِئين به ناهي ته اسان جي جمهوري حڪومت کي اُن جو پورو قدر ڪونه ٿي ڪري. پر اوهان چاڻو ٿا ته علم رياضي ته فلسفي جيتروڻ ضروري

آهي ۽ نہ دينيات جيترو مفيد ۽ ڪارائتو ـ جيتوڻيڪ اُن جي پرستارن کي اُن مان گهڻي خوشي حاصل ٿئي ٿي.

گليلو [ڪاغذن کي پڙهندي]: پر، خدا جا بندا، پنجن سوَن رپين ۾ منهنجو گذارو نٿو ٿي سگهي.

ڪيوريٽر: پر، استاد گليلي، اوهين هفتي ۾ بن بن ڪلاڪن جا رڳو به ليڪچر ڏيو ٿا. اوهين مشهور عالم آهيو. اوهان جو ٽالو پڌي گهٽائي شاگرد اوهان خانگي ٽيوشن لاءِ ايندا هوندا. اِئين اوهين جيترا گهرو اوترا خانگي شاگرد رکي سگهو ٿا. اُنهن مان اوهان کي ڪافي پيسا ملي سگهن ٿا. اوهان وٽ خانگي شاگرد نہ آهن ڇا؟

گليلو: آهن، گهٽائي آهن. رڳو پيو پڙهايان ۽ پڙهايان. پر پنهنجي پڙهڻ جو وقت ڪٽان آڻيان؟ خدا جو سُنهن، مان سيکڇهه ته ڪونہ ٿو ڄاڻان، جيئن فلسفي جا استاد سيکڇهه ڄاڻن ٿا. آءٌ اڃاڻ آهيان، ڪجهه نٿو سمجهان. مون کي پنهنجي علم جا خال پرٽا آهن. ۽ آهو ڪم پلا آءٌ ڪهڙي وقت ڪريان؟ ڪوجنا ۽ تحقيق ڪڏهن ڪريان؟ سائين ڪيوريٽر صاحب، منهنجي سائنس اڃا علم جي ٻُڪي آهي، ڄاڪاڻ ته اسان وٽ اسان جي اعليٰ ڪان اعليٰ بسئلن جا جواب اڃا تائين رڳو مفروضا ئي مفروضا آهن. ۽ اُنهن مفروضن لاءِ هاڻي اسين ثابتيون ٿا گهرون. ۽ آءٌ اڳتي ڪيئن وڌان، جڏهن سڄو وقت رڳو چند رپين خاطر هِنن بي مغزن جي مٿي ۾ هيءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهان ته پور وچوٽ ليڪون بي انت نقطي تي پاڻ ۾ گڏجي وڃن ٿيون؟

ڪيوريٽر: اوهان کي ڪڏهن به وسارڻ نہ گهرجي ته جيتوڻيڪ ڪن بادشاهتن ڪان اسان جي جمهوري راج ۾ پيسا گهٽ ملن ٿا، پر هتي اسان وٽ علم جي تحقيق جي پوري آزادي آهي. هتي پيڍوئا ۾ اسين خود پروٽيسٽنٽن کي به پنهنجي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ڏيون ٿا. ڪيٿولڪ اسان جي ليڪچرن هٽڻ جي منع ڪانهي. اسين هنن کي

فلسفي جي ڊاڪٽريءَ جون ڊگريون ۽ ڏيون ٿا. اسان نہ رڳو استاد سريمونيءَ کي مقدس ديني عدالت جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ـ جيتوڻيڪ اسان جي اڳيان ثابت ڪيو ويو ـ استاد گليلي، **ثابت ڪيو ويو ـ** تہ هو ملحدانہ ڳالهيون ڪري ٿو ـ پر اسان پاڻ هن کي پگهار ۾ اضافو ڏنو. پري پري، هالنڊ تائين به، اها ڳالهہ مشهور آهي تہ وينس جي جمهوري راج ۾ مقدس ديني عدالت جي هلندي کانهي، ۽ اها ڳالهہ خاص ڪري اوهان لاءِ بيحد اهم هئڻ کپي، چاڪاڻ تہ اوهين فلڪياتي علم جا عالم آهيو، ۽ اوهان جي هن سائنس گهٽي وقت کان ڪليسائي شريعت جي تعليمات جو احترام چڏي ڏنو آهي!

گليلو : اوهان جي ماڻهن هيٺ ئي تہ استاد برونو کي رومي حاڪمن جي حوالي ڪيو هو. چاڪاڻ تہ هن ڪاپرنيڪس جي تعليم تي ڏني تہ ڌرتي گول آهي.

ڪيورٽر: اِنهيءَ ڪري نہ تہ هن ڪاپرنيڪس جي تعليم ٿي ڏني، جيڪا بهرحال ڪوڙي آهي، پر چاڪاڻ تہ هو وينس جو شهرواسي نہ هو، ۽ هو اسان وٽ ملازمت ۾ به ڪونہ هو. اِنهيءَ ڪري، اوهين پنهنجي سلسلي ۾ هن ماڻهوءَ جي ڳالهہ نہ ڪريو، جنهن کي تہ پوءِ جيئري جلايو ويو هو. ڳالهہ نڪتي آهي، تہ اوهان کي سهڻي صلاح ٿا ڏيون تہ اوهين اهڙي ماڻهوءَ جو ايترو ڏاڍيان نالو به نہ وٺو، جنهن تي ڪليسا جو تعزيز هو ۽ فتوا نڪتل هئي تہ هو ملحد ۽ ڪافر هو. اِها ڳالهہ، استاد گليلي، هيٺي به ڪانہ ڪبي. نہ، خود هيٺي به نہ.

گليلو : خيال جي آزاديءَ جي هيءَ ضمانت اوهان لاءِ وڏو فائديمند ڪاروبار ٿيو، هائو نہ! ٻئي هنڌ مقدس ديني عدالت جي خدائي فوج جو زور آهي، جا ماڻهن کي جيئري ساڙي ٿي ـ اِها ڳالهہ پڌائي، اوهين پنهنجي لاءِ سنا ۽ سستا استاد هٿ ڪريو ٿا. مقدس ديني عدالت جي خدائي فوج کان بچاءَ جي عيوض اوهين ماڻهن کي

گهٽ پگهار ڏيئي، پنهنجي خزاني جي بچت ڪريو ٿا.

ڪيوريٽر: اِها بي انصافي آهي، استاد گليلي، بي انصافي! اوهين پاڻ ئي چئو ته اوهان کي تحقيق لاءِ پلا ايترو سارو جو وقت ملي، ته اُن جو ٻيٽ اوهان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو - جيڪڏهن مقدس ديني عدالت جي خدائي فوج جو هڪڙو جاهل ۽ جاهل پادري به اوهان جي خيال تي بندش وجهي ڇڏي؟ اوهان کي ته خبر آهي، استاد گليلي، ته جيئن ڪو گلاب جو گل ڪونهي جنهن ۾ ڪنڊا نه هجن، ساڳيءَ طرح ڪوبه بادشاهه ڪونهي، جنهن وٽ پير ۽ پادري نه هجن.

گليلو: ۽ تحقيق ڪرڻ لاءِ وقت نه هجي، ته تحقيق جي آزادي ڪهڙي ڪم جي؟ پلا هتي تحقيق جي **نتيجن** جو ڪهڙو ٿو حشر ٿئي؟ چڱو، اوهين ئي يونيورسٽيءَ جي سينيٽرن کي هي "ڪرندڙ جسمن جي قاعدن" تي منهنجي تحقيق جا نتيجا ڏيکاريو [پنهنجي هٿ لکيل ڪاغذن جي بنڊل ڏانهن اشارو ڪري ٿو]، ۽ ڇوِن ته چا اِهي ڪجهه زياده رپين جي لائق نه آهن؟

ڪيوريٽر: استاد گليلي، اِهي ته شمار کان وڌيڪ رپين جي لائق آهن.

گليلو: سائين منهنجا، رڳو پنج سؤ رپين جا، شمار کان وڌيڪ رپين جا نه.

ڪيوريٽر: رپيا ايتري جا لائق آهن، جيترو آهي خريد ڪن ٿا، جيڪڏهن اوهان کي پيسا گهرجن، ته اوهين پي ڪا شيءِ پيدا ڪريو. چو ته جيڪو علم اوهين وڪڻو ٿا، اُن جي قيمت آها ئي اوهين گهري سگهو ٿا، جيترو نفعو اُن جي خريدارن کي اُن مان ملي سگهي. مثال طور گلارينس ۽ استاد ڪولمبو جيڪو فلسفو وڪڻي رهيو آهي، اُن مان آتان جو بادشاهه ڏهه هزار رپيا ساليانا ڪمائي رهيو آهي. اسين مڃون ٿا ته اوهان جا "ڪرندڙ جسمن جا قاعدا" ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويا آهن. ماڻهو پُرس ۽ ۽ ٻراگ ۾ اُنهن کي پيا واکاڻين. پر جيڪي چڱا مڙس آتي اُنهن

جيڪا واڪاڻ ٿا ڪن، آهي پيدوئا يونيورسٽيءَ کي کا روڪڻ ٿوري ٿا ڏين، جنهن مان اوهان جا پگهار ڀرجي سگهن. استاد گليلي، اوهان اِهو رياضيءَ جو علم جيڪو ڪنيو آهي، سچ پچو ته ڏوهه اُن جو آهي.

گليلو: مون سمجهيو. آزاد واپار، آزاد تحقيق. تحقيق جو آزاد واپار، اِئين نه؟

ڪيوريٽر: پر استاد گليلي! هي چا ٿا چئو! معاف ڪجو، اڄ اِهي اوهان جا مزاحي گفتا سمجهي نٿو سگهان. اسان جي جمهوري راج جي وڏندڙ واپار تي اِئين اوهان کي ٽوڪون ڪرڻ نه گهرجن. خود علمي تحقيق بابت اڄ، جيڪو هيترا سال يونيورسٽيءَ ۾ ڪيوريٽر ٿي رهيو آهيان، اهڙين هلڪين ڳالهين ڀڻڻ لاءِ تيار ناهيان. [اِتي گليلو پنهنجي ميز تي پنهنجن ڪليل ڪتابن ۽ نوٽبڪن ڏانهن گهٽيءَ اڪير سان ڏسي ٿو.] اوهان کي ٻاهرين دنيا جي حالتن کي به ڏيان ۾ رکڻ گهرجي: ڪيترن ملڪن ۾ اڄ تعليم قيد آهي ۽ اُن تي پهرا آهن - پهرا، جيڪي جهالت طرفان علم تي ٻيهاريل آهن. اُنهن ملڪن ۾ ماڻهن کي اِها به اجازت ڪانهي، جو هو سمجهن ته پٿر هيٺ ڪيئن ٿو ڪري؛ اُن لاءِ به ڪين فقط اِئين چوڻو آهي جيئن ڪڏهن ارسطوءَ چيو هو. پڙهيل ماڻهن جي اڪين کي رڳو پڙهڻو آهي - اُهو جو ڪين پڙهڻ لاءِ ڏنو ويو. "ڪرندڙ جسمن جي قاعدن" کي سمجهڻ مان ڪهڙو فائدو، جڏهن ضروري ۽ فائدي واري ڳالهه اِها آهي ته ماڻهو سڀ پيرن تي ڪرندا رهن. اِنهن حالتن کي ڏسندي، هيءَ ڪيتري نه خوش نصيبيءَ جي ڳالهه آهي، جو اسان جو جمهوري راج اوهان جي هر خيال کي خوشيءَ سان قبولي ٿو، پوءِ اُهو ڪيترو به نٽون ۽ چرڪائيندڙ ڇو نه هجي. هتي اوهين تحقيق ڪري سگهو ٿا. ڪو به اوهان تي چوڪسي ڪونه ٿو رکي، ڪو به اوهان کي ڪونه ٿو ڊپائي ۽ ستائي. اسان جي واپارين

جي فلارينس جي واپارين سان چتا پيتي آهي ۽ هنن کي، سني ڪپڙي جو قدر آهي، جيڪو اوهان جي ايجاد ڪيل آڏاڻي تان آڻجي ڪين ملي ٿو. اسان جا وڏا وڏا نامياريا شهري اوهان جا اهڙين ڪر وارين ڳالهين ڪري شڪرگذار آهن؛ هو اوهان وٽ اچن ٿا ۽ اوهان جي ڪيل ڪوجنائن ۽ ٺهيل اوزارن جي ڪر جو مشاهدو ڪن ٿا؛ ۽ اهي سڀ شريف ۽ وڏا ماڻهو آهن، ۽ انهن جو وقت بيحد قيمتي آهي. تنهنڪري، استاد گليلي، واپار کي نيچ نه سمجهو! ڪو به هتي ائين نه چاهيندو ته اوهان جي ڪر ۾ ڪو رخنو پوي يا ان ۾ اوهان جي آڏو ڪي تڪليفون اچن ۽ ڪن ماڻهن جي اوهان جي ڪر ۾ ڪا دخل اندازي ٿئي. استاد گليلي، اوهان کي ميڙو پوندو ته هتي اوهين گهڻو ڪر ڪري سگهو ٿا.

گليلو [بيزار ٿيندي]: هائو.

ڪيوريٽر: ۽ جي نفعي جي ڳالهه آهي، ته جيئن اڳي هڪڙو نئيڙو سهڻو اصطرلاب ٺاهيو هئو، جنهن سان رياضيءَ جو اڀياس ماڻهو به [آگرين تي ڀڻي ڏيکاري ٿو]- سڌيون ليڪون ڪيي سگهي ٿو، موڙيءَ تي گڏيل وياج لهي سگهي ٿو، نقشا ۽ خاڪا الڳ الڳ پيمائن جا ٺاهي سگهي ٿو، ۽ توبن جي گولن جا وزن ڪڍي سگهي ٿو - تيئن وري به اهڙي ڪا فرسٽ ڪلاس **ڪمائڻي** شيءِ چو نٿا جهٽ ۾ ايجاد ڪري ونو!

گليلو: آهو ته هڪ راندڪو هو!

ڪيوريٽر: جنهن شيءِ جمهوريه جي بزرگ ماڻهن کي به حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي، ۽ جيڪا بازار ۾ روڪڙ تي هٽو هٽ وڪامي رهي آهي، ان کي اوهين راندڪو ٿا چئو! مون ته پڌو آهي ته جنرل اسٽيفانو گرزي به ان تان وڏن وڏن انگن جو ٻيو سؤل ڪيو وڃي!

گليلو: واقعي اهو ته معجزو ٿيو! - بهرحال، منهنجا دوست، تو سون

کي سوچ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. نيڪ آهي، يارا جهڙي شيءِ تو چئي آهي، آهڙي شايد هتي ئي منهنجي هٿ ۾ آهي. [هو ڪاغذ کڻي ٿو، جنهن تي خاڪو نڪتل آهي.]

ڪيوريٽر: ڇا، اهڙي شيءِ آڻيو؟ تہ پوءِ وات [ها] آهي [آڻي ٻيهي ٿو.] استاد گليلي، اسان کي خبر آهي تہ اوهين عظيم شخص آهيو، واقعي عظيم، پر - جيڪڏهن اِنهي چوڻ جي مون کي اجازت هجي - اوهين کجهہ ضرورت کان وڌيڪ ناراض ۽ مايوس ٿيو آهيو.

گليلو: هائو، آءٌ ناراض آهيان، ۽ جيڪڏهن اوهان کي کو عقلِ هجي، تہ اوهين **آن** جو ئي مون کي هوند معاوضو ڏيو. ڇاڪاڻ تہ آءٌ پاڻ سان ناراض آهيان، اوهان سان نہ. پر اِئين ڪرڻ بدران، اوهين مون کي اوهان سان ناراض ٿيڻ تي مجبور ٿا ڪريو. آءٌ سمجهان ٿو تہ اوهان وينس جي چڱن مڙسن اڳيان پاڻ کي ڪمائتي ثابت ڪرڻ ۾ مون کي دل جي وندر برابر ٿئي ٿي، ۽ اوهان جا هٿيار، اوهان جا بندر ۽ اوهان جا بارودخانا وڌن ٿا. پر اوهين مون کي منهنجي دلپسند علم جي ميدان ۾ ڪر ڪرڻ جو کو وقت ئي ڪونہ ٿا ڏيو - ۽ آتي ئي منهنجي ذهن ۾ وڏا وڏا ۽ ڏورانهين ڪر جا خيال، سانوٽيءَ جي پريل ڪرن جيان، آپري اچن ٿا. اوهين جڏ آن ڏيکي جي منهن تي ڇيڪو چاڙهي ٿا ڇڏيو، جيڪو اوهان جي آن جي ٻار اوهان کي ڳاهي ڏئي ٿو! آءٌ چائيتاليهن سالن جو ٿي ويو آهيان، پر جو کجهہ ڪري سگهيو آهيان آن ۾ اهڙي ڪا شيءِ ڪانهي جيڪا منهنجي دل کي خوش ڪري.

ڪيوريٽر: تہ پوءِ مون کي وڌيڪ اوهان جو وقت ضايع ڪرڻ نہ ڪپي.

گليلو: مهرباني.

[ڪيوريٽر وڃي ٿو. گليلو پاڻ کي کي گهڙيون اڪيلو ڏسي، ڪر شروع ڪري ٿو. پوءِ آئينبري ڊوڙندو اندر ٿو اچي.]

گليلو [ڪر ڪندي]: تو اڃا صوف چو نہ ڪاڏو آهي؟

آئنبري: اِنهيءَ لاءِ تہ آمڑ کي آهو ڦيرائي ڏيکاريان.

گليلو: آئنبري، توکي کجهہ چوڻو اٿم. پنهنجن خيالن جو ٻاهر ٻين ماڻهن سان کو ذکر نہ ڪر.

آئنبري: چو نہ ڪريان.

گليلو: اختياريءَ وارن منع ڪئي آهي.

آئنبري: پر اسان جا خيال تہ سچا آهن؟

گليلو: پر هو منع ٿا ڪن. هِن ۾ هڪڙي ٻي ب گاله آهي. اسين طبعي علم جا شاگرد پنهنجون گالهيون، جيڪي سچيون سمجهون ٿا، اجا ثابت ڪري نٿا سگهون. خود استاد وڏي، کاپرنيکس، جي تعليم ب اجا ثابت ٿي نہ سگهي آهي. آها اجا تائين هڪ مفروضو آهي. چگو، اِهي شيشا سون کي ڏي!

آئنبري: آڏيو پورو نہ پيو. وڏيڪ پنهنجو ڪوٽ گروي رکي آيو آهيان.

گليلو: پوءِ تون سياري ۾ ڪوٽ کان سواءِ ڇا ڪندين؟

[ماڻ، جنهن ۾ گليلو، پني تي نڪتل خاڪي جي مٿان شيشا رکي، ڏسي ٿو.]

آئنبري: مفروضو ڇا آهي؟

گليلو: جڏهن ڪا گالهہ سڄي تہ هڻ جهڙي يا ٽيڙ جهڙي آهي، پر اُن جي ثابت ڪرڻ لاءِ گهربل حقيقتون موجود نہ هجن، اُن گالهہ کي مفروضو چئبو. هوءَ سينورا فيلِس، جيڪا گهٽيءَ ۾ سوناري جي دوڪان وٽ ٻار ڪ ۾ ڪنيو بيٺي آهي، ٻار کي کير ڏارائي ٿي ۽ اُلٽو اُن مان کير ڏهي ڪاڌ ٿي - اِهو مفروضو آهي؛ پر سينورا فيلس وٽ وڃي، ڏسي، ثابت ب ڪري سگهجي ٿو تہ سچ پچ اِها گالهہ ائين آهي - تہ اِن مفروضي کي مفروضو نہ پر حقيقت چئبو. پر تارن جي سلسلي ۾ اسين- بنهہ ڪينئن وانگر آهيون، جن جي اکين تي ڏنڊ چاڙيل هجي، ۽ آهي تمام گهٽ ڏسي سگهندا هجن. پراڻيون تعليمون، جن کي هزار سالن کان سڃيو پئي ويو آهي، اڄ ڪري پُري رهيون آهن. ڏسڻ

۾ اِهي وڏا محلات آهن ، پر اِنهن ۾ ايترو به ڪاٺ نه آهي جيترو آنهن ۾ ٽوڻين ۾ آهي ، جيڪي اِنهن کي جهليو بيٺيون آهن . بس رڳو قاعدن جا ڏير آهن ، جن مان سمجهه ۾ ڪا هڪ اڏ ڳالهه به مشڪل اچي ٿي . آنهن جي مقابلي ۾ اسان جو هيءُ نئون مفروضو آهي ، جنهن جا قاعدا ٿورا آهن ، پر آنهن مان گهڻو ڪجهه سمجهي سگهجي ٿو .

آئنڊري : پر توهان سون کي ته هر ڳالهه ثابت ڪري ڏيکاري آهي .

گليلو : هائو ، پر رڳو هيتري ته اِئين **ٿي سگهي ٿو** . تو کي سمجهڻ گهرجي ته هيءُ مفروضو ڏاڍو سٺو آهي ، ۽ ڪابه ڳالهه اِن جي خلاف ڪانهي .

آئنڊري : استاد گليلي ، سائين ، آءٌ علم طبعيات جو شاگرد ٿيندس .

گليلو : ٿيءُ ، پلي ٿي ! — اِسان جي هن ميدان ۾ حل ڪرڻ لاءِ ايترا ته بيشمار سوال آهن ، جو جيترا گهٽا اچي اِن ۾ ڪر ڪن اوترو چڱو . [هو وڏي ، دريءَ ڪان ٻاهر ڏسي ٿو ، ۽ شيشن مان ڏسي ٿو . ڪجهه خوش ٿيندي :] هي ته ڏس ، آئنڊري ، هِن مان ته ڏس !

آئنڊري : اي ڏٺي منهنجا ! هر شيءِ ويجهي اچي ٿي آهي ! هو ديول جو گنبذ ايڏو ويجهو ! — آن تي لڳل پتل جا اکر به پڙهڻ ۾ پيا اچن !

گليلو : اِن مان پاڻ پنج سؤ رپيا ڪمائيندا سين .

(۲)

گليلو وينس جي جمهوريه کي هڪ نئين کوجنا پيش ڪري ٿو

ڪوبہ ماڻهو سچو ٽيڪ ڪونهي:
عظيم گليلو پيٽ گڏر چاهي ٿو.
اوهين اميد تہ رنج نہ ٿيندا،
هن جي دوربينيءَ جي ڀالهہ ٿي اهڙي آهي.

بندر جي پرسان وينس جو وڏو اسلح خانو

[سينيٽر، ۽ آنهن جو اڳواڻ، وينس جي جمهوري راج جو سربراه (داج). هڪڙي پاسي، گليلو جو دوست ساگريدو ۽ ۵، سالن جي ورجينيا گليلو، جنهن جي هٿن ۾ بخمل جو ڪاديلو آهي، جنهن تي انڪل ۽ فوٽ ڏ گهي، ڪرمچي رنگ جي چمڙي سان ڍڪيل دوربيني رکيل آهي. پرسان ٽسلمي تي، گليلو. هن جي پٺيان دوربينيءَ جي بيهارڻ جي گهوڙي، جنهن جي سنڀال لاءِ شيشہ گر قدرزوني بيٺو آهي.]

گليلو: حضور عالي، محترم سينيٽر صاحبو! اوهان جي پيدوئا يونيورسٽيءَ ۾ علم رياضيءَ جي استاد ۽ هتي وينس ۾ اوهان جي وڏي اسلح خاني جي ڊئريڪٽر جي حيثيت ۾، سون هميشہ اهو پنهنجو اولين فرض ڪيو آهي تہ نہ فقط آءٌ پنهنجي اعليٰ تدريسي ذميواري پوري ڪندو رهان، پر پنهنجي عملي کوجنائن وينيلي وينس جي جمهوريہ کي وڏا وڏا ۽ خاص فائدا پڻ مهيا ڪندو رهان. اڄ آءٌ انتهائي خوشيءَ ۽ پوريءَ نيازمنديءَ سان اوهان کي هڪ بلڪل نئون اوزار پيش ڪريان ٿو ۽ آن جي افاديت ۽ استعمال جي اوهان جي اڳيان نمائش ڪريان ٿو.

منهنجي اِن آلي جو نالو ڏور- ڏسڻي -يا دوربيني آهي، جيڪو سون اوهان جي جنگ مشهور وڏي اسلح خاني ۾، اعليٰ ۾ اعليٰ مسيحي سائنس جي اصولن مطابق ٺاهيو آهي، ۽ سون حقير ۽ تقصير، اوهان جي فرمانبردار غلام، جي پورن سترهن سالن جي لڳاتار محنت ۽ خاموش ۽ اوڻ تحقيق جو قل آهي:

[گليلو تَلهي تان لهي اڇي ٿو، ۽ ساگريدو جي پرسان وڃي ويهي ٿو. تاڙيون وڄن ٿيون. گليلو جهڪي، شڪرگذاري ڏيکاري ٿو.]

گليلو [ساگريدو سان، آهستي]: رکو وقت جو زيان!

ساگريدو [آهستي]: ڪاسائيءَ جو قرض ته لاهي سگهندين، منهنجا دوست!

گليلو: هائو. اِن مان هي به ته پيسا ڪمائيندا. [وري جهڪي ٿو.]

ڪيوريٽر [ٽلهي تي چڙهي ويهي ٿو]: حضور عالي، محترم سينيٽر صاحبو! هڪ ڀيرو وري به فنون جي عظيم ڪتاب ۾ شهرت جو هڪڙو صفحو وينس جي سونهري حرفن سان سينگاريو ويو آهي. [مختصر واهه واهه.] هڪڙو دنيا جو نامور عالم اڄ اوهان کي، فقط اوهان کي، هڪڙو هٿون هٽ وڪامڻ جهڙو ٽيوب پيش ڪري ٿو، جنهن کي اوهين جيتري تعداد ۾ چاهيو اوتري تعداد ۾ نهرائي سگهو ٿا ۽ جيئن اوهين چاهيو تيئن بازار ۾ آڻي سگهو ٿا. [وڏيڪ زورائتي واهه واهه.] ۽ اوهين سوچي سگهو ٿا ته هيءَ ڪيڏي نه وڏي ڳالهه آهي، جو جنگ جي وقت دشمن اسان جي جهازن جو نمونو ۽ تعداد معلوم ڪري، اُن کان پورا ٻه ڪلاڪ اڳ اسين، هن آلي جي مدد سان، سندس جهازن جو نمونو ۽ تعداد معلوم ڪري وينداسين، ۽ اِئين دشمن جي طاقت جو اندازو لڳائي، ۽ توري ڪي، فيصلو ڪري سگهنداسين ته ڀيڻي لڙائي ڪرڻ ۾ يا هٿي ڀاڻ بچائڻ ۾ اسان جو فائدو ٿيندو. [تمام زورائتي واهه واهه.] ۽ هاڻي، حضور عالي ۽ محترم سينيٽر صاحبو، استاد گليلي اوهان کي **عرض گذار** آهي ته اوهين سندس هٿينجو ايجاد ڪيل آلو، جيڪو عقل کان وڌ هن جي وجدان جي پيداوار آهي،

هن جي سياڻپ ۽ سڀ وصفين سهڻيءَ ڏيءُ جي هٿان قبول ڪرڻ فرمايو.

[راڳ. ورجينيا وڏي اڳتي اچي ٿي، ادب سان جهڪي ٿي، ۽ ڪيوريٽر کي دوربيني پيش ڪري ٿي، جيڪو آها ونيِ فدرزونيءَ جي هٿن ۾ ڏئي ٿو. فدرزوتي آن کي گهوڙيءَ تي رکي، هيڏانهن هوڏانهن چوري، ٺيڪ ڪري ٻيهاري ٿو. عاليجناب ڊاج ۽ سينيٽر ٽلهي تي چڙهي اچن ٿا، ۽ واري واري سان جهڪي، دوربينيءَ منجهان ڏسن ٿا.]

گليلو [آهستي]: مون کي ڊپ آهي ته هن کيل مان آءٌ مشڪل بچي نڪران. هي ماڻهو سمجهن ٿا ته هيءُ هڪڙو سٺو نفعو ڪمائيندڙ راندڪو ڪين هٽ آيو آهي؛ پر هيءَ شيءِ ئي اور آهي. ڪالهه رات مون ان سان پهريون پيرو چند کي چتائي ڏني آهي!

ساگريدو: آتي چا ڏٺئي؟

گليلو: چند کي پنهنجي روشني ڪانهي.

ساگريدو: چا؟

هڪڙو سينيٽر: استاد گليلي، هتان آءٌ ستنڌا روزيتا جي قلعي جون پتيون پيو ڏسان! - هُتي هُن ٻيڙي جي آڳيل تي هو منجهند جي ماني پيا کائين. تريل مڇي! منهنجو ته وات پيو پاڻي ٿئي.

گليلو: آءٌ توکي چوان ٿو ته فلڪيات گذريل هزارن سالن کان هڪ جاءِ تي ٻيٺي رهي آهي، ۽ هڪ قدم به اڳتي کانه وڌي آهي - چاکاڻ ته اسان وٽ دوربيني کانه هئي.

سينيٽر: استاد گليلي!

ساگريدو: هو تو سان ڳالهائين.

سينيٽر: هن شيءِ سان سچو ملڪ چٽو ڏسجي. آءٌ پنهنجين زالن کي حڪم ڪندس ته اڄ کان سندن چت تي وهنجڻ بند.

گليلو: توکي خبر آهي ته ڪهڪشان ۾ چا آهي؟

ساگريدو: نه.

سينيٽر: استاد گليلي، هيءَ شيءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهين رپئين وڪڻي

سگهجي ٿي.

[گليلو ادب وچان جهکي ٿو.]

ورجينيا [ليوڊو وکو کي پيءُ وٽ وڃي اچي ٿي]: بابا، ليوڊو وکو توهان کي مبارڪ ڏيڻ ٿو گهري.

ليوڊو وکو [منجهي سنجهي]: سائين، توهان کي مبارڪون هجن.

گليلو: مون ان کي سڌاريو آهي.

ليوڊو وکو: برابر، سائين. آءٌ ڏسان ٿو ته اوهان ان جو پوش ڪاڙهو رکيو آهي؛ هالنڊ ۾ آهو سائو هو.

گليلو [ساگريڊو ڏانهن منهن ڪري]: مون پڻي سوچيو ته ڪيئن آءٌ هن وسيلي فلڪيات جو نئون نظريو ثابت ڪري ٿو سگهان؟

ساگريڊو: سنڀالي ڪالهاءِ.

ڪيوريٽر: استاد گليلي، اوهان جا پنج سؤ روپيا پڪا ٿيا.

گليلو [هن ڏانهن ڏيان نه ڏيندي]: سچ پچ ته، آءٌ هن علم بابت توائي ڪالهيون پڌي پڌي، بيزار ٿي پيو آهيان.

[عاليجناب ڊاج، ڪجهه ٽُلهو ۽ ڪجهه لچارو شخص، گليليءَ وٽ هلي آيو آهي، ۽ ساڻس شائستي نموني ڪالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.]

ڪيوريٽر: استاد گليلي، عاليجناب ڊاج!

[ڊاج، گليليءَ جو هٿ وٺي، گرمجوشيءَ سان لوڏي ٿو.]

گليلو: برابر پنج سؤ! ها! ــ حضور عالي، اوهين خوش آهيو؟

ڊاج: بدقسمتيءَ سان، اسان جي جمهوريه ۾ اسان کي سڀائين کو مينهن گهرجي، جنهن تي اسان جا سنيٽر اسان جي لائق عالمن کي ڪجهه ڏيڻ تي راضي ٿين.

ڪيوريٽر: ۽ ائين نه ته، استاد گليلي، اوهان لاءِ بي ڪشش به ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!

ڊاج [مشڪندي]: بهرحال، اسان کي مينهن گهرجي. ازخود اسان مان ڪجهه نه ٿيندو.

[ڊاج ۽ ڪيوريٽر گليلو کي سنيٽرن ڏانهن وٺي وڃن ٿا، جيڪي هن جي

چوڏاري ڏڻي بيهن ٿا. ورجينيا ۽ ليوڊو وڪو چپ چاپ نڪري وڃن ٿا.]

ورجينيا: مون ٺيڪ ڪيو يا نہ ؟

ليوڊو وڪو: منهنجي خيال ۾ سڀ ٺيڪ هو.

ورجينيا: تہ پوءِ توکي ڇا ٿيو آهي ؟

ليوڊو وڪو: نہ، ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي. شايد سائو پوش بہ آهڙو ئي ٺيڪ ٿئي ها.

ورجينيا: آڃ سمجهان ٿي تہ هو سيٽي بابا جي ڪر مان خوش آهن.

ليوڊو وڪو: ۽ آڃ سمجهان ٿو تہ مون ڪجهہ ڪجهہ سائنس کي سمجهڻ شروع ڪيو آهي.

---

(٣)

١٠ جنوري ١٦١٠ع : دوربيني وسيلي گليلو آسمان ۾ اڇو ڪرشمو ڏسي ڏو، جنهن سان ڪاپرنيڪس جو شمسي نظام ثابت ڪئي ڏو. سندس دوست سندس تحقيقات جي خطرناڪ نتيجن کان ڪيس واقف ڪن ٿا، پر هو ماڻهوءَ جي عقل ۾ پنهنجي ايمان جو ڪليو اعلان ڪري ڏو.

جنوريءَ جي ڏهين تاريخ ، سال سورهن سؤ ڏهم :
گليلو گليليءَ جي هٿان ' آسمان ' ختم ٿيو .

پيڊوا شهر ۾ گليلو گليليءَ جي ڪم جو ڪمرو

[رات . گليلو ۽ ساگريدو ، ٽلهن وڻن ڪوڻن ۾ ويڙهيل ، دوربينيءَ مٿان ٻيئل .]

ساگريدو: [دوربينيءَ منجهان ڏسندي ، اڌ پاڻ سان ڳالهائيندي]: هيلال جي ڪنيءَ تہ ڏندائين ، هيڻ مٿي ۽ ڏنگي ڏڏي ڏسجي ٿي!
اونداهي اڌ ۾ ، روشن ڪنيءَ جي ڀرسان ، ڪيترا تہ روشن نشان آهن! ۽ اِهي هڪيئي کان پوءِ سپ چٽا ظاهر ٿيندا پيا وڃن!
اِتان روشنيءَ جا آهاڻ وڏي وڏي ، وڏي روشن اڌ سان ميلي ، آن سان هڪ ٿي وڃن ٿا!

گليلو : اونداهي آڌ ۾ اِنهن روشن نشانن کي تون ڪيئن سمجهائيندين؟

ساگريدو: پر اِئين ٿي ڪيئن ٿو سگهي !

گليلو : پر ، اِئين آهي . اِهي جبل اٿيئي .

ساگريدو: جبل ، ۽ چنڊ ٿي - هڪ تاري ٿي ؟

گليلو : وڏا جبل ، جن جون چوٽيون اپرندي سج جي شعاع پوڻ سان سون وانگر چمڪي پون ٿيون ، ۽ انهن جي آسپاس جبلن جون لاهيون اڃا رات جي اونده ۾ ڏکيون پيون آهن . چوٽين تان اِها روشني تون هيٺ ماڻرين ۾ لهندي ۽ پکڙندي ڏسي سگهين ٿو .

ساگريدو: پر اِن سان تہ گذريل ڏن هزارن سالن جو سڄو فلڪيات جو علم رد ٿي ويجي ٿو .

گليلو : بس ڳالهہ اڃا اِئين آهي . جيڪي تون ڏسين پيو ، آهو سون کان سواءِ ، ٻئي ڪنهن به اڳ ڪونہ ڏٺو آهي . سون کان پوءِ ڏسڻ وارو پيو تون آهين .

ساگريدو: چنڊ ڏرتي ٿي لٿو سگهي ، جنهن تي جبل هجن ۽ ماڻريون هجن ، ۽ نہ وري ڏرتي ئي تارو ٿي سگهي ٿي .

گليلو : چنڊ ڏرتي **ٿي سگهي ٿو** ، ۽ آن تي ڏرتيءَ وانگر جبل ۽ ماڻريون به آهن ؛ ۽ ڏرتي به تارو **ٿي سگهي ٿي** - هڪ رواجي آسماني جسم - هزارن اهڙن جسمن مان هڪ جسم . وري دوربينيءَ مان ڏس ، چانہ چنڊ جو اونده وارو پاڳو بلڪل اونداهو آهي ؟

ساگريدو: نہ . هينئر جو آءٌ ڏيان سان ٿو ڏسانس ، تہ سون کي هن اونده واري پاڳي تي به هڪ قسم جي آودي ، چاڙ جي رنگ جهڙي هلڪي روشني ڇائيل ٻيئي ڏسجي .

گليلو : اِها ڪهڙي قسم جي روشني ٿيي سگهي ٿي ؟

ساگريدو: ؟

گليلو : اِها ڏرتيءَ جي روشني آٿيئي .

ساگريدو: اِها تہ عقل کان باهر ڳالهہ آهي . ڏرتي ٻلا ڪيئن ٿي چمڪي سگهي - جيڪا پڌري پٽ هڪ مِٽل جسم آهي ، جنهن تي جبل آهن ، ٻيلا آهن ۽ سمنڊ ٻيا لهرون هڻن .

گليلو : بلڪل ساڳيءَ طرح ، جيئن چنڊ ٿو چمڪي . هِنن ٻنهي تارن کي سڄ کان روشني ٿي ملي - اِنهيءَ ڪري اِهي چمڪن ٿا .

جيئن اسان لاءِ چنڊ آهي، تيئن چنڊ لاءِ اسين آهيون. ڪڏهن هو اسان کي هلال جي شڪل ۾ ڏسي ٿو، ۽ ڪڏهن سڄو گول جهڙو، ۽ ڪڏهن اسان کي بنهه ڪونه ڏو ڏسي.

ساگريدو: تنهن جي معنيٰ ته چنڊ ۽ ڌرتيءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي؟

گليلو : سو ته هاڻي ظاهر آهي ته ڪونهي.

ساگريدو: اڄا ڏهه سال نه گذريا آهن، جو روم ۾ هڪڙي ماڻهوءَ کي جيئري جلايو ويو هو. هن جو ڏوهه گاربينو برونو هو، ۽ هُن به اِها ساڳي ڳالهه ٿي ڪئي.

گليلو : هُن رڳو ڳالهه ٿي ڪئي، پر اسين هاڻي آها اکين سان ڏسي ٿا سگهون. دوربينيءَ ۾ اک وجهي ٻيهر، ساگريدو. جيڪي تون ڏسين ٿيو، اُن جي معنيٰ آهي ته آسمان ۽ ڌرتيءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي. اڄ جنوريءَ جي ڏهين تاريخ ۽ سال سورهن سؤ ڏهه عيسوي آهي - ٻني نوع انسانَ ۾نهنجي روزنامچي ۾ لکندو ته "اڄوڪي ڏينهن تي آسمان ختر ٿيو."

ساگريدو: اِها ته ڏاڍي خطرناڪ ڳالهه ٿي.

گليلو : سون اڄا هڪڙي بي حقيقت به لڳي آهي. آها شايد اِن کان به وڌيڪ حيرتناڪ ...

سينورا سارتي [اندر اچي ٿي]: سائين، ڪيوريٽر.

[ڪيوريٽر تکو تکو داخل ٿئي ٿو.]

ڪيوريٽر: هيئن آويلو. اڄ تي معافي ٿو گهران. اوهان سان خلاصو ڳالهائڻو اٿر - استاد گليلي.

گليلو : منهنجا عزيز دوست، جيڪي آءٌ پڌي سگهان ٿو، سو منهنجو يار ساگريدو به پڌي سگهي ٿو.

ڪيوريٽر: پر جيڪي ٿيو آهي، آهو اوهان کان سواءِ ٻيو ڪو نه پڌي ته چڱو. افسوس، جو ڳالهه تمام نازڪ ۽ بنهه ويساهه کان ٻاهر آهي.

گليلو : منهنجو يار ساگريدو منهنجي سنگ ۾ ويساهه کان ٻاهر ڳالهين

بٹڻ تي هريل آهي.

ڪيوريٽر: مون کي ڊپ آهي ... مون کي ڊپ آهي ... [دوربينيءَ ڏانهن اشارو ڪندي.] ها ها، اِها، اِها عجوبي شيءِ! اِنهيءَ کي اڳوڻي رستي تي اڇلائي ڇڏيو. اِها ٽڪو به نه لهي، بلڪل هڪ ٽڪو به نه لهي.

ساگريدو [جيڪو ڏاڍو حيران ۽ پريشان، هيڏي هوڏي هلي رهيو آهي]: اوهين هي ڇا ٿا چئو؟

ڪيوريٽر: اوهان کي خبر آهي ته هيءَ اوهان جي ڪوجنا، جيڪا اوهين چئو ٿا ته اوهان جي سترهن سالن جي محنت جو ڦل آهي، سا اڄ اٽليءَ جي گهٽين ۾ چند رپين ۾ عام جام وڪامي رهي آهي. ۽ وڏي ڳالهه ته اِها هالنڊ جي ٿهيل آهي، ۽ هتي پئي وڪامي! هِن محل، بلڪل هِن گهڙيءَ هڪڙو ڊچ جهاز بندر تي پنج سؤ اهڙيون دوربينيون لاهي رهيو آهي!

گليلو: سچ پچ، ڪيوريٽر سائين!

ڪيوريٽر: استاد گليلي، آڪ هيءَ اوهان جي خوشطبعي سمجهي نٿو سگهان.

ساگريدو: اوهين ڇا لاءِ ٿا پريشان ٿيو؟ آڪ ٿو اوهان کي ٻڌايان ته هِنن گذريل ٿورن ڏينهن ۾ استاد گليليءَ هِن آلي جي مدد سان، ڪائنات متعلق اهڙيون انقلابي ڪوجنائون ڪيون آهن، جي دنيا کي ٽرٽلي ۾ وڃهي ڇڏيندیون.

گليلو [ڪلندي]: منهنجا محترم دوست، اوهين پاڻ هِن منجهان ڏسي سگهو ٿا.

ڪيوريٽر: چڱو چڱو، پر آڪ ٿو چوان ته مون لاءِ اِها ئي ڪوجنا ڪافي آهي - مون، جنهن استاد گليليءَ جو پڳهار اِنهيءَ ڳالهه تي وڏرائي ٻيٺو ڪرايو! ۽ آهو به خالص اتفاق ئي هو، جو ڪنهن سينيٽر صاحب، جيئن هِن خسيس شيءِ کي ڏسندي سمجهيو ٿي ته اِها ڏاڍي ڪا قيمتي شيءِ آهي ۽ فقط اسان جي جمهوريه کي ئي اُن جي ناهڻ ۽ فروخت ڪرڻ جو اعزاز ملي رهيو آهي، تنهن بلڪل اُنهيءَ ئي محل اُن مان ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪنهن گهورڙئي کي

اِهو پوپو بنهه ڪلن مٽ تي وڪٽندي ڏسي نه ورتو - هونئن نه
ته اِن مان هر شيءِ وڏي ستوڻي وڏي ٿي ڏسجي - بس رڳو
آن جو مُنهن ڦيرائي، باهر گهٽيءَ ۾ ڪٽي کو ڏسي ها، ته
سڄو پاندو ڪلي پوي ها !

[گليلو زور زور سان ٽهڪ ڏيئي کلي ٿو.]

ساگريدو: منهنجا محترم ڪيوريٽر سائين، آءٌ هن اوزار جو تجارتي نفعو
ته نه ٿو ڪٽي سگهان، پر فلسفي لاءِ اِن جو ملهه ايترو ته
ڪاٽي ڪان باهر آهي، جو ...

ڪيوريٽر: فلسفي لاءِ! استاد گليليءَ جو فلسفي سان ڇا ؟ - هو ته رياضيءَ
جو عالم آهي. استاد گليلي، اوهان ڪنهن زماني ۾ شهر لاءِ
بهترين پاڻيءَ جو پائيپ ناهيو هو، ۽ اوهان جي ناهيل آبپاشيءَ
واري ڪَل به کهڙو نه سنو ڪر ڪري رهي آهي! ڪپڙي
آڏڻڙ ڪوري به اوهان جي ايجاد ڪيل آڏاڻن جي ساراهه مان
نٽا ڏاهن. پوءِ اوهان هِن پيري، هيءُ ڇا ڪري وڌو! اوهان
ڪان مون کي اِها اميد ڪانه هئي ...

گليلو : منهنجا دوست، ايترا بيزار نه ٿيو. سامونڊي سفر اڄ به ڏاڍا
ڏکها، مهانگا، بي پروسي ۽ اڻانگا آهن. اسان لاءِ خالي آسمان
۾ ڪو به اهڙو پروسي جهڙو نشان پتو يا گهڙيال لڳل ڪونهي،
جنهن جي مدد سان اسين سلامتيءَ سان اڪهور سمنڊن تي پنهنجا
جهاز هاڪاري سگهون. هِن دوربينيءَ وسيلي، مون کي معلوم
آهي ته ڪي اهڙا تارا صاف ڏسي سگهجن ٿا، جيڪي متي
پنهنجي مقرر ٿيل رستن تي هلندا رهن ٿا. تارن جا اهڙا نوان
چارٽ تيار ڪري، جهازراني جي آسانيءَ ۽ سلامتي لاءِ ڪر
آڻي سگهن ٿا، ۽ اِئين لکين ٻلڪ ڪروڙين رپيا بچائي سگهجن ٿا.

ڪيوريٽر: گهٽو ٿيو، گهٽو ٿيو. اڳي ئي اوهان کان گهٽو ڪجهه پڌو اٿم.
منهنجي مهرباني جو اوهان اِهو فائدو ورتو، جو مون کي شهر ۾
ڪلڪ هاب ڪري چڏيو آڻو. هر ڪو هاڻي اِئين چوندو رهندو ته آءٌ

آهيان آهو ڪيوريٽر، جنهن ڪي ٽڪي جي جاسوسي عينڪ ڏيڪاري، آلو بنايو ويو آهي. اوهين پلي سون تي ڪلو - اوهان ڪي سبب ۾ آهي، اوهان ڪي پنهنجا پنج سؤ رپيا جو ملي ويا! پر آءٌ اوهان ڪي بڏايان ٿو - ۽ هڪ ديانتدار ماڻهو اِئين ڳالهائيندو آهي - ته هن دنيا ڪان آءٌ بيزار ٿي پيو آهيان.

[پٽيان زور سان در بند ڪري، باهر نڪري وڃي ٿو.]

گليلو: ڪاوڙ ۾ ته هيءُ پيار ڪرڻ جهڙو ٿي ٿو پوي. اِهو بُڌئيس! جنهن دنيا ۾ نفعي جو سودو ڪونهي، اُن ڪان هو بيزار آهي!

سا گريدو: چا، اِنهن هالنڈ جي اوزارن جي توڪي خبر هئي؟

گليلو: بلڪل. ڪنهين بڌل هئم. پر مون جيڪو هي اوزار پاڻ ٺاهيو آهي، آهو هنن سينيٽي ٿجوڙي دارن لاءِ آنهن ڪان بيٺو فائديمند آهي ... جي قرض جا آڳاڙي ڪندڙ بيلف منهنجي مٽان عزرائيل بنيا بيٺا هوندا، ته آءٌ ڪيئن ڪر ڪري سگهندس؟ ۽ ورجينيا ۽ جلد ئي ڏاج گهرندي. هوءَ ايڏي سمجهو ۽ ڪانهي. ۽ مون ڪي ته ڪتاب ۾ وٺا آهن - علم طبعيات جي ڪتابن ڪان سواءِ ٻيا ٻ. ۽ ڪاڏو ۽ ڪجهه چڱيرو ڪائڻ گهران ٿو. آءٌ جڏهن ڪائيندو وينو آهيان، تڏهن وڌ ۾ وڌ منهنجي ڏهن ۾ آڏما اٽندا آهن. سچ پچ ته هيءُ ڪهڙو نه ڪنو ۽ واهيات دور آهي! هو مون ڪي ايترو ۽ نٽا ڏين، جيترو آنهن ڪي ڏين ٿا، جيڪي سندن شراب جي بَٽين تي بيٺل آهن! رياضيءَ تي ۽ ليڪچر ڏيان ٿو، تڏهن ٽيون چار پريون ڪانين جون گهر ۾ لهي سگهن. هاڻي سو هنن ڪان پنج سؤ رپيا قربا اٿم، پر آءٌ ته اڃا ۽ قرض ۾ بڏو پيو آهيان - ڪي قرض ته ويهن سالن جا پراڻا اٿم. رڳو پنج سال فراغت جا هجن ها، ته سڀ ڳالهيون ثابت ڪري ڇڏيان ها. - هاڻي اڄ ته توڪي هڪڙي بي شيءِ ڏيڪاريان.

سا گريدو [دوربينيءَ ڪي ويجهي وڃڻ ڪان ڪيهائي ٿو]: گليلو ڀاءُ،

مون کي ته هاڻي خوف ٿو ٿئي!

گليلو : هاڻي ته آءٌ توکي تارن جي گڏڪسيءَ جو هڪڙو ڪير جهڙو اڇو، چلکندڙ ڪکر ٿو ڏيکاريان. ڏسي، پڌاءِ ته اِهو چا جو ٺهيل آهي.

ساگريدو: اِهي ته تارا آهن، ڪٽڻ کان ٻاهر تارا!

گليلو : فقط "اوريان" جي نڪت ۾ پنج سؤ ٻيئل تارا آهن. اِهي آهن آهي گهڻيون دنيائون، پيون بيشمار دنيائون، بي انت پولار جا ڏورانهان تارا، جن جي گارڊينو ڳالهه ٿي ڪئي. هُن آهي دنيائون يا آهي تارا ڏٺا ڪونه هئا؛ هُن رڳو اندازو لڳائي يا ڪٿ ڪري اُنهن جي ڳالهه ٿي ڪئي.

ساگريدو: پر جيڪڏهن ڏرتي تارو ٻه آهي، ته ٻه اُن جو اِهو مطلب ڪونه ٿو نڪري ته، جيئن ڪاپرنيڪس ٿي چيو، آها سڄ جي چوڌاري پئي ڦري! آسمان ۾ اهڙو تارو ئي ڪونهي، جنهن جي چوڌاري ٻيو تارو ڦرندو هجي. رڳو هڪڙو چنڊ آهي، جو ڏرتيءَ جي چوڌاري ڦري ٿو.

گليلو : ساگريدو، آءٌ حيرت ۾ آهيان. ٽيون ڏينهن کان آءٌ حيرت ۾ آهيان. اِجهو هيءُ مُشتري آهي [هو دوربينيءَ کي ڦيرائي مُشتريءَ تي ٻيهاري ٿو:] اِن جي پسگردائيءَ ۾ چار ننڍا تارا آهن، جيکي تون فقط دوربينيءَ سان ڏسي سگهندين. سومر ڏينهن آهي مون ڏٺا هئا، پر مون خاص خيال ڪونه ڪيو هو ته آهي ڪهڙي ڪهڙي هنڌ هئا. ڪالهه مون وري آهي ڏٺا، ۽ ائين لڳو ته آهي چارئي پئي پئي هنڌ ٻيٺا هئا! اِها ڳالهه مون نوٽ ڪئي. ۽ هينئر، جو اِنهن کي وري ڏسان ٿو، ته سندن حالت وري ٻي آهي! پر هي چا آهي؟ پهرين مون چار ڏٺا هئا، ۽ هاڻي؟ [عجب ۾ پرجي،] هي ڏس! هي ڏس!

ساگريدو [دوربينيءَ سان ڏسندي]: آءٌ ته تي ٻيو ڏسان.

گليلو : ته چوٽون ڪٽي آهي؟ هي فلڪيات جون جدولون: آهن. هي

چارٽ آهن. اڄ ته حساب لڳائي ڏسون ته اِنهن ڇڻ ۾ آخر ڪهڙي چڑپر اڇي سگهي هوندي.

[هو ڏاڍي شوق سان حسابن ڪي لڳي وڃن ٿا. استيج تي اوندهه جو سمون پيدا ٿئي ٿو، پر گول افق تي مشتري ۽ ان جا آڪڙهه ايڏا ڏسجن ٿا. استيج تي وري جڏهن روشني ٿئي ٿي، تڏهن ڏسجي ٿو ته گليلو ۽ ساگريدو سياري جا ڏڳها ڪوٽ پايو ايڏا آتي وينا آهن.]

گليلو: بس ثابت ٿي ويو. اِن وچ ۾ چوڏون وڏي، مشتريءَ جي پوئتان اڇي ويو هوندو، جتان آهو ڏسجي نٿو سگهجي. اِهو اٽيئي مثال هڪڙي تاري جو، جنهن جي چوڏاري پيو تارو ڦري رهيو آهي.

ساگريدو: پر بلوري گولائين چت، جنهن تي مشتري جڙيل آهي، آها چت ڪيڏانهن ويئي؟

گليلو: هائو، آها چت ڪيڏانهن ويئي؟ سوال آهي ته جڏهن مشتريءَ جي چوڏاري پيا تارا ڦري سگهن ٿا ۽ آن جي پوئتان به وڃي سگهن ٿا، ته پوءِ مشتري ڪٽي ڪنهن چت ۾ جڙجي ڪيئن ٿو سگهي؟ مطلب ته آسمان ۾ اهڙو ڪو چوڪنو يا ڏانچو آهي ئي ڪونه. ڪائنات ۾ ڪٽي ڪائي شيءِ ڪٺل ڪانهي. آءٌ چوان ٿو ته اِهو وري هڪ پيو سچ آهي!

ساگريدو: ڪجهه ڏڏو ٿيءُ. ڪجهه ڏيرو ٿيءُ. تون ڏاڍو تکو ٿو سوچين.

گليلو: تکو ٿو سوچيان! اڙي نيان، سڃاڻ ٿيءُ، اڪيون پٽ! خبر آٿئي ته تو جيڪي هن مهل ڏٺو آهي، آهو اڳ ڪنهين ڪونه ڏٺو هوا! ـ برابر، هو صحيح هئا! هو صحيح هئا!

ساگريدو: ڪير؟ ڪاپرنيڪس ۽ هن جا ساٿي؟

گليلو: ۽ اهڙا پيا! سچي دنيا هُنِن جي مخالف هئي، پر هو صحيح هئا. هيءَ ڳالهه آئندري ٻڌي ته چڪو! [خوشيءَ وچان ڪڙڻ ۾ نه ماپندي، دروازي ڏانهن ڊوڙي وڃي ٿو ۽ زور سان سڏي ٿو.] سينورا سارتي! سينورا سارتي!!

ساگريدو: گليلو پاءُ! ڪجھ پاڻ سنيال. ڪجھ ٽڏو ٽيءُ.

گليلو : ساگريدو، خوش ٽيءُ! ٿھ ڏي! ـ سينورا، سارتي!!

ساگريدو: [دوربينيءَ جو منھن ڦيرائي ٿو ڇڏي]: اڙي سائين وڏا، چرين وانگر رڙيون ٿو ڪرين. ڪجھ ته سوچ ڏار.

گليلو : ءِ تون آھين، جو اڃا مئل مڇيءَ وانگر ٽنگيو ٻيٺو آھين، جڏھن سچ سچ ٽي چڪو آھي!

ساگريدو: آءٌ مئل مڇيءَ وانگر ٽنگيو ڪونہ ٻيٺو آھيان، پر آءٌ ڊڄان ٿو ته ڪٽي اِھو سچ پچ سچ نہ ھجي!

گليلو : چا؟

ساگريدو: تون بلڪل ھوش ڪان نڪري ويو آھين چا؟ ڏڪان سچ پچ وسري ويو آھي چا ته جو ڪجھ ڏسين پيو، سو جي سچ آھي، ته اُن تي اعتبار ڪري، تون ڪھڙيءَ مصيبتا ۾ پاڻ کي ڦاسائي رھيو آھين؟ ءِ تون آھين، جو رڙيون ڪيو، سڄيءَ دنيا کي پيو ڏڻائين ته ڏرتي ھڪ تارو آھي ءِ ڪائنات جو مرڪز نہ آھي!

گليلو : ھائو! ھائو! ءِ پيو ته سڄي ھيڏي وڏي ءِ ويڪري، بي انت ڪائنات، جنھن ۾ بيشمار تارا آھن، سا اسان جي ھِن ننڍڙيءَ پٽڪڙيءَ ڏرتيءَ جي چوڌاري ڪانہ ٽي ڦري. اِھا ڳالھہ سيني کي معلوم ھجڻ گھرجي.

ساگريدو: برابر، برابر. تنھن جي معنيٰ ته ڪائنات ۾ رڳو تارا ئي تارا آھن! ـ ته پوءِ خدا ڪٽي آھي؟

گليلو : چا مطلب؟

ساگريدو: خدا! خدا ڪٽي آھي؟

گليلو : [ڪاوڙ ۾]: ھُٽي ڪونھي! بلڪل اِئين جيئن ڪي مٽي وارا اُن کي ھِٽي ڏرتيءَ تي پيا ڳوليندا ھجن، ته ھو ڪين اسان وٽ ھِٽي ۾ ملي ڪونہ سگھندو!

ساگريدو: ته پوءِ خدا آھي ڪٽي؟

گليلو : آءٌ ڪو شريعت جو عالم آھيان؟ آءٌ ته ھڪ رياضيدان آھيان.

ساگريدو: سڀ کان پهرين تون هڪ ماڻهو آهين. آءٌ توکان ٿو پڇان: تنهنجي ڪائنات ۾ خدا ڪٿي آهي؟

گليلو: اسان ۾ نه ته ڪٿي به نه.

ساگريدو: [رڙ ڪندي]: جيئن ملحد گارڊينو چيو هو؟

گليلو: جيئن ملحد گارڊينو چيو هو.

ساگريدو: اِن ڪري ته هن کي جيئري ساڙيو ويو هو! ڪي ڏهه سال اڳ!

گليلو: چاڪاڻ ته هو ڪجهه ثابت ڪري نه سگهيو. چاڪاڻ ته هن رڳو ڳالهه ٿي ڪئي. - سينورا سارتي! سينورا سارتي!!

ساگريدو: گليلو پاڻ، مون توکي هميشه هڪ سياڻو ماڻهو سمجهيو آهي. سترهن سال پيدوئا ۾ ۽ ٿي سال پيسا ۾ تون ڏاڍي ڏيان ۽ پوريءَ محنت سان بطليموس جو نظام ارضي پنهنجن شاگردن کي پڙهائيندو آيو آهين، جيڪو ڪليسائي شريعت سچي ٿي، ۽ جنهن جي مقدس ڪتاب به تصديق ڪن ٿا. ڪاپرنيڪس وانگر، سڄو وقت تون اُن کي غلط سمجهندو رهئين، پر ته به اُن کي اِئين پاڙهيندو رهئين.

گليلو: چاڪاڻ ته آءٌ ڪجهه ثابتي نٿي ڪري سگهيس.

ساگريدو [ويسهه ۾ ڳالهه نه آٽيندي]: ۽ تون پائڻين ٿو ته اِن جي ڪري وڏو فرق ٿو پوي!

گليلو: تمام وڏو فرق پوي ٿو. هيڏانهن نهار، ساگريدو! منهنجو انسان ذات ۾ ايمان آهي: تنهن جي معنيٰ ته منهنجو اُنهن جي عقل ۾ ايمان آهي. اِنهيءَ ايمان کان سواءِ آءٌ ته هوند صبح جو پنهنجي ننڊ جي بستري تان به اٿڻ جي سگهه نه ساري سگهان!

ساگريدو: ته پوءِ آءٌ به توکي ڪجهه ٻڌايان ٿو. منهنجو اِن ۾ ايمان **کوڙهي**. چاليهه سال مون به ماڻهن ۾ گذاريا آهن. پر مون منجهن رهي، جيڪي سکيو آهي، سو هيءُ آهي ته هو عقل جي ڳالهه مان کونه جاڻن. هنن کي پُڇڙ تاري جو پرندڙ پڇ ڏيکاريو، کنهن اوچتيءَ ڪاريءَ آفت جو سندن دل ۾ ڊپ

وجهو - پوءِ ڏسو تہ ڪيئن ٿا گهر چڏي ، پيرين آگهاڙا ، ڏيهو پائي پڄن - هڪڙي جي متان ڳاهت ٿي ، اڳين کي ٽيلهي ، ڪيرائي ، چيپاڙي ، هر کو پهرين پاڻ بچائڻ جي پڄ پڄان کي لڳي ويندو. پر کا عام عقل جي ڳالهه کين چؤ ۽ آن لاءِ کين ڏهه دليل به ڏيئي ٻڌايو ، پر مجال آهي ، جو متن کو اثر پوي. هٿون توهان جي اکين ۾ اکيون وجهيو ٻيٺا توهان تي کلندا.

گليلو : اِهو صحيح ناهي - اِهو الزام آهي. آءٌ سمجهي نٿو سگهان تہ تون ڪيئن اهڙيءَ هڪ بي بنياد ڳالهه کي مڃين ٿو ، ۽ پوءِ ب سائنس سان تنهنجي محبت آهي. فقط مٿن تي ئي عقل جو اثر نہ ٿيندو آهي.

ساگريدو: تون اِنهن جي خسيس چالاڪين کي ڪيئن ٿو عقل جو نالو ڏيئي سگهين ؟

گليلو : آءٌ هنن جي چالاڪيءَ جي ڳالهه ڪانہ ٿو ڪريان. مون کي اِها خبر آهي تہ کين ڪجهه وڪٽو هوندو آهي تہ گڏهه کي گهوڙو سڏيندا آهن ، ۽ ڪجهه وٽو هوندو آهي تہ گهوڙي کي گڏهہ چوندا آهن. اِها برابر هنن جي چالاڪي آهي. پر هڪ پيرسن عورت سفر تي نڪرڻ کان اڳ جڏهن پنهنجي گڏهه کي پنهنجن پوڙهن هٿن سان ڳاهه جي مٽ وڌيڪ ڪٽي ڏئي ٿي ، يا هڪ جهازران سفر تي نڪرڻ کان اڳ رستي جي مينهن واءَ ۽ ڪڙي جو خيال ڪري ، گهربل ساز و سامان گڏ ڪري پاڻ سان ڪٽي ٿو ، يا جڏهن کو پار ڏسي ٿو تہ مينهن ٿو وسي ، تہ هڪدم پنهنجي متي جي ٽوپي ڇڪي مٿهن تي ٽيڪ ڪري ٿو رکي - منهنجون اسيدون ساٹهن جي اِنهيءَ عام سمجهه ۾ آهن - هو سڀ عقل جو آواز ٻڌن ٿا. هائو ، منهنجو ايمان عقل ۽ سمجهه جي اِنهيءَ نازڪ پر آڻ گٽس طاقت ۾ آهي ، جنهن جي اثر ۽ آڏر هيٺ عام انسان رهن ٿا. گهڻو وقت هو

آن کان سواءِ هلي نڻا سگهن. کو بہ ماڻهو جيڪڏهن مون کي، ڏسي ته آءٌ هي پٽر [هو هٽ مان پٽر کيرائي فرش تي ڇڏي ٿو] هيٺ ڇڏيان ٿو، ته هو هرگز ائين نہ چوندو ته 'اهو هيٺ نڻو ڪري'. کو بہ ماڻهو اِئين چئي نڻو سگهي. اِن قسر جي ثابتي ايتري ته صاف ۽ پڌري آهي، جو آن کي ميڙ کان سواءِ کو چارو ئي کونهي. اکثر ماڻهو هڪدم - ۽ آخرڪار سپ - آن کي قبول ڪن ٿا. سوچڻ ويچارڻ بني نوع انسان جي دل جي هڪ تمام وڏي پسند ۽ بهترين خوشي آهي.

سينورا سارتي [اندر اچي ٿي]: استاد گليلي، توهان کي ڪجهہ گهرجي؟

گليلو: [جيڪو وري پنهنجيءِ دوربينيءِ تي وڃي ٻيٺو آهي، ۽ وري وري، ڪجهہ لکي بہ پيو - ڏاڍي پاڻهہ سان]: هائو، اٽندريءِ کي هيڏانهن موڪل.

سينورا سارتي: اٽندري؟ هو ستو پيو آهي - ننڊ اٽس!

گليلو: آڻاري نٿي سگهينس؟

سينورا سارتي: پر توهان جو ڪهڙو ڪر اٽس؟

گليلو: آءٌ هن کي ڪا شيءِ ڏيڪارڻ گهران ٿو، جيڪا ڪيس ڏاڍي وٽندي. آءٌ چاهيان ٿو ته هو هڪ اهڙي شيءِ اچي ڏسي، جيڪا دنيا جي شروع ٿيڻ کان وٺي اڄ تائين اسان کان سواءِ ٻئي ڪنهين ڪانہ ڏٺي آهي.

سينورا سارتي: وري ڪا شيءِ اِنهي نُسولي مان ڏيکاريندؤس؟

گليلو: هائو، سينورا سارتي، هائو - بلڪل اِئين.

سينورا سارتي: ۽ توهين سمجهو ڏا ته آءٌ اِن لاءِ اڌ رات جو هُن کي ننڊ مان اڌاريندیس! توهين کجهہ هوش ته ڏاريو، استاد گليلي! هو ڏاڍو اوجاڳيل آهي. پلي ته کجهہ ننڊ ڪري. چا بہ ٿي پوي، آءٌ هُن کي ڪانہ اڌاريندیس.

گليلو: چا بہ ٿي پوي؟

سينورا سارتي: چا بہ ٿي پوي.

گليلو : تہ پوءِ، سينورا سارتي، ٿون ئي اسان جي ڪجهہ مدد ڪر. هي ڏس، هڪڙو اهڙو سوال اٿيو آهي، جيڪو اسان کي سمجهہ ۾ نٿو اچي. شايد اِنهيءَ ڪري جو اسان تمام گهڻا ڪتاب پڙهيا آهن، ۽ اسان جو مغز چرخ ٿي ويو آهي. هيءُ هڪڙو سئون سڌو آسمانن بابت سوال آهي ـ آسمانن جي تارن بابت. سوال هيءُ آهي: چا، وڏي شيءِ ننڍيءَ شيءِ جي چوڌاري ڦرندي يا ننڍي شيءِ وڏيءَ شيءِ جي چوڌاري ڦرندي ؟ تنهنجي سمجهہ چا ٿي چوي ؟

سينورا سارتي [دل ۾ شڪ جاگيس ٿو]: استاد گليلي، توهان سان تہ ڪير بہ نٿو پڄي سگهي. چا، اِهو سچ پچ اوهان لاءِ ڏکيو سوال آهي، يا وري بہ اڳي وانگر مون سان مسخري ٿا ڪريو؟

گليلو : سچ. پچ ڏکيو سوال آهي.

سينورا سارتي: تہ پوءِ اِن جو جواب سولو آهي. چا، آءٌ توهان جي آڏو ماني آڻي رکندي آهيان، يا توهين منهنجي آڏو آڻي رکندا آهيو؟

گليلو : تون منهنجي آڏو آڻي رکندي آهين. ڪالهہ تہ سڙيل ماني آڻي رکي هئينءِ.

سينورا سارتي: ۽ چو پلا ماني سڙي ويئي هئي؟ چاڪاڻ تہ ماني پچائيندي، توهان لاءِ وچ ۾ بوٽ ڪٽي آئي هيس. آندا هئم، ڪين نہ ؟

گليلو : هائو، برابر. مون توکي سڌي چيو هو.

سينورا سارتي: تہ بس ـ توهين پاڻ سمجهي سگهو ٿا. توهين پڙهيل آهيو، ۽ مون کي پگهار ڏيئي سگهو ٿا.

گليلو : برابر، برابر ـ مون سمجهيو. اِها تہ سولي ڳالهہ آهي. سينورا سارتي، تنهنجي مهرباني.

[سينورا سارتي، خوش ٿيندي، باهر لکري وڃي ٿي.]

گليلو : ۽ ميان ساگريدو ٿو چوي تہ اهڙا انسان سچ کي سمجهي نہ سگهندا ! آءٌ ٿو چوان تہ هي سچ لاءِ سکن ٿا.

[صبح جي عبادت لاءِ ديول جو گهنڊ وڄي ٿو. ورجينيا، ڏکي چوغي

۾ پريل شمعدان کنيو اندر اچي ڌڻي.]

ورجينيا: بابا، صبح مبارڪ.

گليلو: چو، تون سوير جاڳي پئينءَ؟

ورجينيا: آءٌ صبح جي عبادت لاءِ سينورا سارتيءَ سان ديول ۾ ٿي وڃان. ليوڊو وڪو به ايندو. بابا، رات ڪيئن هئي؟

گليلو: بلڪل صاف هئي.

ورجينيا: آءٌ اِن منجهان ڏسان؟

گليلو: چو؟ [ورجينيا جواب نٿي ڏيئي سگهي.] هي ڪو راندڪو ناهي.

ورجينيا: نہ، بابا.

گليلو: تنهن کان سواءِ دوربيني هڪ ناڪاميءَ خسيس شيءِ آهي - ترت ئي تون هر هنڌ اِئين پڌندينءَ. گهٽين ۾ اِها ٽين روپئين وڪامي رهي آهي، ۽ هالنڊ ۾ اول ئي اِها ايجاد ٿي چڪي هئي.

ورجينيا: توهين اِن سان آسمان ۾ ٻيون ڪي نيون شيون ڏسي نہ سگهيا آهيو؟

گليلو: تنهنجي ڪر جون آهي نہ آهن. رڳو هڪڙي وڏي تاري جي ڪابي پاسي کان ڪي ٿورا ڏنڊليل نشان ڏٺا اٿئون. پر اِهي اڃا ماڻهن کي نہ پڌائيٽا آهن. [ڏيءَ جي ڀريان ٻيهل ساگريڊو سان گالهائيندي،] منهنجي مرضي آهي تہ هينن ڪي "ميڊيسيءَ جا تارا" ڪري سڏيون - فلارينس جي رئيس اعظم، ميڊيسيءَ جي نالي پٺيان. [وري ورجينيا سان گالهائيندي،] توکي پڌي خوشي ٿيندي، ورجينيا، تہ پاڻ شايد هتان لڏي، فلارينس ۾ هلي رهنداسين. مون اوڏانهن خط لکيو آهي، جنهن ۾ گهريو اٿم تہ رئيس اعظمؒ مون کي آڻان جي سرڪاري رياضيدان جي نوڪري ڏئي تہ ڏاڍو سٺو.

ورجينيا [خوشيءَ ۾ منهن ڀهڪيس ٿو]: سرڪاري رياضيدان! فلارينس جي دربار ۾!

ساگريڊو: گليلو! تون!!

گليلو : منهنجا دوست، سون کي فراغت گهرجي. سون کي ثابتيون گهرجن. ۽ سون کي طعام کپن. ۽ اِنهيءَ نوڪريءَ ۾ سون کي هر روز خانگي-شاگردن جي مغز ۾ بطليموس جو ارضي نظام ڪونہ پرٿو پوندو. سون کي وقت ملندو ... وقت، وقت، وقت! جنهن ۾ آءٌ پنهنجي علم جون نيون نيون ثابتيون هٿ ڪندس - چاڪاڻ تہ هينئر جيڪي ثابتيون سون وٽ آهن، اُهي ڪافي نہ آهن. اِهي اڃا ڪجهہ نہ آهن، اِهي اڃا فقط معمولي انگ اکر آهن. اِنهن سان آءٌ سڄيءَ دنيا کي منهن ڏيئي ڪين سگهندس. اڃا تائين اهڙي هڪڙي بہ ثابتي نہ ملي سگهي آهي تہ ڪو آسماني جسم سچ جي چوڌاري بہ ڦري ٿو. پر آءٌ ثابتيون لهندس، ثابتيون جيڪي سيني کي صحيح لڳنديون - سينورا سارتيءَ کان وٺي پوپ تائين، سيني کي. سون کي رڳو اِهو خوف آهي تہ متان فلارينس جي درٻار سون کي پاڻ وٽ نہ گهرائي.

ورجينيا : ڇو نہ گهرائيندي، بابا؟ ضرور گهرائيندي. تڏهن اِهي توهان جا تارا ۽ اِهي توهان جون ٻيون گالهيون سڀ کهڙي کم جون ٿيندیون!

گليلو : آءٌ وڏن ماڻهن کي لاچار ڪڏهن ڪو خط لکندو آهيان، [ساگريدو کي هڪ خط ڏئي ٿو.] ڇا ٿو سمجهين، اِهو سون ٺيڪ لکيو آهي؟

ساگريدو [گليلو جي خط جون پويون سٽون ڏاڍيان پڙهي ٿو]: ' پر آءٌ ٻي ڪا ٻہ گالهہ ايتري دليان ڪونہ ٿو گهران، جيتري اوهان جي ويجهو رهڻ جي خوش نصيبي ۽ عزت - اوهين، جيڪي ايرندڙ سڄ مثال آهيو ۽ دنيا جي تاريخ جو هيءُ دور اوهان جي شعاع سان روشن ٿيٽو آهي.' - فلارينس جو رئيس اعظم تہ نون سالن جو آهي!

گليلو : تہ گالهہ ائين آهي. آءٌ ڏسان ٿو تہ تون منهنجي خط کي حد ڪان وڌيڪ نميل سمجهين ٿو. آءٌ وري اِنهيءَ وسوسي ۾

هتس ته اهو حالتن جي مناسبت سارو نميل آهي به يا نه ـ جيڪڏهن رڳو اُن ۾ رسمي نوڙت هوندي، ته ڪٽي اِئين نه سمجهيو وڃي ته اهو گهربل سچي ۽ڇي ادب ۽ عزت سان لکيل نه آهي! اڄ جيڪو ارسطوءَ جي قديمي فلسفي جو حامي آهي ۽ اُن جي تفسير ۽ تبليغ ۾ ٿي لڳل رهي ٿو، اُهو ئي هڙئي قسر جي خط ۾ پنهنجو ڪجهه مان رکي سگهي ٿو، ۽ آءٌ اِئين ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ مون جهڙي ماڻهوءَ کي ته گا معقول جڳهه اڄ تڏهن ئي ملي سگهي ٿي، جڏهن پهرين هو پيٽ ۾ رڙهي، ڪنهن جي قدمن ۾ وڃي ويو. ۽ توکي ته خبر آهي ته اهڙا ماڻهو منهنجي نظر ۾ هيچ هوندا آهن، جن جا مغز اِن لائق به نه هجن، جو سندن پيٽ ئي پري سگهن.

[سينورا سارتي ۽ ورجينيا صبح جي عبادت لاءِ ولائن اچي لنگهن ٿيون.]

ساگريدو: گليلو، ياءُ منهنجا، تون فلارينس نه وڃ!

گليلو: چو نه وڃان؟

ساگريدو: چاڪاڻ ته پادرين جو آتي قبضو آهي.

گليلو: فلارينس جي دربار ۾ وڏا ناميارا عالم رهن ٿا.

ساگريدو: آهي جي حضوري آهن.

گليلو: آءٌ انهن کي ڪچين ڪان جهلي، گهلي، آٿي دوربينيءَ جي اڳيان ٻيهاريندس. خود پادري به ته ماڻهو آهن، ساگريدو! ثابتيءَ جي ڳالهه تي هو به پڪا ايندا. توکي هيءَ ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته ڪاپرنيڪس ڪائن گهريو ٿي ته هو رڳو سندس الڳ اکر ۽ شڪليون ڏسي، ڪيس سچين؛ ۽ آءٌ ڪائن اهو نٿو گهران. آءٌ ته ڪين چوان ٿو ته پنهنجين اکين تي اعتبار ڪريو ـ ڏسو ۽ سچيوا جڏهن سچ اهڙو هيٺو هجي، جو پنهنجو بچاءُ نه ڪري سگهي، تڏهن اُن کي وڌي حملو ڪرڻ گهرجي. آءٌ ڪين زوريءَ جهلي، دوربينيءَ وٽ آٿي، چولدوسان ڏسو،

پنهنجين اکين سان ڏسو!'

ساگريدو: گليلو، منهنجا دوست، اڄ ڏسان ٿو تہ تو هڪ ڏاڍي خطرناڪ رستي تي قدم رکيو آهي. اها بيحد تباهيءَ جي رات هوندي آهي، جڏهن ڪو ماڻهو سچ ڏسندو آهي، ۽ آهو خود فريبيءَ جو ڇهر هوندو آهي، جڏهن هو ماڻهن جي عقل تي اعتبار ڪندو آهي. ڪهڙي ماڻهوءَ لاءِ چئبو آهي تہ 'هو اکيون ڪولي اوڏانهن وڃي رهيو آهي'؟ ان ماڻهوءَ لاءِ جنهن جو قدر يقيني موت ڏانهن ويندڙ رستي تي هوندو آهي. آخر جيڪي طاقت جا صاحب آهن، سي ان ماڻهوءَ کي چوٽ ڪيئن چڙيندا، جنهن سچ ڄاتو آهي، توڙي جو آهو سچ ڏورانهن تارن جي ٻاري ۾ ئي ڇو نہ هجي! تون سمجهين ٿو تہ پوپ تنهنجي سچ تي ڪن ڏيندو، جڏهن تون ڪيس چوندين تہ هو غلط آهي! ۽ ياد رک، ڪن هوندي به هو اِها ڳالهہ نہ ٻڌندو تہ هو غلط آهي. تون پائين ٿو تہ هو رڳو پنهنجيءَ دائريءَ ۾ لکي چڙيندو تہ ڏهين جنوريءَ ۱۶۱۰ع تي آسمان ختم ٿيو'؟ آخر ڪيئن ٿو تون پنهنجي ڪيسي ۾ سچ جو وکر ڪٽي، هن جمهوري راج کي چڙ گهرين، ۽ پنهنجي هٿ ۾ دوربيني جهلي، تون ڇو ٿو سڏو وڃي پادرين ۽ بادشاهن جي پکڙيل جار ۾ ڪرڻ چاهين؟ پنهنجي علم ۾ تہ ڏاڍو سچاڻ ۽ پختو آهين، ۽ رکا ڳالهہ، جا توکي تنهنجي مقصدن جي پورائيءَ لاءِ رڳو ٻري کان ڇڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ان تي هڪدم ٻارن وانگر ويسهہ ڪري ٿو ٻيهي رهين! تنهنجو ارسطوءَ تي اعتبار ڪونهي، ۽ فلارينس جي رئيس اعظم تي اعتبار رکين ٿو! ڪجهہ گهڙيون اڳي، جڏهن توکي دوربينيءَ منجهان لهارينديءَ ڏني، ۽ تو آهي نوان تارا ڏٺا، تڏهن مون اِئين ڏٺو جڙ تون ڪائين ٻي ٻرندڙ سچ ۾ وچ تي ٻيٺو آهين، ۽ جڏهن تو چيو تہ تنهنجو ثابتيءَ ۾ ايمان آهي، تڏهن مون کي سڙندڙ

ماس جي بوءِ محسوس ٿي. مون کي سائنس پياري آهي، پر منهنجا دوست، تون مون کي وڌيڪ پيارو آهين. گليليو، منهنجا عزيز پاڻ، فلارينس نه وڃ!

گليلو: جيڪڏهن هنن مون کي گهرايو، تہ آءٌ ويندس.

[پردي تي هن جي خط جو پويون صفحو ڏسجي ٿو:]

"جڏهن آءٌ هنن نون تارن کي، جيکي مون لڌا آهن، ميڊيسي خاندان جي عاليشان نالي سان نوازيان ٿو، تڏهن مون کي خبر آهي تہ ڪنهن دور ۾ ديوتائن ۽ سورمن جي عزت افزائيءَ طور سندن نالا آسماني تارن تي زکيا ويندا هئا؛ پر هيءَ جيکا مون جرئت ڪئي آهي، سا اُن ڪان هڪ بلڪل نرالي ڳالهہ آهي، چاڪاڻ تہ ميڊيسي خاندان جي جڳ سچاتل ناالن سان نسبت خود هنن تارن جي لافاني شهرت جي ضمانت ثابت ٿيڻي آهي. آءٌ بهرحال، پاڻ کي اوهان جي نيازمند ۽ وفادار خادمن مان هڪ ادنيٰ ۽ معمولي خادم سمجهان ٿو، ۽ اِها پنهنجي وڏي ۾ وڏي عزت ۽ خوش قسمتي شمار ڪريان ٿو، جو اوهان جي هڪ ادنيٰ رعيتيءَ طور مون کي جنر نصيب ٿيو آهي.

"پر آءٌ ٻي ڪابہ ڳالهہ ايتري دليان کوڻہ ٿو گهرڻ، جيتري اوهان جي ويجهو رهڻ جي عزت ۽ خوش نصيبي - اوهين، جيکي ايرنڊڙ سڄ مثال آهيو ۽ دنيا جي تاريخ جو هيءُ دور اوهان جي شعاع سان روشن ڏيڻو آهي.

"گليلو گليلي."

(۴)

گليلو وينس جي جمهوريه کي ڇڏي فلارينس جي شاهي درٻار ۾ پهچي ڏو. هن جون دوربينيءَ وسيلي کيل کوجنائون اڪان جي عالمن وٽ قبول نٿيون ٿون

پراڻي شيءَ چوي ٿي: جيئن آءٌ هاڻي آهيان،
هميشہ آءٌ ائين رهي آهيان ۽ رهنديس.
نئين شيءَ چوي ٿي: جي تنهنجو باقي ڪم ڪونهي،
تہ تو کي ختم ٿيڻ گهرجي.

فلارينس ۾ گليلو جو گهر —

[سينورا سارتي گليلو جي مطالعي واري ڪمري کي مهمانن لاءِ تيار ڪري رهي آهي. سندس پٽ، ائندري، وينو آهي، ۽ تارن جي چارٽن کي صاف ڪري رهيو آهي.]

سينورا سارتي: جڏهن کان هن سياڻي فلارينس شهر ۾ آيا آهيون، رڳون سلاميون ۽ صفايون ٿي ڪيون اٿون، ۽ بيني بيني چپ ٿي چٽيا اٿون. سڄو شهر واڪرَ واڪرَ ڏسڻ ٿي آيو آهي، ۽ هر ڪو اِنهي ٽُولي منجهه منهن هٽندو واپس ٿيڻو ٿي ويو آهي، ۽ ٻنيان فرش کي ٻهاريندي ٻهاريندي منهنجا تہ هٿ ٻيا سور ڪن. ۽ اِن مان ڪو سود؟ هڪڙي ڪوڙي پائي به نہ. جيڪڏهن هينن ڳُجهن کي ڳولهڻ مان ڪو فائدو هجي ها، تہ اسان جا پادري سڳورا پهرين آنهن کي ڳولهين ها. پورا چار سال تہ آءٌ به وڏي پادريَ اعليٰ حضرت فلپو جي

نوکريءَ ۾ هيس. هُن جو ڪتب خانو ٿي ايڏو هو، جو سڄو ته ڪڏهن مون کان چنڊجي ٿي نه سگهيو. سڄو چمڙي جي جلدن وارن ڪتابن سان فرش کان وٿي ڇت تائين ڏنيو ٻيو هوندو هو. هڪڙو ۽ آن ۾ دنيائي گالهين جو ڪو ڪتاب رکيل کوڙ هو. ۽ اعليٰ حضرت کي ويهڪ جي جاه تي ڪُکرا ٻڌي وڃا هٿا ۽ سڄو ڏينهن ڪتابن تي اولڏو ٿيو ٻيو هوندو هو. ڇا، اهڙي ماڻهوءَ کي اِنهن گالهين جي خبر نه پوي ها؟ ۽ اڄ ۽ هو جيڪي هيترا وڏا وڏا ماڻهو هن شيطالي ٽيوب مان ڏسڻ لاءِ ايندا اِٽين اڇابو آن مان ڏسي ڏسي، واپس هليا ويندا - ۽ سمالي ساڳيو مون کي ڪير واري وٺ پسن لاءِ لڄي ٽيٽو ٿولدو. مون هين کي اڳ ئي صلاح ڏني هئي ته هِنن وڏن ماڻهن لاءِ ٻهرين ٻيٽ پري ڪائڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي - سڀا سڀا سڀيا، چسڪي وارا ۽ خوشبودار، قسمين قسمين طعام، جيڏن ڏسندي وات پاڻي ٿي وڃين - ۽ پوء هنن کي اِنهي ٻولي مان ڏسڻ ڏجي، ته ڪجهه ڏسي ۽ سگهن. ۽ نه! [گليلو جي نقل ٿي ڪري:] 'مون وٽ هنن لاءِ گهٽو ئي ٻيو ڪجهه آهي'!

[هيٺ در تي ٽڪ ٽڪ جو آواز.]

سينورا سارتي [دريءَ جي ڪڙڪيءَ مان ڏسندي]: ڏٺي ٻاهه ۾ رکي. پهرين رئيس اعظم پهچي ويو! ۽ گليلو ايڏا يونيورسٽيءَ ۾ وينو آهي! [هوءَ تڪڙ تڪڙ ۾ ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ٿي، ۽ در کولي، رئيس اعظم، قاسمو ڊي ميديسيءَ، کي اندر اچڻ ڏئي ٿي. رئيس اعظم سان سندس پيشڪار ۽ ٻه ٻيگمون گڏ آهن.]

قاسمو: آءٌ دوربيني ڏسڻ گهران ٿو.

پيشڪار: اعليٰ حضرت ڪجهه ترسن، جيڏن استاد گليلي ۽ ٻيا سندس ساٿي يونيورسٽيءَ مان هتي پهچن. [سينورا سارتيءَ کي:] استاد گليليءَ خواهش ڏيکاري آهي ته فلڪيات جا ماهر اچي، سندس نون

لڏل ميڊيسي تارن جو مشاهدو ڪن.

ڪاسمو : هو دوربينءَ کي لڳا ڇڻن، ڇنهن لڳا ڇڻن. ڪٿي آهي اِها دوربيني؟

سينورا سارتي: مٿي، هُن جي مطالعي واري ڪمري ۾.

[ڇوڪرو ڪنڌ ڏولي ٿو، ۽ ڏاڪڻ ڏانهن نهاري ٻڌ ڪري ٿو، ۽ سينورا سارتيءَ جي ڪنڌ جي اشاري تي ڏاڪڻ تان ٽڪر ٽڪر ۾ چڙهي، مٿي وڃي ٿو.]

پيشڪار [جيڪو ڏاڍو ٻوڑهو آهي]: اعليٰ حضرت! [سينورا سارتيءَ کي:] مٿي هلڻ ضروري آهي؟ آءٌ رڳو الهيءَ کري آيو آهيان، جو اعليٰ حضرت جو استاد بيخوش هو.

سينورا سارتي: لئيڙي رئيس اعظم کي ڪا تڪليف ڪانه ٿيندي. ڪيس ڪو نقصان ڪونه رسندو. منهنجو ڇنهنجو ڇوڪرو مٿي آهي.

قاسمو [مٿي ڏاڪڻ پوري ڪري، اندر داخل ٿيندي]: شام مبارڪ!

[پيٽي ڇوڪرا، پوري رسمي آداب سان، هڪڙي ڪي جهڪي سلام ڪن ٿا. ماڻ، پوءِ اندري وري ڇنهنجي ڪر کي لڳي وڃي ٿو.]

آندري [هلڪل ڇنهنجي استاد والگر]: اسان جون اکيون اڇلهه دروازي ۾ لڳيون رهن ٿيون.

قاسمو : گهٽا ماڻهو تا اچن؟

آندري: ٽولن ۾ اچن ٿا، ڊوڙندا اچن ٿا، حيرت ۾ وات ڦاڙيو وڃين ۽ ڇر سمجهن ڪجهه ڪين ٿا.

قاسمو : هونَ ... پلا اِها آهي ...! [دوربينءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.]

آندري : هائو، اِها آهي. ۽ استاد جو حڪم آهي ته اِن کي کو ۽ هٿ نه لائي.

قاسمو : ۽ هو ڇا آهي؟ [بطليموس جي ارضي نظام جي ڪاٺ جي نَمِيل ماڊل ڏانهن اشارو ڪندي.]

آندري: اِهو بطليموس جو نظام آهي.

قاسمو : اِهو ڏيکاري ٿو ته ڪيئن سج ڦري ٿو، هائو نه؟

آندري: هائو، هُو اڻين چون ٿا.

قاسمو [ڪرسيءَ تي ويهي ٿو ۽ مادل ڪٽي پنهنجي هنج ۾ رکي ٿو]: منهنجي استاد کي زڪام ٿي ٻيو هو. سو آءٌ سويل ٿي واندو ٿي، هليو آيو آهيان. هيءَ ته ڏاڍي سٺي جاءِ آهي.

آئنبري [بي آرام، هيڏانهن هوڏانهن بي سبب هلي ٿو، ڏاڙهين چوڪري ڏانهن بي اعتباريءَ سان نهاري ٿو. نيٺ، ٻاڻ کي جهلي ٿو سگهي، ۽ چارٽن جي پٽيان رکيل ڪاٽ جو ٻيو مادل ٻاهر ڪڍي ٿو اڇي. آن تي ڪاپرنيڪس جي شمسي نظام جو نمونو ڏيکاريل آهي]: پر، سچ پچ آهو هيئن آهي.

قاسمو: ڇا هيئن آهي؟

آئنبري [قاسمو جي مادل ڏانهن اشارو ڪندي]: هو سمجهن ٿا ته آهو اِئين آهي، پر اصل ۾ آهو جيئن هيءُ [پنهنجي مادل ڏانهن اشارو ڪري،] آهي تيئن آهي. ڏرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي، هي ڏس!

قاسمو: سچ پچ تون اِئين سمجهين ٿو؟

آئنبري: بلڪل، پڪ ٿي پڪ. اِهو ثابت ٿي چڪو آهي.

قاسمو: سچ پچ؟ مون کي خبر نه آهي ته هي چو نٿا هن بزرگ سان مون کي هاٿي ملائ ڏين! ڪالهه رات جي مانيءَ تي هو آتي هو.

آئنبري: پلئجي ٿو ته هو اِها ڳالهه ٿي نٿا سڃين، هائو نه؟

قاسمو: اِئين نه آهي، هو ڳالهه سڃين ٿا.

آئنبري [اوچتو، هن جي هنج ۾ پيل مادل ڏانهن اشارو ڪندي]: اِهو هيڏانهن مون کي ڏي. توکي ته رڳو اِنهي جو به پتو ڪونهي.

قاسمو: تون ان کي ڇا ڪندين؟

آئنبري: مون کي ڏي هيڏانهن. اِهو ڪو ننڍن ٻارن جو رانديڪو آهي ڇا؟

قاسمو: توکي ڏيڻ کان مون کي انڪار ڪونهي، پر توکي ڪجهه فضيلت سکڻ کپي.

آئنبري: تون چٽ بي عقل آهين. تون ڪجهه فضيلت سکه. اِهو مون کي ڏي، نه ته پڇتائيندين.

آئنبري: آڳ تو توکي سيکاريان تہ مادل کيئن کٽبو آهي. چڏي ڏي!
قاسمو: هاڻي تہ هي ڀڄي ڀيو! تون منهنجي ڀانهن ٿو موڙين!
آئنبري: هاڻي ڏسون ٿا تہ کير صحيح آهي ۽ کير غلط. چئو تہ اِها قري ٿي، نہ تہ هٽي مکي، متي تي ڳوڙهو کري چڏيندوسانءِ!
قاسمو: کڏهن بہ نہ. آوه! تون تہ کو باندر آهين! آڳ توکي ماڻهپو سيکاريندس.
آئنبري: باندر؟ آڳ باندر آهيان!
[هو چپ چاپ پاڻ ۾ وڙهندا رهن ٿا.]
[هيٿ، گليلو ۽ يونيورسٽيءَ جا کي ٻيا پروفيسر اندر اچن ٿا.]
[آنهن جي پٺيان فدرزوني اندر داخل ٿئي ٿو.]
پيشکار: معزز حضرات، کجهہ ناچاقائيءَ سبب اعليٰ حضرت جو استاد، سُوري صاحب، اعليٰ حضرت سان گڏ اچي نہ سگهيو آهي.
ديني عالم: اميد تہ کا خطري جي ڳالهہ کانهي.
پيشکار: بلکل نہ. بلکل نہ.
گليلو [نراس ٿيندي]: اعليٰ حضرت کونہ اچي سگهيو؟
پيشکار: اعليٰ حضرت متي ماڻيءَ تي آهي. پر مهرباني کري، وڌيک نہ ترسو. درٻار کي استاد گليليءَ جي هن غير معمولي آلي متعلق، اسان جي لائق يونيورسٽيءَ جي راءِ ٻڌڻ جو ۽ خاص طرح هُن جي حيرتناک نون تارن جي ڇاڻ جو تمام گهڻو انتظار آهي.
[هو متي وڃن ٿا.]
[چوکرن ڏاکڻ هيٺان آواز ٻڌي، وڙهڻ بند کيو آهي، ۽ هو چپ چاپ فرش تي وينا آهن.]
قاسمو: اِجهي، هو اچي ويا. سون کي آڏار.
[جهٽ جهٽ ۾ هو آڏي ڪڙا ٿين ٿا.]
گڏيل آواز [جيئن گهٽا حضرات ڏاکڻ تان چڙهندا اچن ٿا]: نہ، نہ، سپ ڳالهہ بلکل نيڪ آهي. - طبي ماهرن چيو آهي تہ پراڻي

شهر ۾ جيڪي بيماريءَ جا ڪيس ٿيا آهن، سي ڪنهن به صورت ۾ پليگ جا ڪيس نه آهن. اڇڪلهه جيڪا ٿڌ آهي، اُن ۾ پليگ جو پيٽ ۾ جمي برف ٿي ويندو. - اهڙين حالتن ۾ سڀ کان خراب ڳالهه ٿيندي آهي اجايو هراس. - نه، ٻيو ڪجهه ڪونهي. رڳو هن موسم ۾ هر سال جيڪا ٿڌ ۽ زڪام جي بيماري ٿيندي آهي، اها پڪڙي ٻيئي آهي. - ڪنهن به شڪ جي گنجائش ڪانهي - سڀ ڳالهه بلڪل نيڪ ٺاڪ آهي.

[ڏاڪڻ کان مٿي، خوش خيرعافيت کان پوءِ.]

گليلو : اعليٰ حضرت، اوهان جي اڳيان اوهان جي يونيورسٽيءَ جي معزز استادن کي پنهنجي نين ڪوجنائن کان واقف ڪندي، مون کي بيحد خوشي ٿي ٿئي.

[قاسمو سيني پاسن ڏانهن ڪنڌ جهڪائي، پوري رسمي آداب سان، هن اعزاز جو اعتراف ٿو ڪري. - ائنبريءَ ڏانهن پڻ اِئين جهڪي ٿو.]

ديني عالم: [فرش تي پڳل بطليموس جو ماڊل ڏسندي]: هتي ڪا شيءَ ڏسجي ٿي ته پڄي ٻيئي آهي.

[قاسمو جهٽ ۾ هيٺ نوڙي، ماڊل کڻي، فضيلت سان ائنبريءَ کي ڏئي ٿو. اِن وچ ۾ گليلو چپ چاپ ٻيو ماڊل کڻي پاسي ڪري ٿو ڇڏي، جيئن ڪنهن جي نظر اُن تي نه پوي.]

گليلو [دوربينيءَ وٽ ٻيهي]: جيئن اعليٰ حضرت کي پڪ معلوم آهي، گذريل ڪجهه عرصي کان اسين فلڪيات جا عالم پنهنجن انگن اکرن ۽ حساب ڪتاب ۾ گهٽي مشڪلات محسوس ڪري رهيا آهيون. اُن لاءِ اسين هڪ تمام پراڻو نظام ڪم آڻيون ٿا، جيڪو فلسفي سان ته ڏسجي ٿو ته ٺهڪي ٻيهي ٿو، پر افسوس جو حقيقتن سان نٿو ٺهڪي اچي. هن پراڻي نظام مطابق، جنهن کي بطليموسي نظام چئون ٿا، تارن جي چرپر تمام منجهيل ۽ اڻانگي سمجهي وڃي ٿي. مثال طور 'زُهري' جي باري ۾ سمجهيو وڃي ٿو ته هن قسم جي دائري ۾ اِهو گرهه ڦري ٿو. [بلڪ

بورڊ تي وڏي گول دائري تي هڪ اسپرنگ جي مُنڊين وانگر قرندڙ نندو دائرو ڪيڊي ڏيڪاري ٿو، جيڪو بطليموسي نظام موجب زُهري جي گردش جو دائرو آهي.] پر تارن جي اهڙين منجهيل چُرپُرن کي ميڙ ڪان پوءِ ٻ، اسين سندن صحيح جڳهن جو پورو پتو نٿا لڳائي سگهون. جن جاين تي اسان جي حساب موجب آنهن کي هئڻ گهرجي، آتي آهي-اڪثر ڪونہ ٿا ڏسجن. تنهن ڪان سواءِ تارن جي اهڙي چرپر ٻ ڏني ويئي آهي، جنهن لاءِ بطليموسي نظام ۾ ڪا سمجهاڻي موجود ڪانهي. اهڙي ٿي قسم جي چرپر مُشتريءَ جي چوڌاري آن جي نندڙن تارن جي مون کي ڏسڻ ۾ آئي آهي، جيڪي تازو مون کوليو لڌا آهن. هاڻي اسان جا معزز استاد جيڪڏهن مهرباني ڪن تہ هِن دوربينيءَ منجهان عام تارن جو مشاهدو، مُشتريءَ جي هِنن منهنجن نون لڌل تارن جي مشاهدي سان شروع ڪري سگهن ٿا، جن کي مون 'ميڊيسي نارا' سڏيو آهي.

آئنڊري [دوربينيءَ جي اکيان ڀيل استول ڏانهن اشارو ڪندي]: مهرباني فرمائي هيٺي ويهي ڏسو.

فيلسوف: تنهنجي مهرباني، منهنجا ٻچا! منهنجو خيال آهي تہ ڪاڪاهہ ايتري سڌي سادي ڪانهي. استاد گليلي، اوهان جي مشهور اوزار منجهان اسين ٻيهي ڏسون، تنهن ڪان پهرين خوشيءَ جي ڪاڪاهہ ٿيندي، جيڪڏهن هڪڙو مناظرو ڪيو وڃي. موضوع: چا، اهڙن تارن جو وجود ممڪن آهي؟

رياضيءَ جو عالم: ها، باقاعدي هڪڙو رسمي مناظرو.

گليلو: مون ٿي سوچيو تہ اوهين رڳو دوربينيءَ منجهان ڏسي، ان جي پاڻ تسلي ڪري سگهو ٿا.

آئنڊري: هِن منجهان، هِن منجهان.

رياضيءَ جو عالم: برابر، برابر. پر هيءُ تہ پڪ اوهان کي معلوم آهي تہ قديم عالمن مطابق اهڙن تارن جو وجود ممڪن ٿي ڪونهي،

جيڪي ذرتيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻئي مرڪز جي چوڌاري ڦرندا هجن ، ۽ نه وري اهڙا ئي گي تارا ٿي سگهن ٿا ، جن کي آسمانن ۾ ڪا نه ڪا ٻيهڻ جي جاءِ يا ٽيڪ نه هجي.

گليلو : هائو.

فيلسوف: ۽ اهڙن تارن جي وجود جي امڪان کان علاوه ، جنهن بابت اسان جي رياضيءَ جي معزز استاد [رياضيءَ جي عالم ڏانهن پوري ادب سان ڪنڌ نمائي ٿو] کي شڪ آهي ، آءٌ پاڻ ڏاڍي تواضع سان ، هڪ فيلسوف جي حيثيت ۾ ، هڪڙو سوال عرض رکندس ته ڇا ، اهڙن تارن جو وجود ضروري به آهي ؟ آرسٽاٽيلس ڊِ وائيني يُونيورسو ...

گليلو : ڇو نه پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا هلون ؟ منهنجو ساٿي ، استاد فبرزوني ، لاطيني ٻولي نٿو سمجهي.

فيلسوف: هِن جو اسان جي ڳالهه کي سمجهڻ يا نه سمجهڻ ايترو اهم آهي ڇا ؟

گليلو : هائو.

فيلسوف: معاف ڪندا. سون ٿي سمجهيو ته هيءُ اوهان جو شيشه گر آهي!

آئندري: استاد فبرزوني هڪ شيشه گر آهي ۽ هڪ عالم آهي.

فيلسوف: مهرباني ڪري منهنجا ٻچا. جيڪڏهن استاد فبرزوني زور ڀري ٿو ته ...

گليلو : آءٌ زور ڀريان ٿو.

فيلسوف: دليل جي نزاڪت آها نه رهندي ، پر هيءُ اوهان جو گهر آهي.
ـ مقدس ارسطوءَ جي ڪائنات ، جنهن ۾ غيب جي پيداوار ، الاهي موسيقيءَ جا خالق دائرا ۽ بلوري چرخ ، ۽ آن جي آسماني جسمن جي وڏندڙ دائرن ۾ رواني ، ۽ سڄ جي دائري جو ڦيرجو محور ، ۽ آڪاش جي خاڪن جا راڻ ، ۽ ڏکڻ اڌ گول ۾ تارن جا ميڙ ۽ جهڳٽا ، خدائي پناهه ۾ ٻيئل ڪرهٔ ارض ۽ جامع فلڪياتي عالم جي ڪامل ترتيب ۽ تعمير ـ اِهو سڄو تصورَ

حسن ۽ توازن جو هڪ اهڙو روحاني سڪون بخشيندڙ نظام پيش ڪري ٿو، جو آن کي داهن جو خيال ته ڇا، پر آن جي رڳو ٿوري لڏڻ جو شڪ ۾ دل کي لرزائي ٿو ڇڏي.

گليلو : هائي پلا ڇا خيال آهي، جيڪڏهن اعليٰ حضرت جن اِهي ناممڪن ۽ غير ضروري تارا پاڻ پنهنجي اکين سان هين دوربينيءَ منجهان ڏسن، ته آن ۾ ڪو هرج آهي ؟

رياضيءَ جو عالم : آن جو هڪڙو نرم جواب ته هيءُ به ٿي سگهي ٿو ته اوهان جي دوربيني، جيڪا اهڙي ڪا شيءِ ڏيکاري ٿي، جيڪا وجود ۾ ئي ڪانهي، سا خود ڪيئن هڪ اعتبار جوگي دوربيني سڏي سگهبي ؟

گليلو : اوهان جو ڇا مطلب آهي ؟

رياضيءَ جو عالم : اِن کان وڌيڪ مفيد هيءَ ڳالهه ٿيندي، استاد گليلي، ته اوهين اسان کي آهي سبب ٻڌايو، جيڪي اوهان کي اِنهيءَ مفروضي قائم ڪرڻ تي. آماده ڪن ٿا ته اڻ بدلجندڙ آسمانن جي سڀ کان اوچن ايوانن ۾ تارا کاپل پولار ۾ آزاد ڦري سگهن ٿا.

فيلسوف : سبب، استاد گليلي، سبب.

گليلو : سبب ؟ جڏهن خود تارن تي هڪ نگاهه ۽ آن تي منهنجي سڌجهاڻيءَ سان، قدرت جي اِن سڄي ڪرشمي جو ذاتي تجربو ۽ مشاهدو ٿي سگهي ٿو! سائين منهنجا، هيءُ مناظرو عقل جي ڏيوالي جو مظاهرو ٿيندو ٿو وڃي.

رياضيءَ جو عالم : جيڪڏهن هيءَ خاطري هجي ته اوهين پاڻ کي وڌيڪ جوش ۾ نه وجهندا، ته هوند هيءَ ڳالهه به اشاري طور چئي سگهجي ٿي ته جو ڪجهه اوهان جي دوربينيءَ ۾ آهي ۽ جو ڪجهه آسمانن ۾ آهي، آهي پيئي ساڳي ڳالهه نه، پر به جدا جدا ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون.

فيلسوف : اِهو خيال اِن کان وڌيڪ نرم ۽ واضح نموني بيان ٿيي ئي نٿو سگهي.

فيدرزوني: اوهين سمجهو ٿا تہ اِهي ميڊيسي تارا اسان دوربيني جي شيشن تي پينٽ ڪري چڏيا آهن!

گليلو: چا، اوهين مون تي ڏوڪي جو الزام هٽي رهيا آهيو؟

فيلسوف: پر اسين اِئين ڪيئن ٿا ڪري سگهون؟ سو بہ اعليٰ حضرت جي موجودگيءَ ۾!

رياضيءَ جو عالم: اوهان جو اوزار - اُن کي اوهان جو اولاد چئجي يا اوهان جو شاگرد - بهرحال، وڏيءَ عقلمنديءَ سان ٺهيل آهي. اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي.

فيلسوف: ۽ اسان کي بلڪل خاطري آهي، استاد گليلي، تہ نڪي اوهين ۽ نہ وري ڪو ٻيو اهڙي ڪا جرئت ڪري سگهندو، جو اسان جي حڪمران گهراڻي جو جڳ سڃاتل نالو اهڙن تارن تي رکي، جن جو وجود هر قسم جي شڪ کان بالاتر نہ هجي.

[هو سيئي اعليٰ حضرت رئيس اعظم ڏانهن ڪنڌ جهڪائين ٿا.]

قاسمو [ڪنڌ ڦيرائي، بيگمن ڏانهن ڏسي ٿو]: چا، سنهنجا تارا ٺيڪ نہ آهن چا؟

وڏيءَ عمر واري بيگم [اعلي حضرت کي]: تارا تہ هر طرح ٺيڪ آهن، اعليٰ حضرت! هي معزز عالم رڳو هي ٻيا ٻچن ۽ پڪ ڪن تہ تارا سچ پچ ۽ واقعي موجود آهن يا نہ!

[ٿوري ماٺ.]

ننڍيءَ عمر واري بيگم: چون ٿا تہ اِنهي اوزار سنجهان آسمان ۾ 'شڪاريءَ' جي ڪمان جو زهہ بہ ڏسي سگهجي ٿو!

فيدرزوني: هائو، ۽ 'ڏاند' جون تہ سڀ شيون ڏسجي سگهجن ٿيون.

گليلو: پلا، معزز حضرات، هاڻي اِن سنجهان ڏسندؤ، يا نہ؟

فيلسوف: بلڪل، پڪ ٻي پڪ.

رياضيءَ جو عالم: بلڪل.

[ماٺ. اوچتو، اڱڻي ٻاهران وراڻي، ڪاڻيءَ واڱر آيو ٽي، سڄو ڪمرو لتاڙي، ٻئي پاسي ٿو وڃي بيهي. سندس ماءُ ڏوڙي جهليس ٽي.]

ميٿورا سارتي: ٿوڪي ڇا ٿي ويو؟

ائنڊري: هي سڀ احمق آهن [زوريءَ ٻاڻ ڇڏائي، ڊوڙ پائي، نڪري وڃي ٿو.]

فيلسوف: افسوس آهي هن ٻار تي.

پيشڪار: اعليٰ حضرت، معزز حضرات، اوهان جي ياد دهاني ڪرڻي آهر ته عالي دربار جو هفتيوار رقص پوري مٺي ڪلاڪ کان پوءِ شروع ٿيڻ وارو آهي.

رياضيءَ جو عالم: ڳالهه لڪائجي ڇو؟ ترت يا دير سان، مطلب ته ڪڏهن نه ڪڏهن، استاد گليليءَ کي حقيقتون ظاهر ڪرڻيون پونديون. مندس مشتريءَ جا ٻڪره ضرور بلوري گنبذن کي ٽوڙي ٻاهر نڪرڻا آهن. ڳالهه سئين سڌي پيئي آهي.

فدرزوني: اوهان کي عجب ته لڳندو، پر بلوري گنبذ آهن ئي ڪين.

فيلسوف: اڙي ڏڻيءَ جا بندا، معمولي‌ءَ کان معمولي اسڪولي ڪتاب ۾ توکي ڏيڻ ڏائيندو ته بلوري گنبذ آهن.

فدرزوني: ته پوءِ ڏوان اسڪولي ڪتاب ڏهندا.

فيلسوف: اعليٰ حضرت! منهنجا لائق رفيق ۽ آڳ ٻاڻ مقدس ارسطوءَ جي سند کان سواءِ ٻي ڪنهن جي سند ڏڻا قبول ڪري سگهون.

گليلو [تقريباً بيزار ٿيندي]: معزز صاحبؤ، ارسطوءَ جي سند ۾ ايمان هڪ ڳالهه آهي؛ حقيقتون، ڪليل حقيقتون، ٻي. ڳالهه آهن. اوهين ڏا چئو ته ارسطوءَ جي چوڻ موجب هُتي مٿي بلوري گنبذ يا چرخ آهن، تنهنڪري کي گردشون يا چُرپُريون واقع ٿي ڏيون سگهن، چاڪاڻ ته اِئين ڪرڻ ۾ تارن کي آهي گنبذ ٽوڙڻا پوندا. پر جيڪڏهن آنهن چُرپُرين يا گردشن جي اکين سان تصديق ٿي وڃي ته پوءِ؟ پوءِ شايد اوهان کي ميڙو پوي ته آهي بلوري گنبذ ڪٿه موجود ٿي ڪونهن معزز حضرات آڳ اوهان کي نهايت نماڻائيءَ سان عرض ٿو ڪريان ته اوهين پنهنجين اکين تي اعتبار ڪريو.

رياضيءَ جو عالم: منهنجا عزيز گليلو، اِها گالهه اوهان کي پلي ڪٽي قدير دور جي لڳي، پر آءٌ پين گالهين سان گڏ، ارسطوءَ کي پڙهڻ جو عادي آهيان، ۽ اوهان کي خاطري ٿو ڏيان ته آتي آءٌ پنهنجين اکين تي اعتبار رکان ٿو.

گليلو: آءٌ اِنهيءَ ڏسڻ تي هيري ويو آهيان ته سيني علمن جا استاد هر قسم جي حقيقت تي پنهنجون اکيون بند ڪري ٿا ڇڏين، ۽ اِئين هلن ٿا جڻ ڪجهه ٿئي ئي ڪونه ٿو، ۽ نه ٿيڻ ٿو سگهي. آءٌ پنهنجا مشاهدا پيش ڪريان ٿو، ۽ هو آنهن تي ٻينا ڪِلن. آءٌ پنهنجي دوربيني سندن حوالي ڪريان ٿو، ته جيئن پنهنجي اکين سان پاڻ ڏسي تسلي ڪن، ۽ هو مون کي ارسطوءَ جا قول پڙهي پيا ٻڌائين. پر آن ماڻهوءَ وٽ ته دوربيني ڪانهه هئي!

رياضيءَ جو عالم: بلڪل ڪانهه هُيس. بلڪل ڪانهه هُيس.

فيلسوف [گالهه کي ويڙهيندي، پوري اعتماد سان]: جيڪڏهن ارسطوءَ کي اِئين متيءَ ۾ لويو ويندو، جنهن کي نه فقط قدير وقت جي سڄي علمي دنيا پر خود مقدس ڪليسا جا سڀ پادري سڳورا ناقابل ترديد سَنَد طور تسليم ڪن ٿا، ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ مون کي اِئين سمجهه ۾ اچي ٿو ته هِن مباحثي کي جاري رکڻ فضول آهي. آءٌ بيڪار بحث نه ڪندو آهيان. گهٽو ٽيو!

گليلو: سچ وقت جي پيداوار آهي ۽ نه سَنَد جي. اسين بيحد اٽڄاڻ آهيون. اچو ته پنهنجي اٽڄاڻائيءَ کي ذرو ذرو ڪري گهٽايون. چو هِن وقت ايتري عقلمند ٻنجڻ جي ڪوشش ڪريون، جڏهن ڪوشش ڪري اسين پنهنجي بيعقليءَ کي ڪجهه گهٽائي سگهون ٿا. اِها منهنجي هڪ ويسهه ۾ نه اچڻ جهڙي خوش نصيبي هئي، جو مون کي هڪڙو نئون اوزار هٿ اچي ويو، جنهن جي وسيلي ڪائنات جي هڪ نئين ڪُنڊ ڪجهه وڌيڪ صاف ڏسي سگهجي.

ٿي. گهٽي نہ - پر ٿورڙي. اچو تہ اُن جو فائدو وٺون!

فيلسوف: اعليٰ حضرت، معزز خواتين ۽ حضرات، آءٌ هينئر پاڻ کان پڇي رهيو آهيان تہ هيءَ سڄي گالهہ اسان کي نيٺ ڪيڏانهن وڃي ويندي!

گليلو: منهنجو خيال آهي تہ اسين سائنس جا طالب آهيون، اُن حالت ۾ اسان جو ڪم نہ آهي تہ پاڻ کان بيهي پڇون تہ سچ اسان کي ڪيڏانهن ٿو وڃي ويندي.

فيلسوف [سخت ڪاوڙ ۾]: استاد گليلي، سچ اسان کي بلڪل اوڙاهہ ۾ نٿو سگهي ٿو.

گليلو: اعليٰ حضرت، جيئن هيءَ رات آهي، تيئن هڪڙين راتين تي، اٽليءَ ۾ هر هنڌ، دوربينيون ڦرنديون، آسمانن ڏانهن آڻيون ٿينديون رهن ٿيون. مشتريءَ جي چندن سان ملڪ ۾ ڪير مڪڙ سستو ڪونہ ٿي پوندو، پر اِهي چند اڳي ڪڏهن ڏٺا نہ ويا آهن، ۽ اِهي متي موجود آهن. اِن مان هڪ عام ماڻهو اِهو نتيجو ڪڍي ٿو تہ ڏسڻ لاءِ پيون بہ ڪيتريون ئي شيون موجود هونديون، رڳو سندس پنهنجي اکين کولڻ جي دير آهي. اوهان جو فرض آهي تہ هُن جي اِنهيءَ اميد جي تصديق ڪريو. اِها ڪا ٻن ڇڻ ڏورانهن تارن جي چڙپڙ جي گالهہ ڪانهي، جنهن سڄي اٽليءَ جي ماڻهن کي چرڪائي ڇڏيو آهي؛ پر اصل ۽ وڏي گالهہ هيءَ آهي تہ اِها خبر جيڪا عام پکڙي ويئي آهي تہ ماڻهن جا ڪي عقيدا ۽ رايا، جيڪي اڄ تائين سمجهيا ويندا هئا تہ غلط نڪتا ٿي سگهن، آهي هاڻي ڏهي ڏير ٿي رهيا آهن، اُن خبر عام ماڻهن جا ڪن ڪڙا ڪري ڇڏيا آهن تہ اهڙا عقيدا ۽ رايا تہ پيا بہ گهٽيئي ٿي سگهن ٿا. معزز حضرات، اسان کي مدي خارج ۽ سرندڙ تعليمات کي بچائڻ نہ گهرجي.

فلورزوني: استادن جي حيثيت ۾، اوهان کي تہ پاڻ اُنهن جي خاتمي

کي ويڇهي آڻڻ جي کوشش ڪرڻ ڪپي.

فيلسوف: آءٌ چاهيندس تہ اوهان جو ماڻهو سائنسي مذاڪري ۾ پنهنجي ٽنگ اڙائڻ جي کوشش نہ ڪري.

گليلو: اعليٰ حضرت. وينس جي وڏي اسلحه خاني ۾ پنهنجي ڪر جي دوران، آءٌ خاڪ نويسن، رازن، اوزار ٺاهيندڙن ۽ بين ڪيترن ئي پورهيتن، هنرمندن ۽ ڪاسبين سان لاڳاپي ۾ آيو هوس. هنن ماڻهن مون کي ڪيترا ئي نوان رستا شين ٺاهڻ جا ۽ ڪر ڪرڻ جا ٻڌايا ۽ ڏيکاريا. آهي آڻ پڙهيل هٿ، پر آنهن پنهنجن پنجن حواسن تي اعتبار ٿي رکيو - ۽ اکثر حالتن ۾ هنن کي ان ڳالهه جو خيال کونہ ٿي رهيو تہ سندن اهڙا تجربا ۽ مشاهدا ڪين ڪيڏانهن وڃي ٿي وياء ۽ ...

فيلسوف: اوهو!

گليلو: بلڪل اسان جي آنهن جهازرانن وانگر، جيڪي سؤ ورهيه اڳ اسان جن ڪنارن تان لنگر کڻي، اجهاڳ سمنڊ جي سفر تي نڪري پيا هٿ، ۽ اهو خيال کونہ ڪيو هئائون تہ آهو سفر ڪهڙن ڪهڙن ڪنارن ڏانهن ڪين وڃي ويندو. ائين سمجهجي ٿو تہ اڄ آنهيء اعليٰ تجسس کي لهڻ لاءِ، جنهن قديم يونان کي حقيقي عظمت بخشي هئي، اسان کي وري ڪن جهازساز گودين ۾ وڃڻو پوندو.

فيلسوف: جو ڪجهه اسان اڄ هتي پڙو آهي، اڻ ڪان پوء واقعي منهنجي دل ۾ ڪو شڪ کونہ ٿو رهي تہ استاد گليليءَ کي سندس شائقن ۽ ثناخوانن جهازن جي گودين ۾ ئي ملي سگهندا.

پيشڪار: اعليٰ حضرت، مون کي ڊپ آهي تہ هيءَ غير معمولي سبق آموز گفتگو ڪجهه وڌي، ڊگهي ٿي پيئي آهي. اعليٰ حضرت کي درباري رقص ڪان پهريائين ڪا گهڙي آرام فرمائڻ گهرجي.

[اشاري ملڻ سان رئيس اعظم گليلو طرف جهڪي ٿو. درباري تيز تيز نڪري وڃڻ شروع ڪن ٿا.]

سينورا سارتي [رئيس اعظم جي اڳيان اچي، ڪيس پيسترين جي پليٽ پيش ڪري ٿي]: هڪڙو بسڪوٽ، اعليٰ حضرت!

[وڏيءَ عمر واري بيگم اڳيان ٿي، رئيس اعظم کي ٻاهر وڃي ٿي.]

گليلو [هُنن جي پوئتان ڊوڙندي]: پر معزز صاحبؤ، اوهان کي سچ پچ منهنجي آلي متجهان رکو ڏسڻ ۾ گهربو هو!

پيشڪار: استاد گليلي، خاطري رکو: اعليٰ حضرت، بهرحال اوهان جي دعوائن متعلق روم ۾ مقدس پوپ جي ڪاليج جي فلڪياتي علم جي استاد، ڪرسٽافر ڪلي وئس، ڪان ضرور رايو ونندو، جيڪو هن وقت دنيا ۾ في‌الحقيقت فلڪيات جو وڏي ۾ وڏو ماهر آهي.

(۵)

پليگ جي بہ پرواھ نہ ڪندي، گليلو پنھنجي تحقيقات کي جاري رکي ٿو

— الف —

فلارينس ۾ گليلو جي مطلعي جو ڪمرو

[صبح جو سوير. گليلو دوربينيءَ تي ويٺو، نوٽ وٺي رھيو آھي. ورجينيا، سفر جو ٽيلھو ڪنيو، اندر اچي ٿي.]

گليلو : ورجينيا، ڪجھ ٽيو آھي چا ؟

ورجينيا : ڪان‌وينٽ بند ٿي ويو. اسان کي ستو گھر موڪليو اٿن. شھر جي آرسيٽري محلي ۾ پليگ جا پنج ڪيس ٿيا آھن.

گليلو : [سڏ ٿو ڪري] سارتي!

ورجينيا : اڄ صبح ڪان مارڪيٽ وارو رستو بند ڪيو ويو آھي. چون ٿا تہ اولاد ٽائون ۾ بہ موت واقع ٿيا آھن ۽ ٿي نازڪ ڪيس اسپتال ۾ پيا آھن.

گليلو : ھن پيري وري بہ پچاڙيءَ تائين ھر ڳالھہ مخفي رکيائون.

سينورا سارتي [اندر اچي ٿي] : ڏون ھتي چا پيئي ڪرين ؟

ورجينيا : پليگ پيئي آھي.

سينورا سارتي : يا خدا! سامان تہ ٻڌان. [متي تي ھٿ ڏيئي، ويھي ٿي رھي.]

گليلو : ڪو بہ سامان نہ ٻڌ. ورجينيا ۽ آئندريءَ کي وٺي فج. آءٌ پنھنجا ڪاغذ ٿو گڏ ڪريان.

[ھو ڊوڙي ميز وٽ وڃي ٿو، ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ ڪاغذ ميڙي گڏ ٿو ڪري، سينورا سارتي آئندريءَ جي پٺيءَ تي ڪوٽ ٽي رکي، جيڪو ڊوڙندو اندر آيو آھي، ۽ پوءِ ڪجھ ڪاڏو ۽ بستري جو سامان گڏ ڪري ٽي. سپاھي داخل ٿئي ٿو.]

سپاهي: هن نُگريءَ بيماريءَ کري، اعليٰ حضرت جن شهر ڇڏي بولونا روانا ٿي ويا آهن. پر سخت حڪم ڏيئي ويا آهن ته استاد گليليءَ کي به سواريءَ جو بندوبست کري ڏجي ته شهر مان نڪري، کنهن سلامتيءَ واري هنڌ پهچي سگهن - ۽ منڊن ۾ گاڏي اوهان جي در تي پهچي ويندي.

سينورا سارتي [ورجينيا ۽ آئنبريءَ کي]: وڃو، تکا وڃو! هان، هي پاڻ سان کنيو وڃو!

آئنبري: پر ڇو؟ جي نه پڏائيندينءَ، ته آءٌ کونه ويندس.

سينورا سارتي: منهنجا پٽ! پليگ پيئي آهي.

ورجينيا: اسين بابا لاءِ ترسنداسين.

سينورا سارتي: استاد گليلي، توهين تيار آهيو؟

گليلو [جيڪو دوربينيءَ کي ميز پوش ۾ ويڙهي پيو ويڙهي]: ورجينيا ۽ آئنبريءَ کي تون گاڏيءَ ۾ چاڙهه. آءٌ اجهو ٿو اچان.

ورجينيا: نه، اسين اوهان کان سواءِ نه ويندا سين. توهين جيڪڏهن کتاب پڏڻ شروع کندا، ته کڏهن به تيار نه ٿي سگهندا.

سينورا سارتي: گاڏي پهچي ويئي.

گليلو: ڪجهه ڏاهي ٿيءُ ورجينيا! جيڪڏهن تون گاڏيءَ ۾ نه چڙهندينءَ، ته گاڏيءَ وارو هليو ويندو، پليگ کا معمولي ڳالهه ڪانهي.

ورجينيا [ڪاوڙ ڏيکاري ٿي - جيئن سينورا سارتي کيس ۽ آئنبريءَ کي اڳيان ڪيو، باهر وٺي ٿي وڃي]: بابا کي تون ڪتابن ڏاهڻ ۾ مدد ڪر، نه ته هو کڏهن به ڪين نڪرندو.

سينورا سارتي [ڏاڪڻ جي در تي پهچي، سڏي ٿي]: استاد گليلي، ڪوچوان. ڏٺو ترسي!

گليلو: سينورا سارتي، آءٌ ڏٺو سمجهان ته مون کي گهر ڇڏڻ گهرجي. سڀ شيءِ هتي بگڙي پيئي آهي. مون کي هڪ ٻه راتيون هتي رهڻ گهرجن، نه ته گذريل ڏن مهينن ۾ جيڪي نوٽ ورتا اٿم، سي سڀ بيڪار ٿي ويندا ۽ سمورا ڪاغذ اڇلائي ڇڏڻا

پوندر. ۽ هيءَ بيماري بہ تہ هر هنڌ پکڙي پيئي آهي!

سينورا سارتي: استاد گليلي، فوراً هيٺ اچو. توهان جو مغز تہ خراب ڪونہ ٿي ويو آهي!

گليلو: تون وقت نہ وڃاءِ. ورجينيا ۽ ائندريءَ کي وٺي هلي وڃ. آءٌ بہ توهان جي پويان اچان ٿو.

سينورا سارتي: هڪ ڪلاڪ کان پوءِ تہ ڪنهن کي شهر مان نڪرڻ بہ بہ ڪونہ ڏيندا. توهان کي هڪدم هلڻ گهرجي. [ڪنِ لائي ٻڌي ٿيي.] گاڏي تہ وڃي پيئي! ڊوڙي ٻهاريانس!

[وڃي ٿي.]

[گليلو اڳتي پوئتي هلي ٿو. سينورا سارتي موٽي ٿي اچي - ڏنهن لٽل، پريشان، هٿين خالي.]

گليلو: تون اڃا چو ٻيٺي آهين؟ گاڏي بارن کي ڪٽي هلي ويندي.

سينورا سارتي: هو ويا هليا. ورجينيا کي زوريءَ اندر جهلي ويا. بولونا ۾ ڪو نہ ڪو بارن جي سار سنڀال لهندو. پر هتي توهان جو ڪاڏو ڪير پچائيندو؟

گليلو: تون چري ٿي پيئي آهين. ڪاڏي پچائڻ لاءِ شهر ۾ رهي پوڻ ...! [پنهنجا ڪاغذ ڪٽي ٿو.] ائين نہ سمجهہ تہ آءٌ ڪو بيوقوف آهيان. سينورا سارتي! آءٌ هتي پنهنجن 'مشاهدن' کي ڇڏي نٿو سگهان. منهنجا ڏاڍا طاقتور دشمن آهن، ۽ مون کي پنهنجن نظرين لاءِ ثابتيون هٿ ڪرڻيون آهن.

سينورا سارتي: توهين چو ٿا مون کان معافي گهرو! پر اِها سمجهہ پري ڳالهہ ڪانهي.

— ب —

فلارينس ۾ گليلو جي گهر جي باهران

[گليلو گهران باهر نڪري ٿو ۽ گهٽيءَ ۾ پري ڏسي ٿو. بہ راهبائون اچي لنگهن ٿيون.]

گليلو [هنن سان گالهائي ٿو]: منهنجون پيئرون ، سون کي ڏس ڏيئي سگهنديون تہ آءٌ ٿورو کير کڻان ونان ؟ اڄ صبح جو کير واري مائي اسان وٽ کانہ آئي ، ۽ منهنجي خادمہ ٻاهر نڪري ويئي آهي .

هڪڙي راهب : دوکان هاڻي رڳو شهر جي هيٺين پاسي کليل آهن .

بي راهب : اوهين هُتان نڪتا آهيو ؟ [گليلو کنڊ سان هائوکار ڪري ٿو.] هين ئي گهٽيءَ مان!

[ٻيئي راهبائون پنهنجيءَ چاتيءَ تي صليب ٺاهين ٿيون ، ٻيءي مريم کي سڏين ٿيون ۽ تکيون تکيون وڏي وڃن ٿيون . هڪڙو ماٺهو اچي لنگهي ٿو.]

گليلو [هُن سان گالهائي ٿو]: تون آهو نانوائيءَ تہ نہ آهين ، جيکو اسان کي سفيد نان ڏيئي ويندو آهين ؟ [ماٺهو کنڊ سان هائو ڪري ٿو.] تو منهنجي خادمہ تہ کانہ ڏني؟ هوءَ شايد ڪالهہ شام جو کيڏانهن نڪري ويئي آهي. اڄ صبح جو هوءَ گهر ۾ کانہ هئي .

[ماٺهو کنڊ سان ناڪار ٿو ڪري.]

[سامهين پاسي واري دري کلي ٿي ، ۽ ان مان هڪ عورت جهاتي پائي ٻاهر ڏسي ٿي.]

عورت [دانهن ڪري]: پيجو اِتان! اِنهي پاسي ٻليگ آئي آهي !

[ماٺهو خوف ۾ وڃي ، پيجي ٿو.]

گليلو : توکي ڪا منهنجي خادمہ جي خبر آهي ؟

عورت : تنهنجي خادمہ گهٽيءَ ۾ اڳتي ويندي ، ڪري ٻيئي هئي. هُن کي اڳي ئي خبر هئي. اِنهيءَ ڪري تہ ٻاهر نڪتي هئي. ٻين جو ڪنهن کي خيال ئي ڪونہ ٿو پوي! [هوءَ زور سان دري بند ڪري ٿي ڇڏي.]

[ڪي ٻار ٻريان گهٽيءَ مان ايندا ڏسجن ٿا. هو گليلو کي ڏسن ٿا ۽ رڙيون ڪري پڃن ٿا. گليلو موڪي ٿو ، ۽ ٻہ سپاهي ، مٿي کان پيرن تائين زرهہ ۾ ڍڪيل ، ڊوڙندا ڏانهس اچن ٿا.]

سپاهي: موٽي گهر وڃ! هڪدم موٽي اندر وڃ!
[هو پنهنجن ڏڪن نيزن جي چهنبن سان گليلو کي ڏيڇاري، اندر ڪن ٿا. هڻن کي اندر ڪري، باهران ڪڙو ڏيئي، در بند ڪري ڇڏين ٿا.]
گليلو [دريءَ منجهان منهن ڪيڻي]: اوهين مون کي ڪجهه ٻڌائي سگهندا ته منهنجي خادم جي ڪهڙي حالت آهي؟
سپاهي: اهڙا سڀ ڪيس باهر ٻيلي ۾ ڪٽي ويا آهن.
عورت [وري دريءَ سان منهن ڪيڻي ٿي]: گهٽيءَ جو اهو سڄو پاسو پليگ ۾ ورتل آهي. ان کي اتان بند ڇو نٿا ڪري ڇڏيو؟
[سپاهي ٿهي پاسن کان رسي ٻڌي، گوٽيءَ کي بند ڪري ٿا ڇڏين.]
عورت: پر هاڻي ته اسان جي گهر ۾ به ڪو ڪونه اچي سگهندو! اسان کي بند ڪري ڇڏڻ جي ضرورت ڪانهي، هتي هر ڪو چڱو ڀلو آهي. ائين نه ڪريو! ائين نه ڪريو!! منهنجي ڳالهه ٻڌو!!! منهنجو مڙس باهر شهر ۾ آهي. هاڻي هو اسان وٽ واپس ڪيئن اچي سگهندو؟ اڙي مار پئيو! ڪا نڪاڻ پئيو!!
[اندران روئندي، رڙيون ڪندي ٻڌجي ٿي. سپاهي هليا ويا ٿا. بيءَ دريءَ مان هڪ ٻيڻي عورت منهن ڪيڻي ٿي.]
گليلو: هوڏانهن ڪا باهه لڳل ٿي ڏسجي!
ٻيڻي عورت: جتي پليگ جو شڪ هوندو اتن، اتي باهه ڪاڻ وسائيندا آهن. سواءِ پليگ جي ٻيءَ ڪنهن ڳالهه جو ڪو خيال ئي ڪنهن کي ڪونهي.
گليلو: اهي آهن ئي اهڙا! اهڙو ئي انهن جو سڄو حڪومت جو نمونو آهي. بس، اسان کي ائين ڪٽي الڳ ڪري ٿا ڇڏين، جيئن آنجيرَ جي وڻ جي ڪا ڏاري ڪپي اڇلائي ڇڏبي آهي، جنهن کي جيت اچي وڃندو آهي ۽ آها سيوو جهلي نه سگهندي آهي.
ٻيڻي عورت: توکي ائين چوڻ نه گهرجي. هو به لاچار آهن.
گليلو: تون گهر ۾ اڪيلي آهين ڇا؟
ٻيڻي عورت: هائو. پر منهنجي پٽ باهران مون کي چٽي سوکلي آهي.

ڏٺيءِ جو شڪر، جو ڪالهه شام جڏهن هُن کي خبر پيئي ته هيڏي هِن پاسي کو پليگ ۾ مري ويو هو، تنهنڪري هو گهر ۾ ڪونه آيو. ڪالهه رات هِن پاسي پارنهن ڪيس ٿيا هئا.

گلبلو: آڳ پاڻ کي ڏوهه ٿو ڏيان، جو پنهنجي خادم کي وقت سر موڪلي نه ڇڏيو. سون کي ته ضروري ڪم هو، پر هُن کي ته پوئتي رهڻ جو ڪو سبب ڪونه هو.

ٻڍي عورت: هاڻي، اسين پاڻ ۾ ته وڃي نڪا سگهون. اسان کي ڪير پاڻ وٽ اچڻ ڏيندو؟ تون پاڻ کي ايترو نه لوڏ. سون هُن کي ڏنو هو. هوءَ اڄ صبح جو سوير، اڪل ستين وڳي ٻاهر نڪتي هئي. هوءَ بيمار هئي، چو ته جڏهن هن سون کي ماني وٺڻ لاءِ در کان ٻاهر اينديءِ ڏٺو، تڏهن هوءَ سون کان پڇي پري ٿي ويئي. شايد هُن نٿي چاهيو ته هو ڪو تنهنجو گهر پوري ڇڏين. پر هو ته هر شيءِ معلوم ڪري وٺن ٿا.

[گڙگڙ گڙگڙ جو آواز ٻڌجي ٿو.]

گلبلو: اِهو ڇا آهي؟

ٻڍي عورت: اِهي گوڙ ڪن ٿا ته جيئن آسمان ڏانهن جا ڪکر جن ۾ پليگ جو بچ آهي، سي ڏڙي پکڙي هٿي وڃن.

[گلبلو زور سان کِلي ٿو.]

ءِ تون ٻيو ڪِهين!

[هڪڙو ماڻهو گهٽيءَ مان ٻريان اچي ٿو ۽ آن کي رسيءَ سان بند ڏسي ٿو.]

گلبلو: اڙي ادا! آڳ هٿي بند ٿيو ٻيو آهيان، ۽ گهر ۾ ڪجهه به ڪائڻ لاءِ ڪينهين.

[هُن جو آواز ٻڌندي ئي ماڻهو پڇي وڃي ٿو.]

گلبلو: پر، اڙي! اڙي! ميان! تون اسان کي اِئين بک ۾ مرندي ڏسي، ڪيئن ٿو پڇي وڃين!

ٻڍي عورت: شايد اسان لاءِ ڪجهه آڻيندا. ڏ ته، آڳ تنهنجي در جي

پاهران کير جو پيالو رکي ويندس - شل ڏوکي مون سان ڀيڻ نه ٿئي - پر سو نه سڄ لٿي، اوندهه کان پوءِ.

گليلو : او! او! کو ته من اسان ۾ کي پڌي!
[اوچتو رسيءَ وٽ آئنبري اچي بيهي ٿو. هن جي ڳلن تي ڳوڙهن جا نشان ڏسجن ٿا.]

گليلو : آئنبري! تون هتي ڪيئن پهتين ؟

آئنبري : آءٌ هتي سوير آيو هوس. مون ٽڪ ڪئي، پر توهان در نه کوليو. ماٺهن مون کي پڌايو ته ...

گليلو : گاڏيءَ ۾ تون ڪونه ويئين ڇا ؟

آئنبري : وو هوس، پر رستي تي ڪنهن طرح ٽپ ڏيئي لهي پيس. ورجيتا هلي ويئي. آءٌ اندر نڪو اچي سگهان ڇا ؟

پڌي عورت : نه، اندر نڪو اچي سگهين. تون آرسيلان سرڪس ۾ وڃ. تنهنجي ماءُ اتي هوندي.

آئنبري : آءٌ اتان ٽي آيو آهيان. پر هُن ساٽس مون کي سڃاڻ نه ڏنو. هوءَ ڏاڍي بيمار آهي.

گليلو : تون ايترو سڄو پنڌ ڪري آيو آهين ؟ ٽي ڏينهن ٿيا آهن اوهان کي هتان وئي!

آئنبري : مون کي هتي اچڻ ۾ ايترا ئي ڏينهن لڳا آهن ؛ توهين مون تي ڪاوڙجو نه، وات تي هڪ پيرو مون کي جهلي نه وڌو هٿائون.

گليلو [ٻوسيءَ کان] تون هاڻي روءُ نه. هيڏانهن ڏس. مون انهي وڃ ۾ ڪيتريون ئي نيون شيون لڌيون آهن. توکي پڌايان؟ [آئنبري منڊکا بند ڪري، ڪنڌ سان هائو ڪري ٿو.] هاڻي ڏيان سان پڌ، نه ته سمجهي ڪين سگهندين. ياد اٿيئي جڏهن مون توکي زُهري جو گرهه ڏيکاريو هو؟ تون ايڏانهن انهي ڳوڙ تي ڪن ڏي - اِهو ڪجهه ڪونهي. سو، توکي ياد آهي؟ هاڻي توکي خبر آهي ته مون ڇا ڏٺو آهي؟ بس، اهو ته چند جهڙو آهي! مون آن کي اڌ گول جي شڪل ۾ ڏٺو آهي ۽ هيلال

جي شڪل ۾ ڏنو آهي، هاڻي تون چا ٿو چوين؟ آءٌ ٿو ڪي
اِهو سيڪجهه هڪڙي ٻال ۽ ميڙ بتيءَ جي مدد سان ڏيکاري
سگهان ٿو. اِن مان ثابت ٿئي ٿو ته اِنهي گرهه ڪي به پنهنجي
روشني ڪانهي. ۽ اِهو به سچ جي چوڌاري ڦري ٿو - بلڪل
هڪڙي سادي گول دائري ۾. آهي نه اِها عجب جهڙي ڳالهه؟

آئنبري [سَڏڪا پريندي]: هائو، ۽ اِها حقيقت به آهي.

گليلو [آهستي]: مون هُن کي هتي ڪونه روڪيو هو، آئنبري!
[آئنبري چپ آهي.]

گليلو: پر، آءٌ جي هتي نه ترسان ها، ته برابر اِئين ڪونه ٿئي ها.

آئنبري: پلا، هاڻي ته هو توهان تي اعتبار ڪندا؟

گليلو: مون سڀ پنهنجيون ثابتيون گڏ ڪري رکيون آهن. توکي ٻڌايان
ٿو ته جڏهن هيءَ ڳالهه ختم ٿي ويندي، تڏهن آءٌ روم
ويندس ۽ آتي وڃي کين ڏيکاريندس.

[گهٽيءَ مان پريان به منهن ڏيکيل ماٿهو اچن ٿا، ڪنوائين وانگر آنهن
کي ڏڳها لڳرا آهن، جن جي پڇڙين ۾ باڙڏيون لٽڪيل آهن. هو،
درين منجهان، پهرين ٻڌيءَ مائيءَ کي ۽ پوءِ گليلو کي، ڏڃي ڏڃي،
مانيِ ڪيي ڏين ٿا.]

ٻڌي عورت: ۽ هُتي، پريان، تن ٻارن سان هڪڙي ماءُ آڏو، آنهن کي
به ڪجهه ڪيي ڏيو.

گليلو: پر مون وٽ پيٽ لاءِ ڪجهه ڪونهي. گهر ۾ ڀاڻيءَ جي ڦڙي
ڪانهي. [ٻيئي ماٿهو ڪُلها ساهيندي، پنهنجي لاپرواهي ڏيکارين
ٿا.] سياڻي اوهين وري ايندؤ؟

هڪڙو ماٿهو [ڳهٽيل آواز ۾، چو ته منهن تي ڪپڙو ويڙهيل آتس]:
اڄ ڪنهن کي خبر ته سياڻي چا ٿيندو؟

گليلو: جيڪڏهن سياڻي اوهين اچو، ته مون لاءِ هڪڙو نندڙو ڪتاب
آڻي سگهندؤ؟ مون کي پنهنجي گهر لاءِ آهو ڪپي.

ماٿهو [ٽلهي نموني کِلي ٿو]: جڻ ڪتابُ هاڻي ڪا وڏي ڳالهه آهي!

شڪر ڪر، جي ڪا ماڻي ٻه ملڻي.

گليلو : پر اِهو چوڪرو، منهنجو شاگرد، سياڻي هِن سهل هِيڻي هوندو، ۽ منهنجي لاءِ آهو ڪتاب اوهان کي ڏيندو. ـ آهو هڪڙو نقشو آهي، آئندري، جنهن تي عطارد جي ڦيري جو وقت ڄاڻايل آهي ـ آهو سون کان ڪٽي هيٺ مٽي ٽي ويو آهي ـ تون اسڪول مان سون لاءِ ڪٽي ايندين؟

[اِنهي وچ ۾ ٻيئي ماڻهو هليا وڃن ٿا.]

آئندزي: بلڪل، استاد گليلي، آءٌ توهان لاءِ آهو ضرور ڪٽي ايندس.

[گليلو دريءَ مان هٽي اندر ٽئي ٽو. سامهونءَ واري گهر مان ٻڌي ماڻي باهر نڪري ٽي ۽ گليلو جي در وٽ ڪير جو پيالو آڻي رکي ٽي.]

(٦)

١٦١٦ع: روم ۾ مقدس پوپ جي ڪالیج جو تحقيقاتي ادارو گليلو جي ڪوڄاڻن جي تصديق ڪري ٿو

حالتون سڀ پڄ بيحد عمدي صورت اختيار ڪن ٿيون
جڏهن ڇاڻو ماڻهو ڇاڻ لاءِ هيڻانهين وٺن ٿا.
اسان کي اعلان ڪندي ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي —
علم جي تحصيل کان فارغ ٿيڻ ۽ دستاربند عالم، ڪلي وٺس،
گليلو جي ڪوڄاڻن جي پٽيرائي ڪئي!

روم ۾ مقدس پوپ جي ڪالیج جو وڏو هال

[رات آهي. ڪليسا جا اعليٰ بزرگ، وڏا پادري ۽ عالم - ٽولن جي صورت ۾. هڪڙي پاسي گليلو بينو آهي - اڪيلو. وڏو ڪل خوشيءَ جو وايو منڊل آهي. ڏيڪ شروع ٿئي ٿو، ان کان اڳ وڏا وڏا لاڳيتا ٽهڪ پڏجن ٿا.]

ٽلهو وڏو پادري [مرڪي سان، نڪتل پيٽ کي هٿن ۾ جهليندي): آلا، حد ٿي ويئي! پلا ڪو اهڙي به ڳالهه پڌائي، جنهن تي ڪنهن کي ويسهه نه اچي!

هڪڙو عالم: مثال طور، اوهان کي ڪاڏي ڪان ڏاڍي چڙ آهي، يا حضرت!

ٽلهو وڏو پادري: اِنهي تي ويسهه ڪري ويندا! انهي تي ويسهه ڪري ويندا! ماڻهن کي رڳو معقول ڳالهه تي ويسهه نٿو اچي. مثال طور شيطان آهي - اِنهيءَ تي شڪ ڪندا. پر ڏرتي لاٽونءَ وانگر گهٽ ۾ ڦري ٿي - اِنهي تي ويسهه ڪيو وڃن! ڏٺيءَ جي ڪا

پلائڻي ٿئين!

هڪڙو راهب (سانگ ڪندي): مون کي ته ڪيري ٿي اچي. ڏرتي ڪنهن
حد کان گهٽي ڦري رهي آهي. پروفيسر، هيڏانهن ٿي ته
توتي ٽيڪ ڏيئي پاڻ جهلجان.

[لڏي لڏي، ڪرڻ جو سينهن ٿو ڪري، ۽ هڪڙي عالم جي ڪلهي کي
وڃي ٿو جهلي.]

پهريون عالم [ڪيل ۾ شامل ٿيندي]: هائو، ويچاري اسان جي پوڙهي
ڏرتي ماتا - اڄ وري گهٽو پيٽو اٿس.

ٽلهو وڏو پادري: ڇڏيو، ڇڏيو! آءٌ ته مرگهو ڪران ٿو. ڇڏيو! آءٌ ٿو
چوان، ڪا بي ڳالهه ڪريو!

ٻيو عالم: زهره، ته اڳي ئي وڌيڪ ٿي ويئي آهي. آءٌ ته آن جي
پڻ جو رڳو هڪڙو اڌ ڏسي ٿو سگهان! بچايو! بچايو!

[پادرين جي هڪڙي ٽولي گڏ ٿئي ٿي. ڪلندي، هو اهڙو ناڪ ڪن
ٿا، جڏ ڪنهن طوفان ۾ ورتل جهاز مان هو هيٺ سمنڊ ۾ ڪرڻ ڪان
پاڻ بچائي رهيا هجن.]

هڪڙو ٻيو راهب: خدا خير ڪري، ڪٿي آچلجي چنڊ تي نه وڃي پئون.
پائرو، چون ٿا ته آن جي جبلن جون چوٽيون ڏاڍيون
چهنباريون آهن!

پهريون عالم: پير پنهنجا پختا ڪري ٻيهو!

پهريون راهب: ۽ هيٺ نه نهاريو. منهنجو ته متو ٿو ڦري.

ٽلهو وڏو پادري [سعيو ڪري زور سان ڳالهائي ٿو، ته جيئن گليلو ٻڌي]:
ناممڪن! مقدس پوپ جي ڪالڄ ۾ ۽ ڪنهن جو متو ڦري!

[وڏا ٽهڪ.]

[ٻئين در ڪان، ڪالڄ جا ٻه فلڪياتي ماهر داخل ٿين ٿا.]

[ساڻ ٿي وڃي ٿي.]

هڪڙو راهب: اڃا اوهين پيا جانچ ڪريو؟ هيءَ ته خواري ٿي!

پهريون فلڪياتي ماهر [ڪاوڙ سان]: اسين جانچ ڪونه ڪريون!

پيو فلڪياتي ماهر: هيءَ ڳالهه اسان کي ڪٿي پهچائيندي؟ ڪلي وٺس کي آءٌ
تہ سمجهي نٿو سگهان ... گذريل پنجاهه سالن ۾ جيڪي دعوائون
ٿيون آهن، سي سڀ جيڪڏهن ائين سچيون سمجهي قبول
ڪجن ها! ١٥٧٢ع جي سال ۾، سڀ کان ننڍين آسمان ۾،
يعني انهيءَ آسمان ۾، جنهن ۾ بيئل تارا جڙيل آهن، هڪ
نئون تارن جو جهڳٽو چمڪندي ڏسجي ٿو - پنهنجي سيني
پاڙيسري تارن کان وڏو ۽ وڏيڪ روشن - ۽ ارڙهن مهينا ئي
نٽا گذرن، تہ آهو وري هليو ٿو وڃي ۽ موڪي غيب ۾ گم
ٿي وڃي ٿو! اسين پڇي سگهون ٿا تہ جي اِئين آهي، تہ پوءِ
آسمانن جي ازلي معياد ۽ لافاني دائميت جو ڇا ٿيندو؟

فيلسوف: ڏسجي اِئين ٿو تہ جي هنن جو وس پڇي تہ اسان جي هيءَ
سڄي ڪائنات ڏاهي ڏير ڪري ڇڏين!

پهريون فلڪياتي ماهر: هائو. نيٺ اسين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟
پنج سال پوءِ هو ڊڇ، ٽڪو بروهو، هڪڙي پڇڙ تاري جو
رستو ڪيي ٿو اسان کي ٻتائي! آهو چنڊ ڪان ميلان نڪتو،
۽ بلوري گنبذن کي، جيڪي چرندڙ نڪتن جا ٺهرا ۽ مضبوط
چرخ آهن، هڪ هڪ ڪري ٽوڙيندو، اڳتي وڌندو ويو! اُن
آڏو ڪا رڪاوٽ ڪانہ آئي، ۽ نہ اُن جي روشنيءَ کي ئي ڪٿي
ڪا جهل ٿي! پوءِ پلا اسين هنن ڪان پڇون تہ هي سڀ
چرخ ڪيڏانهن ويا؟

فيلسوف: نہ نہ، اِهو تہ سوال ئي ڪونہ ٿو آٿي. ڪرسٽافر ڪلي وٺس،
اٽليءَ جو ۽ سڄيءَ ڪليسا جو وڏي ۾ وڏو فلڪياتي عالم،
اڻيءَ هڪ واهيات ڳالهه جي رڳو جانچ ۾ ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟

ڪلهو وڏو پادري: خدا پناهه ڏئي! اِها تہ وڏي خواري ٿي.

پهريون فلڪياتي ماهر: پر هو اِها جانچنا ڪري رهيو آهي! هو هٿي اندر
ويئو آهي، ۽ بيٺو آنهيءَ شيطاني آلي منجهان ڏسي!

پيو فلڪياتي ماهر: ڳالهه منيد ڪان ئي ڦيٽي آهي! هيءَ سڄي خرابي شروع ئي

تڏهن ٿي ڄڏهن اسان آن ملحد ۽ ڪافر ڪاپرنيڪس جي ليکن ۽ جدوان منجهان آسماني جسمن بابت هر شيءِ جا حساب لڳائڻ شروع ڪري ڏنا هئا ـ شمسي سال جي ڏيکه، سج گرهڻ ۽ چند گرهڻ جون تاريخون، سالن جا سال اڳواٽ آسماني جسمن جا گهر ۽ هنڌ.

هڪڙو راهب : آءٌ اوهان کان ٿو پڇان ته بهتر ڳالهه ڪهڙي آهي: جنتريءَ ۾ ڏيکاريل تاريخ کان ٿي ڏينهن پوءِ گرهڻ ڏسجي، يا هميشه لاءِ ماڻهو الاهي نجات کان محروم ٿيڻ وڃي؟

هڪڙو تمام سنهون راهب [ڪليل انجيل ڪنيو] اڳتي وڌي اچي ٿو ـ اگر ان جي هڪڙي فقري تي زور سان ڪُتل اُنس]: هي ڏسو! مقدس انجيل ۾ ڇا فرمايل آهي! ـ سڄ، گبيان جبل مٽان خاموش ٻيهي رهن؛ ۽ تون اي چند، آجيلان جي ماڻريءَ تي ٻيهي رهه!' هاڻي، سڄ ڪيئن خاموش ٻيهندو، جيڪڏهن هو چرندو ئي ڪونه هوندو! جيئن اهي ملحد چون ٿا! ڇا، مقدس انجيل ڪوڙو آهي ؟

ٻهريون فلڪياتي ماهر: نه ـ ۽ انهيءَ ڪري اسين مرڳو هتان هليا ڏا وڃون. ٻيو فلڪياتي ماهر: ڪي مظهر اهڙا به آهن، جيڪي اسان فلڪيات جي عالمن کي مشڪلات ۾ وجهي ٿا ڇڏين، پر ماڻهوءَ لاءِ هر شيءِ کي سمجهڻ ضروري به آهي ڇا ؟

[ٻيئي وڃن ٿا.]

تمام سنهون راهب: خدا جي خاص خلقيل انسان جي گهر کي هو هڪڙي رولو تاري سان وڃي ٿا برابر ڪن! ماڻهن، حيوانن، ٻوٽن ۽ خود ڌرتيءَ کي چوڪنيو ٻڌي، هو هڪڙي رٽ ۾ وجهي، ونڊي ٿا ان کي هڪڙي خالي آسمان منجهان گول چڪر ۾ ڏيکائين. ڌرتي ۽ آسمان هڪڙن لاءِ موجود ئي ڪينهن. ڌرتي موجود ڪانهي، ڇاڪاڻ ته اها آسمان ۾ هڪڙو تارو آهي؛ ۽ آسمان موجود ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اهو ڌرتين جو نهيل آهي. مٿيئن ۽

۽ هيڻين۽ دنيا ۾ هن کان پوءِ کو فرق ڪونهي، نه وري دائمي ۽ عارضي۽ ۾ يا فاني۽ ۽ لافاني۽ ۾. اِها اسان کي خبر آهي ته اسين ختم ٿي ويندا سين. پر آسمان ۽ ختم ٿي ويندو - اِهو هاڻي اسان کي هي ٿا پڌائين. سڄ آهي، چنڊ آهي ۽ تارا آهن، ۽ اسين ڌرتي۽ تي رهون ٿا - اِهو اسان کي پڌايو ويو آهي، ۽ اِئين لکيل ۾ آهي. پر هاڻي هنن جي چوڻ مطابق ڌرتي پڻ هڪ تارو آهي. پيو ڪجهه ۽ ڪونهي، رڳو تارا آهن! اچا ته اسان جي جيئري آهو ڏينهن ايندو، جڏهن هي چوندا ته ماڻهو ۾ نه آهن، حيوان ۾ نه آهن، مرڳو ماڻهو حيوان آهن، ۽ هتي رڳو حيوان ئي حيوان آهن.

پهريون عالم [گليلو کي]: استاد گليلو، اوهان کجهه فرش تي ڪيرايو آهي.

گليلو [جيڪو مٽين ڳالهه هلندي، ڪيسي مان پنهنجو پٽر ڪڍي، ان سان کجهه وقت راند ڪندي، ان کي چاڻي ٻجهي هيٺ ڪيرائي ٿو، ۽ پوءِ نيوڙي ان کي ڪٽندي]: نه سائين، نه. اِهو مون تي ڪري پيو هو.

ٽئهو وڏو پادري [پٺ ورائي]: بي ادب، بدمعاش.

[هڪڙو تمام پوڙهو ڪارڊينل (وڏي رتبي وارو پادري) هڪڙي راهب جي ڪلهي تي ٽيڪ ڏيو، اندر اچي ٿو. هر ڪو ادب وچان هتي، هن کي جاءِ ڏئي ٿو.]

تمام پوڙهو ڪارڊينل: اچا اِهي اندر وينا آهن؟ هڪڙي۽ هڪ خسيس ڳالهه جي فيصلي ۾ ايڏي دير؟ اِنهي ڪليوئس کي پنهنجي فلڪياتي علم جي ڪجهه ته خبر هئڻ گهرجي. مون پڏو آهي ته اِهو گليلي، جو پاڻ کي استاد ٿو سڏائي، انسان ذات کي ڪائنات جي وچ مان آڪاري، پري ڪنهن ڪنڊ ۾ اڇلي چڏڻ ٿو چاهي؟ اِهو ته انسان ذات جو ظاهر ظهور دشمن ٿيو. هن سان هلڻ ۽ آها ئي ڪرڻ کپي. انسان سڄي۽ مخلوقات جو چٽ آهي، هو خدا جي سڀ کان اعليٰ ۽ محبوب تخليق آهي - اِهو ته

هر کو پار نہ چاٹي ٿو. پوءِ هو پنهنجي هڙي بي مثل معجزي، هڙي پنهنجي اعليٰ ترين شاهڪار کي ڪيئن هڪڙي ڏورانهين ۽ سدائين رُلٽي نندڙي ستاري تي اڇلائي ڦٽي ڪندو؟ ڇا هو پنهنجي مقدس پٽ کي اهڙي ڪنهن دور دراز اوجهڙ واري هنڌ ڪڏهن موڪلي نہ ها؟ افسوس، جو اسان وٽ اڄ اهڙا گمراهه ۽ قلب جا ڪارا ماڻهو نہ ٿي سگهن ٿا، جيڪي پنهنجن رياضيءَ جي انگن اکرن ۽ شيطاني جدولن تي اعتبار ڪيو هڙيون اونديون ڳالهيون پيا ڪن؟ ڪهڙو سچو مؤمن ۽ خدا جو بندو اهڙو ڪو ٿي سگهي ٿو، جو سندن اِنهي ڳالهه تي اعتبار ڪندو؟

ٽلهو وڏو پادري [ڪروڌِ ۾رڻ آواز ۾]: اهڙو خدا جو بندو اسان وٽ ڪينو آهي.

تمام پوڙهو ڪاربدينل [گليلو کي]: سو تون آهين آهو ماڻهو؟ منهنجي پوري نظر ڪائنات تي پُڄي سگهي، پر جيڪا ڪجهه نظر اٿر، ان مان ڏسي سگهان ٿو تہ تون بلڪل ان ماڻهوءَ جهڙو ٿو لڳين، جنهن کي اسان ڪجهه وقت اڳي هتي جيئري ساڙيو هو. ان جو نالو چا هو؟

راهب: يا حضرت، توهين پاڻ کي گهٽو جوش ۾ نہ آڻيو. توهان لاءِ ڊاڪٽر ...

تمام پوڙهو ڪاربدينل [ڳالهه کي وچ ۾ ڪٽي، راهب جي ڪلهي تان هٿ ڇڪي]: تون ڏرتيءَ کي ذليل ڪرڻ گهرين ٿو، جيتوڻيڪ تون ان تي رهين ٿو ۽ آن جو ڪائنات ۾ين ٿو، ۽ ان مان سيکجهه حاصل ڪرين ٿو! تون پنهنجي آڪيري ۾ وڻيون لاهڻ گهرين ٿو! پر چا نہ ٿي ڇوي، آڳ ائين ڪرڻ کين ڏيندس. [هو راهب کي ڏکي ڇڪي ڪري ٿو، ۽ ڏاڍي شان ۾ ڀرجي، اڳتي پوئتي هلي ٿو.] آڳ کي جهڙو تهڙو مخلوق ناهيان، جيکو جهڙي تهڙي ڪنهن نندڙي تاري تي رهي سگهان، جيکو ڪٽي ڪنهن ٿوريءَ مدت لاءِ ڦرندو رهندو هجي. آڳ

محڪر ڏرتيءَ تي بيئل آهيان ۽ پنهنجا قدر جمائي ان تي هلي رهيو آهيان؛ آها هڪ جاءِ تي اڏول بيئل آهي؛ آها ڪائنات جو مرڪز آهي؛ آءٌ مرڪز تي بيئل آهيان ۽ منهنجي خالق اڪبر جون اکيون مون ۾ ۽ فقط مون ۾ ڪُتل آهن. منهنجي چوڌاري آڪ آسمان آهن، جيڪي بلوري چرخ آهن، ۽ آهي ڦرن پيا، جن جي گنبڊن ۾ منهنجي مهربان مالڪ سهٽا تارا ۽ وڏو تابناڪ سج جڙيل بيهاريا آهن، تہ اهي منهنجي چوڌاري هر شيءِ کي روشن ڪندا رهن، ۽ خود مون کي به روشن ڪندا رهن تہ جيئن خداوند تعالىٰ مون کي ڏسندو رهي. ۽ اهڙيءَ طرح ظاهر ٿهور، ۽ آن جو ڪو جواب ڪونهي، هر ڳالهہ جو مون تي ذاروملدار آهي ـ مون انسان تي، جيڪو خدا جو لاجواب شاهڪار آهي، سڃيءَ تخليق جو مرڪز، خود خدا جو عڪس، لافاني ۽ ... [هو هُڻجي ويهي رهي ٿو.]

راهب: يا حضرت، توهان پاڻ کي حد کان وڌيڪ تڪليف ڏني آهي.

[آن گهڙيءَ، پريون در کلي ٿو ۽ عظيم ڪليوئس پنهنجن فلڪياتي مشيرن کي پٺيان ڪيون، اندر اچي ٿو. تکو تکو ۽ خاموش، هال مان لنگهي، اڳتي هليو وڃي ٿو ـ نہ ساڃي ٿو نهاري، نہ ڪاپي، ۽ جيئن ئي نکري ٻاهر ٽيڙ تي آهي تہ هڪڙي راهب سان ڳالهائي ٿو.]

ڪلي وئس: هو سڃو آهي.

[ائين هو هال مان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. فلڪيات جا عالم به هن جي پوئتان نڪري ٻاهر وڃن ٿا. پريون در جڙن ڪليوئس نڪتو هو، آئين ڪُليو پيو آهي. تمام پوڙهو ڪاردينل هوش ۾ اچي ٿو.]

تمام پوڙهو ڪاردينل: اِهو ڇا هو؟ پلا، هو فيصلي تي پهتو؟

[ڪيس حقيقت پڌاڙ جي ڪنهن کي همت ڪانہ ٿي ٿئي.]

[راهب: يا حضرت، توهان کي گهر پهچائڻ ضروري آهي.

[پوڙهي کي هٿ ڏيئي اٺارين ٿا، سيني جا هوش خطا آهن، ۽ حيرانيءَ ۾ هڪ هڪ ٿي، هال مان ٻاهر نڪرن ٿا. هڪڙو نندڙو راهب، جيڪو

ڪليوئس جي جانچ ڪميشن سان گڏ هو، گليلو جي پرسان اچي بيهي ٿو.]

نندڙو راهب [ڪن ۾ ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي]: استاد گليلي، پادري سگوري، حضرت ڪليوئس، جانچ ڪميشن کي پچاڙيءَ ۾ چيو ته ”هاڻي پلي ته مقدس شريعت جا عالم سوچين ته سندن آسماني چرخ ڪيئن ٿا وري ڦيڊجي سگهن!“ توهان کي مبارڪ آهي، توهان ڪٽيو. [هليو ٿو وڃي.]

گليلو [هن کي جهلڻ جي ڪوشش ٿو ڪري]: سون ڌ، پر آن ڪٽيو آهي - عام سمجهه ڪٽيو آهي. ماڻهوءَ جي عقل ڪٽيو آهي.

[نندڙو راهب اڳ ئي نڪري ويو آهي. گليلو پڻ وڃي ٿو. در تي هن کي هڪڙو ڊگهي قد وارو پادري، جيڪو مقدس ڪليسا جو محتسب آهي، گڏجي ٿو. آن سان هڪڙو فلڪيات جو عالم ساڻ آهي. گليلو ڪنڌ نمائي سلام ڪري ٿو. ٻاهر نڪرڻ ڪان اڳ هو دربان ڪان پڇڪو ڪري ڪجهه پڇي ٿو.]

دربان [پڇڪي سان جواب ڏيندي]: حضرت سائين، ڪارڊينل محتسب. [فلڪيات جو عالم، ڪارڊينل محتسب کي وٺي، اندر دوربينيءَ وٽ وڃي بيهاري ٿو.]

(۷)

پر مقدس عدالت کاپرنيکس جي تعليمات کي گهلي، ڪٺهڙي ۾ آڻي ٻيهاري ڏي
(۵- مارچ ۱۶۱۶ع)

جڏهن استاد گليلو روم ۾ هو،
هڪڙو ڪارڊينل هن کي گهر وٽي ويو
جنهن هن کي مهمان طور خوب کارايو ۽ پياريو
۽ موٽ ۾ هن کان هڪڙي نندڙي ڳالهه پڇي ورتي.

روم ۾ ڪارڊينل بيلارمين جو گهر

[رقص جاري آهي. چبوتري ۾، جتي به ڪليسائي واقع نگار (ڪلارڪ) وينا، شطرنج جي راند به پيا ڪن، ۽ مهمانن متعلق نوٽ به پيا لکن - آتي منهن تي نقاب پهريل به ٽي خاتون ۽ به ٽي مرد استاد گليلو جي آجيان ڪن ٿا. هو پنهنجي ڏيءُ ورجينيا ۽ آن جي مڱيندي، ليوڊو وکو مارسيلي۽، سان گڏ اندر اچي ٿو.]

ورجينيا: آءٌ پڻي ڪنهن سان به رقص ڪونه ڪندس، ليوڊو وکو!

ليوڊو وکو: تنهنجي فراڪ جو ڪلهي وارو بٽن ڪلي ٻيو آهي.

گليلو:

رنج نه ٿي، منهنجي ڏيءُ، جي اتفاق سان
ڪنهن جون لالچ پريل نظرون تو ڏانهن چڪجي وڃن.
پياسي اکيون جن کي ڪا ڊنل ڪنواري ڏسي ٿي وٽي،
آهي آن جي دل جي ڏڪ پروڙي وڃ ڏيون.
۽ ساده دل سونهن پري نينگر

آن پنهنجي پاڳ تي وري به ناز ڪري ٿي.

ورجينيا: بابا منهنجي دل تي هٿ رکي ڏسو.

گليلو [هن جي دل تي هٿ رکي ٿو]: اِها دڪ دڪ پئي ڪري.

ورجينيا: شل سان سهڻي ڏسڻ ۾ اچان!

گليلو: بلڪل. نہ تہ ماڻهو جهت ۾ وري عجب ۾ پئجي ويندا تہ واقعي ڏرتي ڦري به ٿي يا نہ.

ليوڊو وڪو: پر، آها ڦري ئي ڪٿي ٿي! [گليلو کيلي ٿو.] سڄي روم ۾ توهان کان سواءِ ٻي ڪنهن جو ڪو ذڪر ئي ڪونهي. پر اڄ شام کان پوءِ، سائين منهنجا، شهر ۾ رڳو توهان جي ڏيءُ جي ڳالهه هوندي.

گليلو: چون ٿا تہ روم جي بسنت رُت ۾ هر ڪا شيءِ خودبخود سهڻي ڏسبي آهي. آڳ پاڻ به تہ ڪجهه ڪجهه يوسف جهڙو سهڻو لڳندو هوندس، جيتوڻيڪ ٿورو پيٽ نڪتل اٿر! [ٻن نوجوان ڪلارڪن کي،] آڳ سمجهان ٿو تہ مون کي ڪارڊينل سان ملڻ لاءِ هتي ٻيهڻو آهي. [نوجوان جوڙي کي،] اوهين وڃو، وڃي موج ڪريو!

[رقص ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ، ورجينيا دوڙندي، موٽي اچي ٿي.]

ورجينيا: بابا، ٽيرئوفولو چونڪ تي، آرائش گاهه واري، ڇٽن عورتن کي ڇڏي، پهرين منهنجا وار ٺاهيا. هڪدم توهان جو نالو ٻڌي، مون کي سڃاڻي ويو! [وڃي ٿي.]

گليلو [ڪلارڪن کي، جيڪي شطرنج پيا کيڏن]: اوهين شطرنج اڃا به اِنهيءَ پراڻيءَ طرز تي پيا کيڏو؟ نہ نہ. اها نئين، تمام نئين چال آهي. اڇڪلهه ماڻهو وڏن وڏن مُهرن سان کيڏن ٿا ۽ وڏي وڏي چال هلن ٿا ــ سڄيءَ بساط تي پنهنجا مُهرا ڦيرائين ٿا. بادشاهه هيئن [ڪري ڏيکاري ٿو] ۽ وزير هيئن، ۽ سوار هيئن ۽ هيئن. اِن سان گهڻو ميدان ملي ٿو وڃي، ۽ اوهين پنهنجي راند جون وڏيون وڏيون رڻاڻون بيهاري سگهو ٿا.

هڪڙو ڪلارڪ: اهڙي وڏي راند اسان جي نئين ڇڪار سان نٽي ٿهڪي

اچي ـ توهان کي ته خبر آهي! اسين رڳو هڙي ۽ هڙي چال هلي سگهون ٿا. [هو سڀني ننڍي ننڍي چال هلي ڏيکاري ٿو.]

گليلو : ڳالهه اِن جي ابتڙ آهي، منهنجا دوست، ڳالهه اِن جي بلڪل ابتڙ آهي. جيڪو وڏيون وڪون ڪڍندو، اُن کي وڏا بوٽ ملندا. ماڻهوءَ کي وقت جي وک سان وک ملائي هلڻ گهرجي، سائين لوڪو! ڪناري کي چهٽي نه پئجي: ڪڏهن ڪڏهن هاڪاري پيڙا وچ سمنڊ ۾ به وجهڻ گهرجن.

[تمام پوڙهو ڪارڊينل، جيڪو اڳئين ڏيک ۾ نظر آيو هو، پنهنجي راهب سان گڏ اسٽيج تان لنگهندي ڏ ڄي ٿو. هن جي نظر گليلو تي پوي ٿي، اڳتي وڌي وڃي ٿو، اڌ دليو، مُنهن ورائي هن کي ڪيڪاري ٿو. گليلو ويهي ٿو. رقص جي هال مان جوان چوڪرن جي گڻڻ جو آواز پڌجي ٿو، جيڪي فلارينس جي رئيس اعظم جي مرحوم پيءُ، لورينزو ڊي ميڊيسيءَ جو "زندگيءَ جي بي ثباتيءَ" تي چيل مشهور نظم پيا گائين :]

"آءٌ، جنهن اونهاري جا گلاب ڪُمائجندي ڏٺا آهن،
۽ آنهن جون زرد ۽ گهنجيل پتيون هيٺ ڪريل ڏٺيون آهن
پُسيل ٿڌي پَٽ تي، آءٌ حقيقت کي چاڻان ٿو:
هاءِ! جواني جو گل ڪيڏو نه اڏرڻو گل آهي!"

گليلو : روم. ـ ڪيڏا نه وڏا جشن پيا ٿين!

پهريون ڪلارڪ: پليگ جي سال ڪان پوء هيءُ پهريون جشن آهي. اڄ شام جو هتي انليءَ جا سڀ وڏا خاندان آيل آهن. اورسيني، وائني، ٽيوڪولي، سولڊريني، ڪُٽيني، ليچي، اِيٽس، ڪولمبيني ...

ٻيو ڪلارڪ [وچ ۾ روڪيس ٿو] : مقدس حضرت ڪارڊينل بيلارمين ۽ باربريني. [ڪارڊينل بيلارمين ۽ ڪارڊينل باربريني داخل ٿين ٿا. پنهي جي هٿن ۾ ڪاٺين تي پنهنجي پنهنجي مُنهن جي اڳيان جهليل نقاب ـ هڪڙي جي اڳيان گهنٽي جو ۽ ٻئي جي اڳيان ڪبوتر جو ـ ڏسجي ٿو.]

باربريني [پنهنجي ڏسٽيءَ آڏر سان گليلو ڏانهن اشارو ڪري]: 'سڄ پڻ اڀري ٿو، ۽ سڄ لهي وڃي ٿو، ۽ تڪو تڪو پنهنجيءَ انهيءَ جاءِ تي رسي ٿو جتان آهو اڀريو هو' - اِئين چيل آهي انجيل مقدس جي باب 'واعظن جا واعظ' ۾. ۽ گليلو چا ٿو چوي؟

گليلو: جڏهن آءٌ هيڏو هوس، يا حضرت [هو پنهنجي هٿ سان اشارو ڪري ڏيکاري ٿو] تڏهن آءٌ جهاز تي بيٺو هوس ۽ مون رڙ ڪري چيو هو: ڪنارو پري دوڙندو ٿو وڃي! اڄ آءٌ چاڻان ٿو ته ڪنارو بيٺو هو ۽ جهاز پري دوڙندو ٿي ويو.

باربريني: عقلمنديءَ جو جواب آهي، عقلمنديءَ جو جواب آهي. بيلارمين، جو ڪجهه ماڻهو ڏسي ٿو، مثلاً نڪت جيڪي ڦرندي تا ڏسجن، آهو لازمي نه آهي ته سڄ هجي: جهاز ۽ ڪناري جي مثال کي خيال ۾ رکجي. پر جيڪو سڄ آهي، يعني هيءُ ته ڌرتي ڦري ٿي، سو ڏسجي نٿو سگهجي! واقعي عقلمنديءَ جو جواب آهي. پر سندس مشتريءَ جا چنڊ اسان جي فلڪيات جي عالمن لاءِ واقعي ڏکيو مسئلو پيش ٿا ڪن. بدقسمتيءَ سان، مون پڻ ڪنهن زماني ۾ ڪجهه ڪجهه فلڪيات کي پڙهيو آهي، بيلارمين. هِن جي اِها ڳالهه ماڻهوءَ کي اِئين چنبڙي ٿي پوي، جهڙي ٻير جي ڊِنگهري.

بيلارمين: پاڻ کي پلي وقت سان گڏ هلڻ ڏيو، باربريني. جيڪڏهن فلڪيات جي نون نظرين جي بنياد وارا تارن جا چارٽ اسان جي خلاصين کي جهازراني ۾ مددگار ثابت ڏين ٿا، ته اچو ته اهي چارٽ ڪم آڻيون. اسان کي ته رڳي اِها تعليم نٿي وڻي، جيڪا مقدس انجيل جي تردید ڪري ٿي. [هو رقص جي جي هال ڏانهن هٿ لوڏي ڪنهن جي آڇيان ٿو ڪري.]

گليلو: مقدس انجيل. - 'جيڪو آن لڪائي رکندو، ماڻهو آن کي پتيندا'، مان 'پهاڪا'.

باربيني: 'ڏاها ماڻهو علم سنياڻي رکندا آهن'، باب 'پهاڪا'

گليلو : 'جتي ڏيڪا نه آهن ، آتي آهرُ به صاف آهي؛ پر ڏيکي جي وَهڻ سان ئي ته فصل ٿين ٿا.'

باربريني: 'جنهن جي هٿ ۾ پنهنجو روڄ آهي ، اهو بهتر آهي ان کان جيکو ٻين سان وڙهي ، کو شهرُ ٿو وڃي هٿ ڪري.'

گليلو : 'پر ڏتل روڄ گهرُ ڦٽائي ٿو ڇڏي ،' [مان] 'چا ، سچ ڏاڍيان دانهن نٿو ڪري ؟'

باربريني: 'ڪڏهن اِئين ٿيو آهي ، جو ماڻهو ڏاندن تي هلي ، ۽ هُن جا پير نه سڙن ؟' دوست گليلو ، روم ۾ آوهان جو اچڻ مبارڪ. اوهين هن شهر جو اصل چاڙو ٿا! روايت آهي ته ڪن ٻن ڏيڙن چوڪرن هڪڙيءَ بگهياڙيءَ جو ڪير ڏاتو ۽ بگهياڙيءَ انهن جي سنيال ڏني - بس ، آن ڏينهن کان روم جا سڀ 'پار' پيا بگهياڙيءَ جي آن ڪير جو تاون ادا ڪن . پر بگهياڙي به موٽ ۾ سيني کي سهنج ۽ سلامتي ڏئي ٿي - آسماني به ۽ هيٺ ڌرتيءَ تي به - منهنجي دوست بيلارمين سان ، جيکو هڪ وڏو عالم آهي ، علمي گفتگو به ، ۽ ٽن چئن جڳ مشهور ، حسن جي راڻين جي صحبت به. آهي اوهين ڏسڻ چاهيو ٿا ، ته اوهان کي ڏيکاريان!

[هو گليلو کي پٽين پاسي وٺي وڃي ٿو ته جيئن هو رقص جو هال پوريءَ ريت ڏسي سگهي. گليلو هُن جي پٽيان بي دليو گهلبو پيو وڃي.]

باربريني: نه ؟ هيڏن کي اِهي نه گهرجن. بلڪ هين کي علمي گفتگو ڪپي ، ٽيڪ ، ٽيڪ. دوست گليلو ، اوهان کي پڪ آهي ته اوهين فلڪيات جا عالم رڳو چاهيو ٿا ته اوهان جو فلڪيات جو علم وڌي ، ۽ آن کان سواءِ بي اوهان جي ڪا مرضي ڪانهي! [هو هن کي موڪلائي چبوتري ڀر وٺي ٿو وڃي.] اوهين گول دائرن ، ٻيضوي دائرن ، هڪ ساريکين رفتارن ۽ آسماني جسمن جي سڌيءَ سادي ڇوپر جي سوالن ٻابت ٿي من ۾ سوچيو ٿا . پر سمجهو ته خداوند قدوسُ جي مرضي تارن کي هيٺ

قيرائڻ جي هجي، ها ته پوءِ؟ [پنهنجي آگر کي گهٽ وڌ رفتار سان هوا ۾ هيٺ مٿي، هيڏانهن هوڏانهن هلائي، ڏاڍو منجهيل گس ڏيکاري ٿو.]

گليلو: يا حضرت، جيڪڏهن خداوند قدوس ڪائنات اڻين ناهي ها، [هو باربرينيءَ جو 'گس' وري هوا ۾ ڪيي ٿو ڏيکاري] ته هو اسان جا مغز به اڻين ناهي ها. [هو ساڳيو اڻگڙ ونگڙ گس وري ڪيي ڏيکاري ٿو] - ته جيئن آهي تسليم ڪري سگهن ها ته آهي ئي گس ممڪن ۾ ممڪن سڌا سادا گس هئا. - آءٌ عقل کي سڃان ٿو.

باربرينيي: آءٌ عقل کي ناڪافي ٿو سمجهان. - اڻي هيءُ چُپ آهي. اڻي هو فضيلت کان ڪر ونندي، مون کي هيئن نٿو چوي ته 'تون ناڪافي آهين!' [هو ڪلي ٿو، ۽ چبوتري جي پٺينءَ پٽ ڏانهن وڌي وڃي ٿو.]

بيلارمين: عقل، منهنجا دوست، گهڻو پري ڪونه ٿو وڃي سگهي. چوڌاري سواءِ ڏنگائيءَ، گناهه ۽ ڪمزوريءَ جي ٻيو ڪجهه به ڪونه ٿو ڏسجي. سچ ڪٿي آهي؟

گليلو [ڪاوڙ ۾]: آءٌ عقل کي سڃان ٿو.

باربرينيي [ڪلارڪن کي]: اڻهيءَ جي لکڻ جي ضرورت ڪانهي. هيءَ هڪ دوستن جي وچ ۾ علمي گفتگو آهي.

بيلارمين: اوهين ويچار ڪريو ته مقدس ڪليسا جي پهرين مقدس اڳواڻن کي، ۽ انهن کان پوءِ ايندڙ آهڙن ڪيترن ٻين کي، هن دنيا ۾ ٿوري سمجهه پيدا ڪرڻ لاءِ چا چا نه فڪر ڪرڻو پيو ۽ چا چا نه سهڻو پيو - ڪيڏي نه ڏک جهڙي هيءَ گالهه آهي! اوهين خيال ته ڪريو ته بهراڙيءَ ۾ زميندار ڪيڏيءَ بي ترسيءَ سان پنهنجين جاگيرن ۾ پنهنجن اڏ آگهاڙن هارين کي ماري ماري آڏ مئو ڪن ٿا، ۽ وري انهن ماڻهن جي بي عقليءَ ته ڏسو، جيڪي موت ۾ انهن ٿي زميندارن جا پير چمن ٿا!

گليلو : سچ پچ تہ دل جلي ٿي. آءٌ جڏهن هيڏانهن پئي آيس، تہ رڙتي تي مون ڏٺو تہ ...

بيلارمين : اِنهن واقعن ۽ حقيقتن جي ذميداري اسان آن اعليٰ هستيءَ تي ڇڏي ڏني آهي - جو تہ زندگي اِنهن ڳالهين سان پري پئي آهي، ۽ اسين اِن راز کي سمجهي نہ ٿا سگهون. اسين رڳو هيئن ٿا چئون تہ اِنهن ڳالهين جو ذاروندار نيتن تي آهي، ۽ هيءُ سيڪجهہ قدرت جي هڪ اعليٰ رٿا مطابق واقع ٿي رهيو آهي. اسين اِئين ب٘ ڪوٺہ ٿا چئون تہ اِنهيءَ سوچ ۽ ايمان سان اسان جي دلين کي ڪو پورو سڪون ملیو آهي؛ پر هيڏانهن اوهين آهيو، جي آن قادر مطلق کي پيا ڏوهہ ڏيو تہ هُن کي پورو پتو ڪونهي تہ تارا ڪيئن پيا هلن چلن؛ جڏ آن سوال کي اوهين پاڻ بلڪل چڱيءَ طرح سمجهو ٿا! چا اِها ڏاهپ جي ڳالهہ آهي!

گليلو [سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندي]: آءٌ تہ مقدس ڪليسا جو سپوت آهيان ...

باربرينيَ: هيءُ سمجهائڻ ڪان پري آهي، پوريءَ معصوميت سان هيءُ خدا کي فلڪيات جي علم ۾ بلڪل ئي اڻڄاڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. اوهين چا ٿا سمجهو تہ مقدس انجيل جي ڪتابن ڏاهڻ ڪان پهريائين خداوند قدوس فلڪيات جو پورو مطالعو نہ ڪيو هو؟ اڙي منهنجا محترم عزيز دوست ...

بيلارمين: اوهان کي هيءَ ڳالهہ وڌيڪ ممڪن نہ ٿي لڳي تہ خالق اڪبر پنهنجيءَ تخليق متعلق ڳهڙو ڄاڻي ٿو، ۽ خود تخليق پنهنجي متعلق ايترو نٿي ڄاڻي؟

گليلو : پر معزز صاحبو، ماڻهو نہ رڳو تارن جي چرپر کي غلط سمجهي سگهي ٿو، پر خود مقدس انجيل کي ب٘ غلط سمجهي ٿو.

بيلارمين: پر مقدس انجيل جو سمجهڻ ۽ آن جو تفسير ڪرڻ تہ بهرحال مقدس ڪليسا جي شريعت عالي جي عالمن سگورن جو ڪر آهي.

[گليلو خاموش آهي.]

بيلارمين: هاڻي ڏٺئي نہ! تون هاڻي چپ آهين. [هو ڪارڪن کي اشارو ڪري ٿو.] استاد گليلي، اڄ رات مقدس ڪليسا جي صدر دفتر تسليم ڪيو آهي ته ڪاپرنيڪس جي تعليم، جنهن مطابق سج ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ آهو ٻيئل آهي، ۽ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز نہ آهي ۽ آها هلي ٻيئي، هڪ فضول، احمقانہ ۽ ملحدانہ تعليم آهي. مون تي اهو فرض رکيل آهي ته آءٌ اوهان کي اِن فيصلي کان آگاهہ ڪريان. [پهرئين ڪلارڪ کي:] اهو وري پڙهي ٻڌاءِ.

پهريون ڪلارڪ: حضرت سائين ڪارڊينل بيلارمين مٿي ذڪر ڪيل گليلو گليليءَ کي: "مقدس ڪليسا جي صدر دفتر فيصلو ڪيو آهي ته ڪاپرنيڪس جي تعليم، جنهن مطابق سج ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ آهو ٻيئل آهي، ۽ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز نہ آهي ۽ آها هلي ٻيئي، هڪ فضول، احمقانہ ۽ ملحدانہ تعليم آهي. مون تي اهو فرض رکيل آهي ته آءٌ اوهان کي اِن فيصلي کان آگاهہ ڪريان."

گليلو: اِن جو ڇا مطلب ٿيو؟

[رقص واري هال مان چوڪرن جي آواز ۾ نظم جو هڪڙو بند گائجندي ٻڌجي ٿو:]

"آءٌ چوان ٿو: دلڪش موسم تيز آڏامندي ٿي وڃي؛
سو، گلاب ڇني وڃ - اڃا مئي جو مهينو باقي آهي."

[باربرينيءَ ۽ بيلارمين گليلو کي راڳ جي پوري ٿيڻ تائين چپ ڪري بيهڻ جو اشارو ڪن ٿا. هو ڏاڍيءَ آڪير سان بيهي راڳ ٻڌن ٿا.]

گليلو: پر حقيقتون؟ مون سمجهيو هو ته مقدس روم جي ڪالين جي فلڪيات جي عالمن منهنجا مشاهدا قبول ڪيا هئا.

بيلارمين: ۽ پوري اطمينان جو اظهار ڪيو هئائون، ۽ اِها اوهان لاءِ وڏي ۾ وڏي اعزاز جي ڳالهہ آهي.

گليلو : ۽ مشتريءَ جا آپگرهه ۽ زهره جون ڪلائون ...

بيلارمين : مقدس ڪليسا جي صدر دفتر اِنهن تفصيلي فروعات ڪي خيال ۾ آڻڻ ڪان سواءِ اِهو فيصلو ڪيو آهي.

گليلو : تنهن جي معنيٰ ته سموري وڌيڪ سائنسي تحقيق ...

بيلارمين : پوريءَ طرح هلندي رهندي، استاد گليلي. ۽ مقدس ڪليسا جي اِنهيءَ نظريي جي عين مطابق ته اسين اصل سچ ڪي سڃاڻي نٿا سگهون، پر اسان کي تحقيق جاري رکڻ گهرجي. [هو پري ڪان رقص جي هال ۾ ڪنهن مهمان کي وري ڪيڪاري ٿو.] اوهان کي اِها به آزادي آهي ته خود هن تعليم جي به، رياضيءَ جي هڪ مفروضي طور، تشريح ڪندا رهو. سائنس، استاد گليلي، مقدس ڪليسا جي خدائي تبليغ جي هڪ بلڪل جائز ۽ محبوب شاخ آهي. اسان سان ڪنهن هڪ جو به هيءُ خيال ڪونهي ته اوهين کو مقدس ڪليسا جي اختيار اعليٰ کي ڏاهڻ ٿا گهرو.

گليلو [ڪاوڙ مان] : اختيار جو ناجائز استعمال ئي اُن کي ڪمزور بنائي ٿو ۽ نيٺ اُن کي ڏاهي ٿو.

بارٻريني : سچ پچ؟ [هو، زور سان ڪلندي، هن جي ٻني ٽپري ٿو. پوءِ هو جُوهِ وجهي، هُن کي ڏسي ٿو، ۽ ڪجهه هيڏردي جي نوع سان هُن کي چوي ٿو:] دوست گليلو، پار کي وهنجاريندي، پاڻيءَ سان گڏ پار کي به اڇلائي نه ڇڏيو آهي. اسين به ائين ڪرٽ نٿا گهرون. اوهان کي به اِئين ڪرڻ نه گهرجي. اوهان کي اسان جي گهرج آهي، اُن ڪان وڌيڪ اسان کي اوهان جي گهرج آهي.

بيلارمين : منهنجي دلي خواهش آهي ته اسين اڳليءَ جي عظيم ترين رياضي دان کي مقدس ڪليسا جي صدر دفتر جي سربراهه جي خدمت ۾ پيش ڪريون، جنهن جي دل ۾ اوهان لاءِ وڏي تعظيم ۽ وڏو احترام آهي.

باربريني [گليلو جي ٻي ٻانهن جهليندي]: جنهن تي هيءُ ٻدلجي وري غريبڙو گهيٽڙو ٿي پوي ٿو! - منهنجا دوست، اهو بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن اوهين به هتي گاليچ جي استادن جي روايتي چوغي ۾ ڏيکجي آچو ها. منهنجو پوش ٿيءِ آهي، جيڪو اڄ موڻ کي هتي ڪجهه وڌيڪ آزاديءَ سان هلڻ ڏئي ٿو. هِن ٿيءِ پوش ۾ آءٌ اوهان جي ڪَن ۾ چئي سگهان ٿو ته جيڪڏهن خدا ڪونهي، ته ماڻهوءَ کي اهو ايجاد ڪرڻو پوندو، پر اسان کي ته پوش آهن. ويچاري گليليءَ کي ڪوئي پوش ڪونهي. [هو گليلو کي وچ ۾ ڪري، پاڻ سان گڏ، رقص جي هال ۾ وٺي وڃن ٿا.]

پهريون ڪلارڪ: پويون جملو ٻڌي سگهئين ؟

ٻيو ڪلارڪ: نه [تکو تکو لکندا رهن ٿا.] تو آهي لفظ لکيا، جڏهن هن چيو هو ته هو عقل کي ميڄي ٿو؟

[ڪاردينل محتسب اچي ٿو.]

محتسب: گفتگو ٿي ؟

پهريون ڪلارڪ [مشيني انداز سان]: پهريائين استاد گليلي پنهنجي ٿيءُ سان اندر آيو. اڄ هوءَ ليوڊووڪو سان گڏ مڳيي ... [محتسب ٻي صبريءَ وچان اٿي هن کي ڪٽي ٿو.] استاد گليليءَ پوءِ اسان کي شطرنج کيڏڻ جو نئون طريقو سيکاريو، جنهن ۾ روايتي قاعدن جي ابتڙ، هُن، وڏي وڏي چال هلي، سڄيءَ بساط تي مهرا ڦيرائي ڏيکاريا ...

محتسب [هن کي بس ڪرڻ جو اشارو ڪري ٿو]: ڪاپي ڪٽي آهي ؟

[هڪڙو ڪلارڪ هن کي ڪاپي ڏئي ٿو، ۽ هو ويهي آها پڙهي ٿو. ٻه جوان عورتون، سُنهن تي پوش پاتل، اسٽيج تان اچي لنگهن ٿيون. آهي، ويندي ويندي، ڪاردينل جي اڳيان جهڪي آداب ٻجا آڻين ٿيون.]

هڪڙي جوان عورت: اهو ڪير آهي ؟

ٻي : ڪاردينل محتسب.

[هو ڪيڪ ڪيڪ ڪنديون هليون وڃن ٿيون. اتي ورجينيا هيڏانهن هوڏانهن ڪنهن شيءَ کي گولينديءَ داخل ٿئي ٿئي.]

محتسب [پنهنجيءَ ڪنڌ مان]: ڇا آهي، منهنجي ڏيءُ؟

ورجينيا: [ڇرڪ پري ٿي، ڇاڪاڻ ته هُن کي ڪونہ ڏٺو هئائين]: او، حضرت سائين!

[ڪنڌ مٿي ڪڍ ڪان سواءِ، محتسب پنهنجو ساڄو هٿ ڏ ڳهيري ٿو. هوءَ ويجهو اچي ٿي، نيوڙي ٿي ۽ هُن جي مُنڊيءَ کي چُمي ٿي.]

محتسب: بهترين رات آهي. مگٽي جي مبارڪ. تنهنجو گهوٽ ڇگي خاندان مان آهي. هاڻي، اوهين اسان وٽ روم ۾ رهندا؟

ورجينيا: يا حضرت، شروع ۾ نہ. شاديءَ لاءِ تياري ڪرڻي آهي.

محتسب: ها. — سو ٽون پنهنجي پيءُ سان فلارينس ويندينءَ. اهو ٽيڪ ٽيندو. آءٌ سمجهان ٿو ته تنهنجي پيءُ کي تنهنجي ضرورت آهي. رياضيءَ جو علم ڪو دلچسپ ساٿي ٻہ ڪونهي. ڪيئن، هائو نہ؟ اهڙي ماحول ۾ ڪنهن انسان جي گڏ هجڻ سان وڏو فرق ٿو پوي. تنهنجي پيءُ جهڙو عالم ۽ فاضل ماڻهو ته آسانيءَ سان تارن جي دنيا ۾ پاڻ کي گم ڪري ويهندو هوندو — ۽ تارن جي دنيا ته ڏاڍي وڏي دنيا آهي.

ورجينيا [وڏو ساهہ ڪڍندي]: توهين ڏاڍا مهربان آهيو، يا حضرت، سچ پچ ته مون کي اهڙين ڳالهين جي ڪا خبر ڪانهي.

محتسب: واقعي؟ [هو ڪِلي ٿو.] ماهيگير جي گهر ۾ مچي ڪانہ ڪائين، هان؟ تنهنجي پيءُ کي ته عجب لڳندو، جڏهن ڏسندو ته توکي **مون** فلڪيات جي علم جون ڳالهيون ڏاڍيون آهن. [ڪاپيءَ جا پنا ورائيندي،] آءٌ هتي ڏسان ٿو ته اسان جا ٽون خيالن وارا خود سمجهن ٿا ته اسان جي پياريءَ ڌرتيءَ کي، جو شروع ڪان اپتري اهميت ملهيل آهي، اُن ۾ گهٽو وڌاءُ ٿيل آهي، ۽ اُن کي گهٽجڻ گهرجي. قديم عالم، بطليموس، جي ڏينهن ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين تسليم ٿيل آهي ته سڄيءَ ڪائنات

جي ويڪر ۽ يعني هن سڄيءَ آڻن بلوري چرخن جي ڪائنات جيي، جنهن جي پوري وچ تي ڏرتي ٻيٺل آهي ۽ خود اسان جي ڏرتيءَ جي ويهن هزارن قطرن جيتري آهي. هيءُ ڪيڏو نہ وڏو پولار آهي! پر اسان جي نون خيالن وارن لاءِ اهو نہ ايڏا ننڍو آهي. هو چون تا تہ پولار ان کان گهٽو، تمام گهٽو، بلڪ اعتبار کان وڏيڪ گهٽو وڏو آهي. ۽ ڏرتيءَ ۽ سڄ جي وچ وارو مفاصلو، جيڪو هونئن تمام وڏو سمجهيو ٿي ويو، سو، هنن جي چوڻ موجب، ڏرتيءَ ۽ بلڪل ٻاهرئين انهن بلوري چرخ ۾ جڙيل تارن تائين واري بي انت مفاصلي جي ٻيٺ ۾ ايترو ننڍو آهي، جو اهو جڙ ڪنهن شمار ۾ ئي آڻي نٿو سگهجي! ڪيئن؟ آهن نہ اهي اسان جا نون خيالن وارا پنهنجي وس کان ٻڌي ڦوڪجڻ وارا ڦوڪڻا!

[ورجينيا کلي ٿي. محتسب به کلي ٿو.]

محتسب: سچ پچ تہ مقدس ڪليسا جي صدر دفتر جا علما حضرات ڪائنات جي هيئن ئين تصوير تي ٻنهه هراسجي ويا آهن، جنهن جي ٻيٺ ۾ اڄ تائين آن جي تسليم ٿيل تصوير ايتري تہ ننڍي آهي، جو آها تائٽ ڪري هوند ڪن سهٽين ڪنوارين چوڪرين جي ڳچين ۾ ٻڌي چڏجي! مقدس ڪليسا جا علما حضرات انهيءَ ڪري پريشان آهن، جو جيڪڏهن ڪائنات ۾ ايڏا بي انت مفاصلا ٿيا، تہ ننڍا وڏا پادري، ويندي پشپ ۽ ڪارڊينل به ڪٿي گمراهہ ٿي، وڃائجي نہ وڃن! خود مقدس پوپ به ممڪن آهي تہ خداوند قدوس جي نظر ڪان ٽڙڪي ويڃي. هائو، ڳالهہ ڏاڍي مزيدار آهي، ۽ هون کي خوشي آهي تہ تون، منهنجي مؤمن ڏيءُ، پنهنجي ٻيءُ جي سائي ۾ صحيح سلامت هوندينءَ، جنهن کي اسين سڀ تمام گهڻي عزت ڏيون ٿا. تو کو مرشد سگورو ورتو آهي، منهنجا ٻچا! ڪير آهي آهو ڏڻيءَ جو پيارو؟

ورجينيا: حضرت شائين ڪرسٽا فورس، آرسٽلا شريف جو.

محتسب: ها، ها! برابر! مون کي خوشي آهي، جو تون پنهنجي ٻيءُ وٽ هوندينءَ. هن کي تنهنجي ضرورت رهندي تون اِها گالهه سمجهي نه سگهندينءَ، پر اِها گالهه اِئين آهي. تون ايتري ننڍي نوجوان آهين، بلڪ ايتري تازي تواني آهين، ۽ تنهنجو ٻيءُ سڄ ڦڄ ته وڏو ماڻهو آهي. ڪڏهن ڪڏهن، تمام وڏو ماڻهو ٽيڙ ۾ نقصانڪار ٿئي ٿو. دراصل کو به ماڻهو ايڏو وڏو نٿو ٿي سگهي، جنهن کي دعا جي ضرورت نه ٿئي. پر آءٌ توکي اجايو ترسايو ٻيٽو آهيان، منهنجا ٻچا. وڏيڪ ترسندينءَ ته تنهنجو مڱيندو مون تي رشڪ ڪندو، ۽ شايد تنهنجي ٻيءُ کي به مون سان حسد ٿي پوي ـ ڇو ته مون توکي تارن بابت آهي گالهيون ٻڌايون آهن، جيڪي ممڪن آهي ته پراڻيون ۽ بيڪار ٿي ويل هجن. هاڻي تون ڊوڙي وڃي رقص ۾ شامل ٿيءُ، پر پنهنجي مرشد سڳوري، حضرت سائين ڪرسٽا فورس آف آرسلا شريف کي منهنجا ضرور دعا سلام ڏج.

[ورجينيا ڪجهه وڌيڪ نروڙي، ڪُرنش ڪري ٿي، ۽ تکي تکي هلي وڃي ٿي.]

———

(٨)

گفتگو

گليلو ڏاڍو مُنجهيو ويٺو هو، تہ
هڪڙو نوجوان راهب وٽس آيو.
هيءَ راهب غريب مائٽن جو پار هو، —
۽ هُنن سائنس بابت گفتگو ڪئي.

روم ۾ فلارينس جي سفير جي محل ۾

[گليلو نندڙي راهب جي ڳالهہ ٻڌي ٿو، جنهن مقدس روم جي ڪاليجي مباحثي کان پوءِ پوپ جي فلڪياتي عالمن جو فيصلو هُن کي ڪن ۾ ٻڌايو هو.]

گليلو : ڳالهاءِ، ڳالهاءِ، توکي جيڪا پاڪر پاتل آهي، اُن ۾ جيڪي تون چاهين سو چئي سگهين ٿو.

نندڙو راهب : استاد گليلي، سون رياضيءَ جو علم پڙهيو آهي.

گليلو : علم جي تحصيل ۾ اِهو توکي مدد ڪري سگهي ٿو، بشرطيڪ اُن مان تون رڳو اِهو سکي سگهين تہ پيرا ۾ هر حالت ۾ چار ٿيندا آهن.

نندڙو راهب : استاد گليلي، گذريل ٽي راتيون آءٌ سمهي نہ سگهيو آهيان. آءٌ سمجهي نٿو سگهان تہ مشتريءَ جا چيڪي اُپگرهہ سون ڏنا آهن ۽ پوءِ جيڪو مقدس ڪليسا جي صدر دفتر جو فرمان جاري ٿيو آهي — تن ۾ ڳالهين کي پنهنجي ذهن ۾ ڪيئن گڏي ويهاريان، جو هِن مونجهہ ۽ بي آراميءَ کان نجات ملي سگهيم. نيٺ فيصلو ڪيم تہ صبح جي عبادت ڪري، توهان وٽ اچي حاضر ٿيان ۽ توهان کي پنهنجي ڳالهہ ٻڌايان.

گليلو : مون کي هي ٻڌائڻ لاءِ تہ مشتريءَ کي ڇڳرهہ آهن ئي ڪين؟

ننڍڙو راهب : نہ. اڳ هاڻي آن فرمان جي حڪمت کي سمجهي سگهيو آهيان. آن ماڻ مون تي هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿي آهي تہ ضابطي ڪان ٻاهر ءِ حد ڪان وڌيڪ تحقيق ۾ انسان ذات لاءِ وڏا خطرا لڪل آهن. اِنهيءَ ڪري مون فلڪيات جي علم جي تحصيل ڇڏي ڏني آهي. بهرحال، منهنجو پوءِ ۾ فرض آهي تہ اڳ توهان کي آهي سبب ٻڌايان، جيڪي خود هڪ فلڪيات جي عالم کي ۽ فلڪيات جي خاص هِن تعليم ۾ حد ڪان وڌيڪ تحقيق ڪرڻ ڪان روڪي سگهن ٿا.

گليلو : اڳ توکي ٻڌائي سگهان ٿو تہ اڳ آنهن سببن ڪان اڳي ئي واقف آهيان.

ننڍڙو راهب : اڳ توهان جي تلخيءَ کي سمجهي سگهان ٿو. توهين آنهن غير معمولي طاقتن ءِ اختيارن جو سوچي رهيا آهيو، جيڪي مقدس ڪليسا وٽ آهن ءِ آهي هوءَ استعمال ۾ ڪري سگهي ٿي.

گليلو : مثال طور، ايذارسانيءَ جا اوزار ـ اِئين نہ؟

ننڍڙو راهب : پر اڳ پيا سبب بيان ڪندس. مون کي هڪ گهڙي پنهنجي متعلق ڳالهائڻ ڏيو. اڳ ڀهراڙيءَ جي هڪ هاريءَ جو پٽ آهيان ءِ آن ئي حيثيت ۾ آتي پلجي وڏو ٿيو آهيان. هو ڏاڍا سادا سودا ماڻهو آهن. هو پنهنجن فصلن بابت سيکجهہ ڄاڻن ٿا، پر آن کان سواءِ ٻي آنهن کي تمام ٿوري خبر آهي. اڳ دوربينيءَ ۾ هِتي جڏهن زهره جون ڪلائون ڏسان ٿو، تڏهن مون کي منهنجا سائت ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي ڪمپانا ضلعي جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ پنهنجي ڪڙائين گهر ۾ وينا آهن ـ منهنجي پاءُ پيٽ سان گڏ، ءِ چلهہ تي وينا ديويو مانيءَ جو ڪائين. آنهن جي مٿان ڏسان ٿو تہ ڇپر جا پيچر ءِ ورا اڻ ڳڻين سالن کان دونهانتجي، ڪارا ٿي ويا آهن، ءِ اڳ آنهن جا پورهئي ۾ گنل هٿ ءِ سُڪي ٿوٽ ٿي ويل پير ءِ آنهن جي مُنهن جون

هڙهائون ۽ نرڙ جا گهنج ۽ آپريل نسون ڏسان ٿو. هو شاهوڪار نه آهن، پر سندن ڏکي مسڪين زندگيءَ ۾ به هڪ قسم جي آجاتل رٿا ۽ ترتيب آهي. پهرين ته هُنن جا ٽهيل ٽڪيل آهي ڪر آهن - گهر جي پهاريءَ کان وٺي، زمين جي پوکيءَ راهيءَ ۽ قرض پکي جي ڏي وٺ تائين - جيڪي ڪين ڪرڻا پون ٿا. مٿن جيڪي قدرتي ڪوپ ۽ انساني آفتون اچن ٿيون، مثلاً ٻوڏيون، سوڪ، ماڪڙ، چوريون چڪاريون، مار ڪُٽ - آنهن ۾ به ڏسجي ٿو ته جن هڪ قسم جو ڪو سلسلو ۽ باقاعدگي آهي، جنهن سان آهي مٿن نازل ٿين ٿيون. منهنجي ٻيءُ جي پُٽ ڪُٻي ٽي وڃي ٽي، سا به اوچتو ڪڏهن هڪ ئي مهل نه، پر سال بسال ڪر ۾ گهندي گهندي، هر جي پنيان هلندي هلندي ۽ بار جون ڀريون ڏوئيندي ڏوئيندي، اِئن ٿئي ٿو - بلڪل اِئين جيئن منهنجي غريب ماءُ هڪ جي پنيان پيو بار چٽيندي چٽيندي، ۽ بابا سان ٻنيءَ ۾ ۽ گهر ۾ اڪيلي ڪر ۾ آجهڙندي آجهڙندي، آهستي آهستي، پر جهت ۾، هڪ جوان عورت سان، ماءُ سان ۽ هڪ ڏنل وائنل ساٿهوءَ سان ڦري، هڪ جيئرو جاڳندو لاش بنجي پوي ٿي. پر پوءِ به هو ڪر ڪندا رهن ٿا، چٽين ٿا، نپائين ٿا، هلندا چلندا ۽ ڪائيندا پيئندا رهن ٿا، سو چو ته هو هڪ دستور جا پابند آهن - ۽ هنن کي هڪ سلسلي جو، هڪ ضرورت جو احساس آهي، جيڪو هنن کي پنهنجيءَ زمين کي ڏسندي ملیو آهي، جيڪا کين فصل ڏئي ٿي؛ وٽن کي ڏسندي ملیو آهي، جيڪي هر سال گوڻ ڪڍن ٿا، ساوا ٻن پهرين ٿا ۽ سيوا جهلين ٿا؛ ۽ آهو احساس کين پنهنجي گوٺ جي نندڙيءَ ديول کي ڏسندي ملیو آهي ۽ هر آرتوار تي آن ۾ انجيل جي آيتن کي پڌندي ملیو آهي. هُنن کي پڌايو ويو آهي، ۽ کين پڪ آهي، ته خدا جي نگاهه مٿن آهي - جيڪا ڏاڍي پاڻوهه سان بلڪ وڏي

آلکي سان کين ڏسي رهي آهي - ۽ هيءَ سڄي کائنات سندن
چوڌاري جيڪا ناهي ويئي آهي، سا اِنهيءَ ڪري تہ هو پاڻ جيڪي
آن جا ويس‌ڌاري آهن سي آن ۾ پنهنجو پنهنجو ٿورو يا گهڻو،
ننڍو يا وڏو، ملیل ڪر پورو ڪري سگهن. منهنجا هي سادا
سڀاڇها ماڻهو جڏهن سون کان ٻڌندا تہ هو سچ پچ هڪڙي
ننڍڙي پٿر يا پٿر تي وينا آهن، جيڪو سدائين خالي پولار ۾
هڪڙي ٻئي تاري جي چوڌاري ڦرندو رهي ٿو، ۽ اهڙا ٻيا
ڪيئي پٿر آهن جي اِئين پولار ۾ ڦرندا ٿا رهن، ۽ سڀ‌ڪجهه هي
پٿر، جنهن تي هو وينا آهن، سو آنهن ۾ ن پٿرن جي ٻيٽ ۾
هڪڙو خسيس ۽ بي‌وزنو پٿر آهي - تہ پوءِ هيءُ سندن جبل
جيڏو صبر ۽ سندن سڄي دڪ ۽ پيڙا جي هيءَ خاموش تسليمي، اڄ
ڇو ضروري آهن يا نيڪ آهن؟ پوءِ مقدس ڪتاب ۾ ڪهڙي صداقت
رهي، جيڪو هر شيءِ جي سمجهاڻي ڏئي ٿو، ۽ جنهن پورهئي
جي، دڪ سهڻ جي، بک ڪيڻ جي ۽ توڪل تي رهڻ جي
۽ قناعت سان گذارن جي ضرورت ۽ وڏائي بيان ڪئي آهي، ۽
جيڪو هاڻي جهٽ ۾ پنهنجيءَ ڳالهه ۾ ايترو اوڏو ثابت ٿي
پيو آهي؟ نہ نہ، هرگز نہ. آءٌ سندن اکين ۾ ڏسان ٿو تہ آهي
خوف ۾ ڦاٽن ڏيون. آءٌ ڏسان ٿو تہ چلهه تي وينو وينو، سندن
هٿن مان گرنهه ڪري پيا آهن. آءٌ ڏسان ٿو تہ هو پاڻ کي
ڪيئن نہ نڪجي ويل ۽ ڦرجي ويل، بنهه ڪمزور ۽ بيوس جيئن
سمجهن ٿا. ”سو، اسان تي ڪنهن جي نگاهه ڪانهي“ - اِئين
هو سُسيل ۽ هيسيل حيوان بنجي چون ٿا. ”اسان کي پنهنجي
سنيال پاڻ لهڻي آهي - اسين، جيڪي اڻجاڻ، اڄ پوڙها ۽
ڪوڙي ڪائيون ٿي ويا آهيون! هن ڏکئي، ننڍڙي، رواجي
پٽرائين تاري تي، جيڪو آزاد ڪونهي ۽ جنهن جي چوڌاري
ڪو بہ پيو تارو ڪونہ ٿو ڦري، اسان جي لاءِ ڪو بہ خاص
ڪر ڪونهي، جو اسان کي ڪرڻو آهي! تہ پوءِ اسان جي

دک درد جي کابہ معنيٰ کانهي؛ اسان جي بُکن سهڻ جو مطلب رڳو پيٽ پرجي نہ سگهڻ آهي ۽ اُن ۾ اسان جي صبر ۽ سهڻ جي کا آزمائش کانهي؛ اسان جو پورهيو رڳو نڪمي هڻ هٽان ۽ چڪ چکان جي گاڏهہ آهي - ۽ اُن ۾ اسان جو کو شانُ، کا وڏائي ۽ کو ثواب کونهي!' - اِنهيءَ کري، استاد گليلي، منهنجا محترم سائين، توهين سمجهي سگهو ٿا تہ مقدس کليسا جي اُن فرمان ۾ آڳ چو ٿو چوان تہ سون کي صحيح هدرانہ شفقت ۽ عظيم روحاني نيکيءَ ۽ رحمدليءَ جو اظهار ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟

گليلو : روحاني نيکي؟ تنهنجو مطلب شايد هيءُ آهي تہ پوئتي کجهہ کونہ بچيو آهي، شراب پيڻجي ويو، هنن جا چپ اِئين ئي خشڪ رهجي ويا، تنهنکري پلي تہ مقدس پيءُ جي چادر جو پَلئُہ چمي پنهنجو روح خوش کن! ۽ پوئتي چو کجهہ نہ بچيو آهي؟ چو هِن ملڪ ۾ جيکا بہ جوڙجڪ ۽ سِتا ڏسون ٿا، سا رڳو هڪ اهڙي کَٻٽ جي سٽا ۽ جوڙجڪ آهي، جيکو خالي آهي، ۽ بي گاڏهہ جيکا بچي آهي سا رڳي پورهيو کري کري مري وڃڻ جي ضرورت وڃي بچي آهي؟ ۽ سو بہ چوڌاري پلن پکن فصلن ۽ سُٺن رسيل ميوي سان جهنجهيل وڻن ۽ وڻن سانُ پريل چهچ ساون باغن جي وچ ۾! تنهنجي کمپانا ضلعي جا هاري خونخوار جنگين جا خرچ پرين ٿا، جيکي مانيٽي، امن جي بادشاهہ، يسوع مسيح، جو عيوضي، اسپين ۽ جرمنيءَ ۾، اڄ بہ وڙهي رهيو آهي. نيٽ بہ هو ڏرتيءَ کي کائنات جو مرکز چو ٿو بنائڻ ۽ سڏائڻ چاهي؟ اِنهيءَ لاءِ تہ سندس پنهنجي بادشاهت جي مقدس گادي ڏرتيءَ جو مرکز بني رهي. بس اِنهيءَ لاءِ. ٻيو کو اُن جو سبب کونهي. تون برابر صحيح آهين. هِن گاڏهہ جو گرهن ۽ تارن سان کو واسطو کونهي. اِن جو واسطو کمپانا ضلعي جي هارين سان آهي. تہ پوءِ منهنجي

سامهون قدرتي نظام جي ستا ۽ رٿا ۽ آن جي حسن ۽ پوري سلسلي جي
گالهه نه ڪر - جنهن جو زمانن کان بيان ۽ ساراهه ڪري ڪري،
آن کي اوهان پري - کان - چمڪندڙ سونو پٽ چاڙهي چڏيو آهي.
توکي خبر آهي ته سِپ ڪيئن موتي پيدا ڪندي آهي؟ هوءَ
جڏهن ڪنهن موتمار بيماريءَ جو شڪار ٿيندي آهي، تڏهن
پنهنجي پيٽ ۾ پٽجي ويل ڪنهن ڌارين شيءَ - مثلاً واريءَ
جي ڪنهن داڻي - کي پنهنجيءَ موتيءَ جهڙيءَ رس سان ٻيهي
ڏيکيندي آهي، تان جو آن کي ڏيکيندي ڏيکيندي، يعني
پنهنجي آن دفاعي عمل ۾ ڦهندي ڦهندي، نيٺ هوءَ مري ويندي
آهي. اهڙا موتي پَوَن جهنر ۾. مون کي صحتمند سِپ گهرجي.
نيڪي، منهنجا دوست، عذاب سان شامل ڪانهي. جيڪڏهن
تنهنجا ماڻهو خوشحال ۽ سکيا هجن ها، ته اُنهن ۾ آهي نيڪيون
وڌي سگهن ها، جيڪي سڪ ۽ خوشحاليءَ سان شامل آهن. پر
هاڻي، تو پنهنجن ماڻهن جي جن نيڪين جو ايڏيءَ آڪير سان
بيان ڪيو، آهي بيمار ۽ ڏکن ۾ ڏڏل ماڻهن ۽ ڏُريل ۽
پُهاريل زمين مان پيدا ٿيندڙ نيڪيون آهن، ۽ آنهن کي آڏ
رد ڏو ڪريان. اڙي ميان، منهنجا نوان پاڻي ڪيڏ جا پمپ
تنهنجي اِنهيءَ غلامن کي ڏيڻ وانگر هڪليندڙ روحاني انسنائي
تعليم ڪان وڌيڪ معجزا ڏيکاري سگهن ٿا. - ياد رکو:
"قُربار بنجو، ۽ وڌو ويجهو"، چاڪاڻ ته اوهان جون زمينون
ٽڪجي پيون آهن ۽ جنگيون اوهان کي لُٽي، چٽ ڪري
رهيون آهن. هاڻي تون ئي چئو ته آڏ تنهنجن ماڻهن کي ڪيئن
ڪوڙ هٽي ٻڌايان؟

نٽيڙو راهب [وڏي آدمي ۾ پرجي]: تمام اعليٰ ڪارڻ آهن، جيڪي
اسان کي چپ رهڻ تي مجبور ڪن ٿا - يعني، اسان جي
بدنصيب ماڻهن جو ذهني آرام ۽ روحاني سُکون.

گليلو: تون ڏسڻ چاهيندين، جيڪو سيليني شراب جو ڪوڪو ڪارڊينل

بيلارمين جو ڪوچوان اڄ صبح جو هت مون کي ڏيئي ويو آهي ؟ تنهنجن ، چا چوان ، نيڪ بخت مائٽن جي ذهني آرام کي نه ڦٽائڻ لاءِ منهنجا دوست ، اختياريءَ وارا مون کي شراب پيش ڪن ٿا ، جيڪو تنهنجا مائٽ ، ڪِهي ڪِهي ، پنهنجي پگهر جي پورهئي سان ، هُنن لاءِ چِڪائين ٿا ـ تنهنجا مائٽ ، جن لاءِ هو چون ٿا ته آهي خدا پنهنجي همشڪل خلقيا آهن . جيڪڏهن آءٌ خاموش ٿي ويهڻ لاءِ تيار هجان ، ته پڪ ئي پڪ آن جا خسيس ۽ خسيس ڪارڻ به ٿي سگهن ٿا ، يعني آرام ، سُکُ ، ۽ تڪليف ۽ ايذاءَ کان نجات ، وغيره .

نئيڙو راهب : استاد گليلي ، آءٌ هڪ پادري آهيان .

گليلو : تون طبعيات جو عالم ٿڻ آهين . ۽ تون ڏسين ٿو ته زهره جون ڪلائون ٿين ٿيون . هاڻي هُتان ڏس ! [دوربين کان اشارو ڪري ڏيکاريس ٿو .] اِهو ڏسين ٿو وڻ جي پرسان ، کوهه وٽ پڳل پيرڻاپوس جو بُت ؟ اِهو باغن جو ، پکين جو ۽ چورن جو خدا ميڄجي ٿو ـ ڏسڻ ۾ ئي ڇتڪي هٽ جو ٿهيل آهي ، آگهاڙو ئي آگهاڙو ، لُنگ ڪيو ويٺو آهي . چون ٿا ته اِنهي 'خدا' کي ٻه هزار ورهيه ڇائي ٿيا آهن ! ايترا ته اِن کوڙ ۾ نه هنيا هوندا . ـ چگوَ ، پر آءٌ به ته ڪليسا جو آستي آهيان . هاڻي بُڌ ، تو شاعر هوريس جون 'آت سِئون' پڙهيون آهن ؟ مون هُن کي بنهه اڳهرو پئي پڙهيو ـ هن جي پڙهڻ سان طبيعت بحال ٿي وڃي ٿي . [هٽ ڏگهيري ، نئيڙو ڪتاب ڪٽي ٿو .] هن هڪڙو آهڙو ئي پيرڻاپوس جو بُت باغ ۾ ڏٺو هو ، پوءِ آن جي ئي واتان هڪڙي سيٽ بَدي هئائين . آن جو پهريون بند هيءُ آهي :

'هڪڙي آنجير جي وڻ جو بُنبو بيڪار ڪاٽ جو ٽڪر ـ
'آهو آءٌ هوس : پوءِ وايو آيو ، ۽ خيال هئس ،
'۽ سوچيائين ته پيرڻاپوس ناهيان يا استول !
'نيٺ فيصلو ڪيائين ته خدا ٿو ناهيان ...'

تون چا ٿو سمجهين ته هوريس اِن شعر ۾ اِتي 'استول' جي بدران 'ميز' جو لفظ آڻي ها ته شعر ڪهي سگهيس ٿي؟ ته مٿا سائين، جيڪڏهن منهنجي ڪائنات ۾ زهره پنهنجي ڪلائن ڪان سواءِ ظاهر ٿئي، ته منهنجي حسن جو شعور به اِئين ڦٽجي پوي ٿو. هيءُ هيڏو اسان جي اکين اڳيان جيڪو وڏي ۾ وڏو ڪارخانو هلي رهيو آهي، يعني هيڏي ساري پولار ۾ هيءُ فلڪياتي ڪارخانو، آن جي ڪل پرزن جو جيڪڏهن مطالعو نه ڪنداسين، ته پوءِ نديءَ مان پمپ رستي پاڻي ڪيڏ جيڏو ڪا مشين ڪيئن ٺاهي سگهنداسين. ڪليسا جي ڪنهن ڪاردينل جي مرضي رکڻ لاءِ ٽيڪنڊي جي ڪنڊن جو جوڙ بدلائي نٿو سگهجي. آزاد هلندڙ جسمن جي چرپر جا گَس آڳ اٿين ته ڪونه ڪيڊي سگهندس، جو آنهن مان پُهارن تي چڙهي هلندڙ ڏاڪڻين جا گس معلوم ٿي سگهن!

نديڙو راهب: توهين پلا هيءُ نٿا ميڄي سگهو ته سچ - جيڪڏهن آهو سچ آهي - اسان کان سواءِ به فتحياب ٿيندو؟

گليلو: نه، نه، نه. سچ جي فتح فقط اوتري آهي جيتري اسان جي فتح آهي؛ عقل جي فتح معنيٰ معقول ماڻهن جي فتح. تون پنهنجي ڪمپاني ضلعي جي هارين جي اِئين ٿو ڳالهه ڪرين، جڏ آهي ٿلهو پتين جو اوراڳو آهن! اِئين نيٺ به ڪيئن ٿو ڪو سمجهي سگهي ته ٽيڪنڊي جي ڪنڊن جو جوڙ **آنهن جي** ضرورتن جي آڏو اڇي ٿو سگهي، يا ذهني آرام کي قٽائي ٿو سگهي. اِئين سو برابر آهي ته جيڪڏهن هو پاڻ چُرندا! به ڪونه ۽ سوچڻ ئي شروع نه ڪندا، ته خود آپاشيءَ جون بهترين رڪاوٽون به کين کو فائدو ڪونه ڏيئي سگهنديون. آڳ تنهنجي ماڻهن جو خدائي صبر ڏسي سگهان ٿو، پر مون کي ٻڌاءِ ته آنهن جو خدائي غصو ڪٿي آهي؟

نديڙو راهب: هو ڪجي ٻيا آهن.

گليلو : [هٿ اکر لکيل ڪاغذن جو بنڊل اڇلائي ڏئيس ٿو]: منهنجا عزيز، تون طبعيات جو عالم آهين نہ؟ اِنهن ڪاغذن مان تون سمنڊ جي وير ۽ آلڻ جا سبب معلوم ڪري سگهندين، پر تون اِنهن کي پڙهين متان! سمجهيئي نہ! - اڙي، تون تہ ٽوٽي اِنهن کي پڙهڻ ۾ لڳي وئين! تہ پوءِ، برابر، تون طبعياتي عالم آهين ۽ چاٽڻ گهرين ٿو.

[نندڙو راهب ڪاغذن ۾ گم ٿي ويو آهي.]

گليلو : علم جي وڻ جو هڪ صوف! هيءُ اِتي ٿي آن کي ياد ڪرڻ ويهي رهيو آهي. هيءُ ازلي نياڳو آهي - هيراڪ آهي - جهلبس تہ به پي ويندو. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ ڏهہ پنرهن ڪنهن اونداهيءَ چُر ۾ وڃي ويهان، جتي روشنيءَ جو ڪرڻو به پهچي نہ سگهي - ۽ آتي گوجنا ڪريان تہ اِها چا آهي - يعني روشني چا آهي. ۽ مون سان وڏي ويڏن هيءَ آهي تہ جڏهن ڪا شيءِ چاٽندو آهيان، تڏهن آها پڏائيندو آهيان. هڪ عاشق وانگر، هڪ نشئيءَ وانگر، هڪ جاسوس وانگر. علم جي چڪ واقعي ڪجهہ نہ آهي، پر گناهہ آهي، ۽ وڏيءَ بربادي ڏانهن چڪجي وجي ٿي. پر پوءِ به ڪيترو وقت آڳ، تون ۽ تنهنجا مائٽ چُلهہ تي ويٺا رڙيون ڪنداسين؟ - اڄ منهنجو سوال اِهو آهي.

نندو راهب [ڪاغذن ۾ هڪڙي ڦڙي ڏانهن اشارو ڪندي]: آڳ هيءُ جملو سمجهي نٿو سگهان.

گليلو : آڳ توکي سمجهايان ٿو. آڳ توکي سمجهايان ٿو.

(٩)

جڏهن نئين پوپ جي تاجپوشي ٿئي ٿي، جيڪو پاڻ به رياضيءَ جو عالم آهي، تڏهن اڻ سالن جي ماٺ کان پوءِ استاد گليلو همت ڪري، منع ٿيل موضوع يعني سج جي داغن تي پنهنجي تحقيق شروع ڪري ٿو

پورا اٺ سال، مُنهن ۾ زبان هوندي به،
– ۽ هن کي معلوم هو – اُن جي هن ڳالهه نه ڪئي.
پوءِ هن جي حرص جهل نه ڏني.
۽ استاد گليليءَ آڻي، پنهنجيءَ قسمت کي. للڪاريو.

فلارينس ۾ گليلو جو گهر

[گليلو جا شاگرد، فدرزوني، نديڙو راهب ۽ آئندريَ سارتي، جيڪو هاڻي وڏي جوان ٿيو آهي، استاد جي عملي ليڪچر ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا ويٺا آهن. گليلو ٻيٺو، کو ڪتاب پڙهي رهيو آهي. ورجينيا ۽ سينورا سارتي شاديءَ جا ڪپڙا سبي رهيون آهن:]

ورجينيا: شاديءَ جا ڪپڙا سڀ به مزيدار ڪم آهي. هيءَ چادر وڏيءَ ڊائننگ ٽيبل لاءِ آهي – ليوڊو وکو دعوتن ڪرڻ جو شوقين آهي. هيءَ بلڪل صاف سٿي هئڻ کپي؛ هن جي ماءُ ته ڏاڍو ڏاڍو ڏسي ٿي. باقي بابا جي ڪتابن تي هوءَ سخت چڑيل آهي. حضرت سائين ڪرستافورس وانگر.

سينورا سارتي: هين ويچاري ته سالن کان کو نئون ڪتاب ڪونه لکيو آهي.

ورجينيا: آءٌ پانيان ٹي تہ بابا ھاڻي سمجھي ويو آھي تہ شروع ۾ پاڻ غلط ھو. روم ۾ مقدس ڪليسا جي ھڪڙي وڏي بزرگ سون ڪي ڪيترين اِنھي علم جون ڳالھيون سمجھايون ھيون. آسمان جا مفاصلا ڏاڍا ڊگھا آھن ۽ آنھن جون ڳالھيون به تمام وڏيون آھن.

آئنڊري [بلڪ بورڊ تي ڏينھن جي سبق جا نوٽ لکندي]: خميس ڏينھن، ٽپھري، ترندڙ جسم، وري به برف؛ ڦاٽيءَ پريل برتن؛ ساھمي؛ لوھ جي سئي؛ ارسطو.

[ھو سڀ شيون آڻي رکي ٿو، پيا پنھنجن ڪتابن تي اِئين لکن ٿا، جيئن ھو ڪين چوي ٿو. فِلپو ميُوسَس، پڪيءَ عمر جو ھڪ عالم اندر اچي ٿو ـ ھو ڪجھ بتال لڳي ٿو.]

ميوسس: مھرباني ڪري استاد گليليءَ کي چئو تہ مون سان ملن، اِئين مون کي پڌڻ کان سواءِ ڏوھي نہ بڻائين.

سينورا سارتي: پر ھو تو سان ھرگز ھرگز نہ ملندو.

ميوسس: مائي وڏي، خدا جي واسطي مھرباني ڪر، ھيءُ ثواب ڪٽ، تون ھڪ پيرو وري کين چؤ! مون کي ساڻن ضروري ڳالھائڻو آھي.

ورجينيا [ڏاڪڻ تائين وڃي ٽپي]: بابا!

گليلو: ڇا آھي؟

ورجينيا: فلپو ميوسَس.

گليلو [تکڙو اٽندي، ڏاڪڻ جي منھن تي وڃي بيھي ٿو. سندس شاگرد پٺيان اٽس]: تون ڇا ٿو گھرين؟

ميوسس: استاد گليلي، آءٌ توھان کي درخواست ٿو ڪريان تہ مون کي چڏيو تہ توھان کي پنھنجي ڪتاب جي آنھن ٽکرن جي سمجھاڻي پيش ڪريان، جن ۾ ڌرتيءَ جي ڦيري بابت ڪاپرنيڪس جي تعليم جو رد ظاھر ٿئي ٿو. مون ...

گليلو: ڇا ٿو تون سمجھائڻ جي ڪوشش ڪرين؟ تون مقدس ڪليسا جي سال ۱۶۱۶ع جي فرمان سان متفق آھين. توکي اُن جو پورو

حق آهي. تون برابر هتي رياضيءَ جو علم سکيو آهين ، پر ان کري تو تي اسان جو هروپرو حق کونهي ، جو تنهنجي واتان اسين ٻڌون تہ پيرا ۾ چار آهن! دراصل توکي اِن جو پورو حق آهي ، جو چوين تہ هيءُ پٿر [هو پنهنجي کيسي مان هکڙو ننڍڙو پٿر کڍي ، فرش تي اڇلي ٿو ،] هيٺر ڇت ڏانهن آڏامي ويو.

ميوسس: استاد گليلي ، آءٌ ...

گليلو : پنهنجي لاچار جو ذکر نہ ڪر! مون کي تہ پليگ ۽ پنهنجي تحقيقات کان روکي نہ سگهي.

ميوسس: استاد گليلي ، پليگ تہ سڀ کان وڏي مصيبت کانهي.

گليلو : آءٌ توکي ٿو چوان تہ آهو جنهن کي سڀ معلوم نہ آهي ، رڳو هک احمق آهي. پر آهو جيکو سڀ ڄاڻي ٿو ۽ ان کي کوڙ ٿو سڏي ، سو هک خطرناڪ رهزن آهي. تون هليو وڃ هتان مون وٽان!

ميوسس [ڪنڌ هيٺ ، چپن ۾]: توهين صحيح آهيو. [هليو وڃي ٿو.]

[گليلو پنهنجي مطالعي واري ڪمري ڏانهن واپس وڃي ٿو.]

فدرزوني: افسوس ، مصيبت سڀ پڇ اِها آهي. پنهنجي مُنهن هي کو وڏي ڀايي جو ماڻو نہ آهي. جيکڏهن توهان جو شاگرد نہ هجي ها تہ کير پڇيس ۽ کونہ ها. پر هاڻي واقعي ماڻهو چوندا تہ گليلي جو کجهہ سيکاري ٿو سو هِن ٻڌو ، ۽ هيءُ مڃي ٿو تہ آهو سڀ کوڙ آهي.

سينورا سارتي: مون کي هن ماڻهوءَ جو ڏاڍو ڏک آهي.

ورجينيا: بابا هِن جو تمام گهڻو خيال رکندو هو.

سينورا سارتي: ورجينيا ، مون کي تنهنجي شاديءَ جو خيال آهي. تون اڃا ننڍي آهين . توکي ماءُ ۽ کانهي. ۽ تنهنجو پيءُ اِهو رڳو پاڻيءَ تي برف جا ڳنڍا ڇيو لوڙهي. هونئن ۽ تنهنجي شاديءَ بابت ڪا ڳالهہ هن کي چئي ۽ تون چا ڪندينءَ. سڄو هفتو

وٺندو آن تي ويچار ڪرڻ ۾ ۽ پوءِ مانيءَ کائيندي، جڏهن نندا نيٽا ساٿس گڏ ميز تي وينا هوندا، تڏهن هو اهڙي ڪا چرڪائيندڙ ڪٻلي ڳالهه ڪري ڇڏيندو، جنهن ۾ پائيءَ جو حجاب ڪونه هوندو ـ حجاب ته هن کي هونئن به ڪڏهن ڪونه هوندو آهي. ۽ آڳ هن جي اِنهن عادتن کي ڪجهه سمجهندي به ڪانه آهيان. پر مون کي جيڪو خيال آهي سو هيءُ آهي ته آئيندو تنهنجو چا ٿيندو. مون کي اِنهن ڳالهين جي جاڻ ڪانهي؛ آڳ هڪ اٽڪل پورهيت زال آهيان. پر آڳ ايترو سمجهان ٿي ته شاديءَ جهڙي وڏي معاملي ۾ اڪيون پوري، اِئين بي ٻُڪائيءَ سان، ٽپي نه پٽبو آهي. منهنجي صلاح آهي ته تون يونيورسٽيءَ جي ڪنهن چڱي فلڪياتي اِستاد وٽ وڃ، جيڪو سڻو نجومي هجي، ۽ اُنهي کان پنهنجي جنم پتري ڪيائي ڇڏ، ته توکي خبر پوي ته اڳتي تنهنجي حياتيءَ ۾ چا ٿيندو. چو، تون چا تي پيئي ڪلين ؟

ورجينيا: چاڪاڻ ته آڳ هڪڙي وڏن اڳي ئي ٿي آئي آهيان.

سينورا سارتي [چاڻ لاءِ آتي آهي]: پوءِ آن چا چيو!

ورجينيا: تي ٻهينا مون کي خبردار رهڻ ڪيي، چاڪاڻ ته سج سرطان جي خاني ۾ هوندو، پر آن کان پوءِ منهنجو ستارو اوچو آهي، ۽ سڀ ڪارا بادل لهي ويندا، جيڪڏهن مشتريءَ کي نظر ۾ رکيم ته، جيڏانهن به چاهيندس تيڏانهن سفر ڪري سگهنديس ـ چاڪاڻ ته، منهنجو جنم سرطان جي نڪٽ ۾ آهي.

سينورا سارتي: ۽ ليوڊو وکو؟

ورجينيا: هن جو 'اسد' ۾ آهي. [ٿورو هيڪي،] هن جي طبع هَوسي آهي. [ساهه ،] پَرن جو اِهو آواز آڳ سچاڻان ٿي. اِستاد گفُون، يونيورسٽيءَ جي ريڪٽر جو آهي.

[اِستاد گفون، روم جي يونيورسٽيءَ جو ريڪٽر (سربراهه) اچي ٿو.]

گفون: مون رڳو هيءُ هڪڙو ڪتاب آندو آهي، جيڪو شايد تنهنجي

ڀيءُ کي پسند پوي. پر خدا جي واسطي استاد گليليءَ کي تڪليف نہ ڏيو. سنهنجي وس ۾ ٻيو ڪجهہ ڪونهي؛ پر آءٌ هميشہ محسوس ڪندو آهيان تہ هن عظيم شخص جو هڪڙو منٽ ضايع ڪرڻ معنيٰ سڄيءَ انسانيءَ جو هڪڙو منٽ ضايع ڪرڻ. آءٌ هيءُ ڪتاب، جيئن ويڙهيل آهي تيئن، اوهان وٽ ڇڏي، چپ چاپ، پير پيرن تي رکي، هليو ٿو وڃان.

[هو وڃي ٿو. ورجينيا ڪتاب فدرزونيءَ کي ڏئي ٿي.]

گليلو: اهو ڇا تي آهي؟

فدرزوني: مون کي خبر ڪانهي. [ڪتاب جو نالو پڙهي ٿو.] 'دي مئڪيئولس اِن سول.'

آئنبوي: سڄ جي داغن متعلق؟ وري هڪڙو ٻيو!

[فدرزوني رنج مان ڪتاب هن کي ڏئي ٿو.]

آئنبري: انتساب پڙهو! 'طبعيات جي وڏي ۾ وڏي زنده استاد، گليلو گليليءَ، جي نالي.'

[گليلو هڪدم وري پنهنجي ڪتاب جي پڙهڻ ۾ لڳي ويو آهي.]

آئنبري: مون هالنڊ جي عالم، فئبريڪس، جو هِن مضمون تي ڪتاب اڳي ئي پڙهيو آهي. هُن جو رايو آهي تہ ڏرتيءَ ۽ سڄ جي وچ ۾ تارن جا ڪٽڪ اچي لنگهن ٿا، تڏهن اسان کي هيتان آهي سڄ جا داغ معلوم ٿين ٿا.

نندڙو راهب: اِها ڳالهہ اهڙي ڪَسي نٿي لڳي، ڪيئن ٿا ڀانيو، استاد گليلي؟

[گليلو جواب نٿو ڏئي.]

آئنبري: پَرس ۽ پراگ ۾ هُنن جو رايو آهي تہ اِهي سڄ تان اٽندڙ ڀاڻ جا ڪڪر آهن.

فدرزوني: هُون!

آئنبري: فدرزونيءَ کي اِن ۾ شڪ آهي.

فدرزوني: مهرباني ڪري، مون کي وچ ۾ نہ آڻيو. مون رڳو 'هُون' ڪيو.

ڪيو - بس. آءٌ فقط شيشہ گر آهيان. آءٌ شيشا لسايان ٿو ۽. توهين آنهن منجهان ڏسو ٿا ۽ آسمانن ڪي ٽپاسيو ٿا ۽ توهين جيڪي ڏسو ٿا سي داغ نہ پر ”ڪيولِس“ آهن. آءٌ ڪنهن شيءِ ۾ ڪيئن شڪ ڪندس؟ ڪيترا ڀيرا سون اوهان ڪي ٻڌايو آهي تہ آءٌ ڪتاب پڙهي نٿو سگهان - اِهي سڀ لاطيني ٻوليءَ ۾ آهن.

[ڪاوڙ ۾ پانهون چنبيءَ ٿو ۽ هٽ لوڏي ٿو. ساهميءَ جو پٽ فرش تي ڪري پوي ٿو. گليلو اڳتي وڌي ٿو ۽ چپ چاپ آهو ڪٽي ستي رکي ٿو.]

ننڍڙو راهب: شڪ ۾ منڙو آهي. آءٌ عجب ۾ آهيان تہ چو؟

آئنبري: گذريل ٻہ هفتا، جڏهن ٻہ ڏينهن جو آسمان صاف هو ۽ آس نڪتل هئي، تڏهن آءٌ مٿي چڙهي، ڇت جي هيٺان ٺهيل ڪُجهٽ ۾ اندر وڃي پئي ويٺو آهيان، ۽ آتي پتين جي هڪڙي سنهڙي چيرَ مان روشنيءَ جي هڪڙي سنهڙي ڪرڻي کي هيٺ ڪرندي پئي ڏٺو اٿم. اِنهيءَ طرح اسين ڪاغذ جي چادر تي سج جو ابتو عڪس وٺي سگهون ٿا. مون اِئين آن عڪس ۾ هڪڙو داغ ڏٺو، جيڪو سڀ کان جيڏو هو ۽ آهو آن تان اِئين لنگهي ويو جيئن ڪا ڪري ڇيڀي جهڙ ۾ زمين تي ترندڙ پاڇي وانگر لنگهي ويندي آهي. سج جي آن عڪس ۾ آهو داغ ڪا گهڙي ترسيُ ۽ ٻيٺو هو. استاد گليلي، پاڻ اِنهن داغن جي تپاس چو نٿا ڪريون؟

گليلو: چاڪاڻ تہ پاڻ ترندڙ جسمن تي پيا ڪم ڪريون.

آئنبري: امڙ وٽ ٽوڪرا خطن سان پرجي ويا آهن. سڄو يورپ پڇائون پيو ڪري تہ توهان جو اِن باري ۾ رايو ڇا آهي. توهان جو نالو ايترو پڪڙي ويو آهي، جو توهين هاڻي خاموش ويهي نٿا سگهو.

گليلو: روم منهنجي نالي ڪي ايترو وڏن ۽ پکڙڻ اِنهيءَ ڪري ڏنو آهي، جو آءٌ خاموش آهيان.

فلبرزوني: پر هاڻي توهين وڏيڪ خوش ويهي نٿا سگهو.

گليلو: آءٌ پاڻ کي سيخ تي چاڑهائي، ڪباب وانگر ڪائين جي مڇ تي ڇڇرائي ۽ نٿو سگهان.

آئنبري: توهين سمجهو ٿا ته هن معاملي ۾ اهي داغ ۽ ڪو خلل پاريندا. [گليلو کو جواب نه ٿو ڏئي.]

آئنبري: چگو، چگو. پاڻ لاءِ هي برف جا ڳنڍا ئي بس آهن؛ اهي توهان لاءِ ڪو آزار ڪونه ٻنبا.

گليلو: صحيح. - اڄ ته پنهنجيءَ ڳالهه کي وڻون، ائنبري!

آئنبري: جيستائين ترڻ جي وصف جو معاملو آهي، ته پاڻ هي مفروضو ٿا قائم ڪريون ته ترڻ ۾ جسم جي شڪل جو ڪو واسطو ڪونهي؛ آن ۾ جيڪا اهم ڳالهه آهي سا هيءَ ته جسم پاڻيءَ کان هلڪو آهي يا ڳرو.

گليلو: ارسطو چا ٿو چوي؟

نندڙو راهب: 'دِ سڪَس لَئٽَس پِلَئٽِيڪ ...'

گليلو: ترجمو ڪر، ترجمو ڪر!

نندڙو راهب: 'هڪ موڪرو تراڪڙو برف جو ڳنڍو پاڻيءَ ۾ تري سگهي ٿو، پر لوهه جي سئي ٻڏي وڃي ٿي.'

گليلو: ارسطوءَ جي چوڻ موجب برف ڇو نٿي ٻڏي؟

نندڙو راهب: چاڪاڻ ته آها موڪري ۽ تراڪڙي آهي، ۽ اِنهيءَ ڪري پاڻيءَ کي چيري يا ٽوڙي نٿي سگهي.

گليلو: ٺيڪ. [هو برف جو هڪڙو ڳنڍو کڻي ٿو ۽ پاڻيءَ جي برتن ۾ وجهي ٿو.] هاڻي آءٌ زور ڏيئي، برف کي برتن جي تري ۾ رکان ٿو. پوءِ آن تان هٿ جو زور کڻي ٿو ونان، ته چا ٿو ٿئي؟

نندڙو راهب: اِها وري پاڻيءَ تي متي آڻي اچي.

گليلو: صحيح. تنهن جي معنيٰ، فلڪگانزو، ته اِها متي آڻي اڇڻ لاءِ پاڻيءَ کي ٽوڙي سگهي ٿي!

نندڙو راهب: پر اِها آخر تري ئي ڇو ٿي؟ اِها پاڻيءَ کان ڳري آهي،

چو ته اِها پاڻيءَ جي گهاڻي صورت آهي.

گليلو : پر جيڪڏهن اِها پاڻيءَ جي چڀي صورت هجي ها ته ؟

آئنبري: اِها ضرور پاڻيءَ کان هلڪي ٿئي ٿي، ۽ آهي به؛ نه ته اصل کانئن تري سگهي ها.

گليلو : آها!

آئنبري: جيئن لوهه جي سُئي تري ٿئي سگهي. هر آها شيءِ جيڪا پاڻيءَ کان هلڪي آهي، آها تري ٿي؛ ۽ هر آها شيءِ جيڪا گري آهي، سا ٻُڏي ٿي. گاڏهه ثابت ٿي ويئي!

گليلو : آئنبري، توکي ڏيان سان سمجهڻ جي عادت ڏاڍي گهرجي. ڏاڍي مون کي ڏي. ڪاغذ به ڏي. لوهه پاڻيءَ کان گرو آهي يا نه ؟

آئنبري: هائو.

[گليلو ڏاڍي ڪاغذ تي رکي ڏو، ۽ پوءِ نرسائيءَ سان ڪاغذ ڏان ڏاڍيءَ کي ريڙهي، پاڻيءَ تي چڏي ڏو ڏئي. ٿوري ساڻ.]

گليلو : چا ٿيو آهي ؟

فبرزوني: اڙي! سُئي پيئي تري! ويچارو ارسطو سڳورو! هن کي ڪنهن آزمايو ئي ڪونهي. [هو زور سان ڪان ٿا.]

گليلو : سائنس جي مسڪينيءَ جو هڪڙو سبب خام خياليءَ جي ٽونگري به آهي. سائنس جو مقصد اِهو نه آهي ته لامحدود ڏاهپ ڏائين پهچ جو دروازو کُلي، پر رڳو هيترو آهي ته لامحدود جهالت جي ڪا حد مقرر ٿئي. ـ هاڻي پنهنجا ٿوت لکو.

ورجينيا : اِهو چا آهي؟

سينورا سارتي: جڏهن به هو کلندا آهن، تڏهن مون کي ٿوري ڏکڻي وڻي ويندي آهي. الائي هو اڄ چا تي پيا کلن!

ورجينيا: بابا چوي ٿو ته ديني عالمن وٽ گهنڊ آهن، ۽ طبعيات جي عالمن وٽ ٽهڪ آهن.

سينورا سارتي: پر آڳ شڪر ٿي ڪريان ته هاڻي، گهٽ ۾ گهٽ، پنهنجي

دوربينيءَ سان هو ايترو گهٹو ڪونہ ٿو ڏسي.

ورجينيا: هاڻي هو رڳو پاڻيءَ ۾ برف جا ٽڪرا پيو وجهي؛ اِن سان گهٹو ڪو نقصان پُڄي نٿو سگهي.

سينورا سارتي: آڳ ڪيئن ٿي چئي سگهان!

[ليوڊو وڪو سفر جي ڪپڑن ۾ اندر اچي ٿو، جنهن جي پٺيان سامان سان نوڪر آهي. ورجينيا ڊوڙي وڃي ٿي ۽ پاڪر پائيس ٿي.]

ورجينيا: چو نہ پنهنجي اچڻ جو مون ڏانهن خط لکيئي؟

ليوڊو وڪو: آڳ هتي ويجهو پنهنجا انگورن جا باغ ڏسڻ آيو هوس، سو تو وٽ اچڻ کان پاڻ روڪي نہ سگهيس.

گليلو [اچڻ پري کان ڏسي نٿو سگهي]: اِهو ڪير آهي؟

ورجينيا: ليوڊو وڪو.

نندڙو راهب: توهين هِن کي نٿا ڏسي سگهو چا؟

گليلو: هائو. هائو، ليوڊو وڪو. [هُن ڏانهن وڌي وڃي ٿو.] گهوڙن جو ڪهڙو حال آهي؟

ليوڊو وڪو: ٺيڪ آهن، محترم سائين.

گليلو: سارتي، پاڻ خوشي ملهائيندا سين. هُن مسليءَ جي جهوني شراب جو جڳ پري ڪٽي اڇ!

[سينورا سارتي، آئندريءَ سان گڏجي، باهر وڃي ٿي.]

ليوڊو وڪو [ورجينيا کي]: تون هَيڊي پيئي ڏسجين! پهراڙيءَ ۾ رهندينءَ تہ ٺيڪ ٿي ويندينءَ. آمان سيپٽمبر ۾ تنهنجي اچڻ جي راهہ پيئي ڏسي.

ورجينيا: ترس ـ آڳ توکي پنهنجي شاديءَ جو وڳو ڏيکاريان. [هوءَ ڊوڙي باهر وڃي ٿي.]

گليلو: ويهہ.

ليوڊو وڪو: مون پڌو آهي، سائين، تہ توهان جي ليڪچرن پڌڻ لاءِ توهان وٽ يونيورسٽيءَ ۾ هزار کان بہ وڌ شاگرد اچن ٿا. اڇڪلهہ توهين ڪهڙي ڪر ۾ مصروف آهيو؟

گليلو : ڏينهن ۽ ڏينهن پيا لنگهن ، ڳالهه ساڳي آها ئي پيئي ٿئي .
تون روم مان پيو اچين ؟

ليوڊو وڪو: هائو . - ستان مون کان ڳالهه وسري وڃي: سڄ جي داغن بابت جيڪو نئون شور ڊچن وڏي شروع ڪيو آهي ، اُن جي سلسلي ۾ اوهان جيڪا دانائي ۽ خود-روڪ ڏيکاري آهي ، اُن تي آمان اوهان کي مبارکون ڏيون آهن .

گليلو [خشڪ جواب طور]: سنديس مهرباني .

[سينورا سارتي ۽ ائنڊري شراب جو جڳ ۽ گلاس آڻين ٿا . سيئي ميز جي چوڌاري گڏ ٿي ويهن ٿا .]

ليوڊو وڪو: روم کي فبروريء جي گفتگو جو موضوع اڳي ئي ملي ويو ٿو ڏسجي . حضرت سائين کرستافر کلي وئس پنهنجو انديشو ظاهر ڪيو آهي ته آهو اڳوڻو سڄ جي چوڌاري ڏرتيء جي چڪر وارو گوڙ اِنهيء سڄ جي داغن واريء ڳالهه تي وري نئين سر نه شروع ٿي وڃي!

آئنڊري : اِها کا پريشانيء جي ڳالهه کانهي .

گليلو : منهنجي آئنده سمڪن گناهن کان سواءِ ، مقدس شهر ۾ پيا کهڙا افواهه هٿا ؟

ليوڊو وڪو: توهان کي ته خبر هوندي ته حضور اقدس پوپ موت جي بستري تي آهي!

نديڙو راهب : او!

گليلو : هن جي جانشين لاءِ ڪنهن جو نالو پيو ڪڃي ؟

ليوڊو وڪو: اڪثر ماڻهو ڪارڊينل باربرينيء جو نالو پيا وٺن .

گليلو : باربريني!

آئنڊري : استاد گليلي باربرينيء کي سڃاڻندو آهي .

نديڙو راهب: ڪارڊينل باربريني رياضيء جو عالم آهي .

فدرزوني: پاپائي تخت تي هڪ سائنسدان!

گليلو : هائو ، هن دور ۾ هنن کي باربرينيء جهڙا ماڻهو ڪهن ، جن

ڪجهه رياضيءَ جو علم پڙهيو هجي. ڳالهين وڌڻ شروع ڪيو آهي، فدرزوني! ممڪن آهي ته پنهنجي حياتيءَ ۾ ٿي آهو ڏينهن اڇي جڏهن اسين ٻه ۽ ٻه چار چئون ته اسان کي چورن وانگر لوڻون ورائي پئيان ڏسڻو نه پوي ته ڪنهن اسان کي پڌي ته نه ورتو. [ليوڊو وڪو کي:] مون کي هيءُ شراب ڏاڍو وڻي ٿو، ليوڊو وڪو! تنهنجو ڇا خيال آهي؟

ليوڊو وڪو: سٺو آهي.

گليلو: انگورن جو باغ به منهنجو ڏٺل آهي. اُن جي زمين جي لاهي آپڪپرائين ۽ پٿرائين آهي، اُن جا انگور لڳ، پڳ نيرا آهن. اُن جو شراب مون کي ڏاڍو وڻي ٿو.

ليوڊو وڪو: هائو.

گليلو: اُن ۾ ٿوري ڪا ڪڙاڻ آهي. ۽ آهو لڳ پڳ سٺو آهي، پر اِها لڳ پڳ، ماڻهوءَ کي وسارڻ نه گهرجي. - آئنبري، اِهي شيون هاڻي ڪٽي هڪ پاسي ڪر - برف، برتن ۽ ڏاڇني. - مون کي بدن جا سڪ ۽ خوشيون وڻن ٿيون. مون کي اُنهن ڍڇن خسيس ماڻهن تي خار ايندا آهن، جيڪي اِنهن کي انسان جون ننڍڙيون ڪمزوريون، سڏيندا آهن. آڳ چوان ٿو ته خوشي زندگيءَ جي حاصلات ۽ سڪ اُن جو ثمر آهي.

ننڍڙو راهب: توهين هاڻي ڇا ڏاڪڻ گهرو؟

فدرزوني: اسين وري سچ جي چوڌاري ڏرتيءَ، وارو گوڙ اُڌاري، ڳالهه شروع ڏاڪڻ گهرون.

آئنبري [جهونگاريندي]:

انجيل، منهنجا پيارا، چوي ٿو ته ڏرتي بيٺي آهي
۽ هرڪو علم سان پريل عالم اِها ڳالهه ثابت پيو ڪري:
پوپ سڳورو به اِن کي ڪنڊ ڪان جهليو بيٺو آهي. -
پر ڏرتي، جا آهي، پيارا، سا پوءِ به پيئي ڦري!

[آئنبري، فدرزوني ۽ ننڍڙو راهب ڊوڙي، تجرباتي ميز کي صاف ڪن ٿا.]

آئنڊري: ممڪن آهي تہ اسان کي خبر پوي تہ خود سچ ڪنهن ٻئي جسم جي چوڌاري ڦري ٿو. ڪيئن ٿو ڄاڻين، مارسيلي؟

ليوڊو وڪو: اوهين سڀ ايترا جذباتي ڇو ٿيا آهيو؟

سينورا سارتي: گليلي سائين، وري تہ اِنهي شيطاني ٽيوب سان توهين ساڳي گاله شروع ڪونہ ڏا ڪريو؟

گليلو: هاڻي مون سمجهيو تہ ڇو تنهنجي ماءُ توکي مون ڏانهن موڪليو آهي. باربريني اڇي رهيو آهي. علم جو ذوق هاڻي عام ٿيندو ۽ علمي تحقيق عالمن جي دلي مسرت جو سبب بنبي. ڪاپوئس صحيح آهي: هي سڄ جا داغ مون لاءِ وڏي شيءِ آهن. ڪيئن، هاڻي منهنجو شراب توکي وڻي ٿو، ليوڊو وڪو؟

ليوڊو وڪو: اِهو تہ مون اوهان کي ٻڌايو آهي.

گليلو: توکي سچ پچ اِهو وڻي ٿو؟

ليوڊو وڪو [خشڪ نموني]: وڻي ٿو.

گليلو: ٻلا هيترو ڪري سگهندين، جو ڪنهن جو ڏندو توکي نہ وڻندو هجي، ۽ پوءِ بہ هن جو شراب پي سگهين يا هن جي ڏيءُ سان شادي ڪري سگهين! منهنجي فلڪيات جو منهنجي ڏيءُ سان ڪهڙو واسطو آهي؟ زهره جي ڪلائن ڪري هُن جا چُٽڙ تہ نہ ڏا بدلجن!

سينورا سارتي: ايترا ڪچا لفظ نہ ڳالهايو. آڳ ورجينيا کي وڻي ٿي اچان.

ليوڊو وڪو [هن کي روڪي ٿو]: اسان جهڙن خاندانن ۾ شاديون رڳو جنسياتي خيال کان نہ ڪيون ويندیون آهن.

گليلو: اڻ سالن تائين منهنجي ڏيءُ سان توکي شادي ڪرڻ کان اِنهي ڪري روڪيو ويئا هئا جا، جو ايترو وقت هُنن منهنجي آزمائش ڪي ورتي؟

ليوڊو وڪو: منهنجي زال کي اسان جي ڳوٺ جي ديول ۾ پنهنجي دينداري بہ تہ ڏيکارڻي آهي.

گليلو: تُنهنجو مطلب آهي تہ اوهان جا هاري اوهان کي ايرئي ڏيڻ

کان اڳ اوهان کان اهو شرط ونڊندا ته تنهنجي زال ديول ۾ وڃي ٿي يا نه ؟

ليودو وڪو: ڳالهه ڪجهه اِئين به آهي.

گليلو : ائنڊري ، فلگانزو، اوهين وڃي پتل جو رفليڪٽر ۽ پردو ڪڍي اڇو. اسين سڄ جي تصوير اُن تي جهڙيندا سين. ته جيئن اسان جون اکيون سڄ جي سڌي شعاع جي تيک کان بچي سگهن - اِهو تنهنجو لڏل رستو آهي ، آئنڊري.

[آئنڊري ۽ نڊيڙو راهب رفليڪٽر ۽ پردو ڪڍڻ وڃن ٿا.]

ليودو وڪو: روم ۾ اوهان اُن وقت لکي ڏنو هو ته اوهين وڏيڪ اِنهي سڄ جي چوڌاري ڏرتيءَ واري معاملي ۾ هٿ نه وجهندا.

گليلو : اوهو! اُن وقت! تڏهن اسان وٽ هڪ رجعت پسند پوپ هو.

سينورا سارتي: هو! پر حضور اقدس اڄا مئو ته ڪونهي!

گليلو : لڳ ڀڳ، لڳ ڀڳ. - پردي تي گراف پيپر هٿو. اسين پوريءَ ترتيب ۽ رڳا سان ڪر ڪنداسين. ۽ پوءِ هُنن جي خطن جا جواب ڏينداسين. هائو نه ، ائنڊري ؟

سينورا سارتي: 'لڳ ڀڳ'، 'لڳ ڀڳ'، پنجاهه پيرا هيءُ شخص وري وري برف جا ڳنڍا توري ٿو، پر جڏهن ڪنهن شيءِ لاءِ سندس پيٽ لُوس لُوس ڪري ٿو، تڏهن اکيون پوري آڌا ڳهو ڇڏي!

[پردو لڳايو ويو آهي.]

ليودو وڪو: استاد گليلي ، جيڪڏهن مقدس پوپ مئو به سهي ، ته به نئون پوپ جيڪو سندس جاءِ تي ايندو ، آهو به هِنن ڳالهين ۾ ضرور ملڪ جي اعليٰ خاندانن جي راءِ جو خيال رکندو. علم لاءِ هن جي دل ۾ ڪيترو به ڪٽي احترام هجي ، پر هيي خاندان ، خود سندس ڪيترو احترام ڪن ٿا، اُن جو خيال هو پهرين رکندو.

نڊيڙو راهب : خدا هيءَ طبعي دنيا ٺاهي آهي ، ليودو وڪو؛ خدا ماڻهوءَ جو دماغ ٺاهيو آهي؛ خدا ضرور طبعيات جي علم جي موڪل به ڏيندو.

سينورا سارتي: استاد گليلو، هاڻي **توهان کي** آڳ ڪجهہ چوان ٿي. سون پنهنجي پٽ کي هنن 'تجربن'، 'مفروضن' ۽ 'مشاهدن' ۾ ڦاسي، ڪفر ۾ غرق ٿيندي ڏٺو آهي، ۽ آڳ ڪجهہ نہ ڪري سگهي آهيان. توهين اختياريءَ وارن جي مخالف ٿي بيٺا آهيو، ۽ هنن هڪ پيرو توهان کي چتاءُ ہ ڏنو آهي. ڪيترا وڏا وڏا ڪاردينل توهان کي اهڙيءَ نرمائيءَ سان سمجهائي چڪا آهن، جيئن کو بيهي ڪنهن بيمار جانور سان نرمائي ڪندو آهي. ڪجهہ وقت اُن جو اثر ٿيو، پر ہ مهينا اڳ، 'مقدس خوشخبريءَ' جي عيد سڳوريءَ کان سگهو ئي پوءِ، سون توهان کي وري اِنهن ساڳين 'مشاهدن' ۾ پاڻ کي اڙائيندي ڏسي ورتو - چٽ جي هيٺان ڳجهہ ۾! سون توهان کي ڪجهہ نہ چيو، پر آڳ سڄي ڳالهہ سمجهي ويس. سون ڏوڙي وڃي حضرت يوسف جو ڏيو پاريو هو تہ سَن آهو منهنجي دعا پٽي. جڏهن توهين سون سان پنهنجي سُنهن ڳالهايو ٿا، تڏهن هوش جون ڳالهيون ٿا ڪريو ۽ چئو ٿا تہ توهين پاڻ سمجهو ٿا تہ ڳالهہ خطرناڪ آهي ۽ توهان کيَ پاڻ تي ضابطو رکڻ کپي. پر ہ ڏينهن اِنهن شيطاني اوزارن سان تجربا ٿا ڪريو، تہ آهڙا ئي اڳي وانگر چريا ٿيي ٿا پئو! پر جيڪڏهن مان هڪڙي ملحد سان اِئين پاڻ کي شامل رکي، پنهنجي دائمي نجات کان پاڻ کي محروم ٿي ڪريان تہ اِها سچ پچ ہ تہ منهنجي پنهنجي ڳالهہ آهي، پر توهان کي اِهو هرگز حق ڪونهي، جو پنهنجن اِنهن وڏن ڳرن پيرن سان پنهنجي ڏيءُ جي خوشيءَ کي اِئين لتاڙي ناس ڪري ڇڏيو.

گليلو [تيسي ۾]: دوربيني ڪٽي اڇو.

ليوڊو وڪو: گائسپَ، منهنجو سامان واپس گاڏيءَ ۾ وجهہ.

[نوڪر وڃي ٿو.]

سينورا سارتي: هيءُ صدمو هوءَ سهي ڪانہ سگهندي. توهين پاڻ ڪيس پڌائجو.

[هوءَ جڳ هٽ ۾ ڪنيو، تکي تکي هلي وڃي ٽي.]

ليوڊو وڪو: آءٌ ڏسان ٿو ته توهان پنهنجي ڪم جون تياريون اڳي ئي ڪري ڇڏيون آهن، استاد گليلي، منهنجي ماءُ ۽ آءٌ سال جا نَوَ مهينا بهراڙيءَ ۾ پنهنجين زمينن تي گذاريندا آهيون. اسين اوهان ڪي پڪ ٿا ڏيون ته مشتريءَ جي آڪٽرهن تي اوهان جا لکيل مضمون اسان جي هارين ڄڻين تي ڪو به اثر ڪونہ ٿا ڪن. پنهنجين ٻنين تي هنن ڪي ايڏو ته ڳرو پورهيو ڪرڻو پوي ٿو، جو اهڙين ڳالهين تي ڪين سوچڻ جي نہ سگهہ ٽي رهي نہ سُرت. البت جڏهن هو پڌندا ته ڪليسا جي مقدس عقيدن تي اهڙا واهيات حملا ٿيندا رهن ٿا ۽ اُن تي ڪنهن ڪي ڪا سزا ڪانہ ٽي ملي، تڏهن هو ضرور عجب ۾ پوندا ۽ پريشان ٿيندا. اوهان ڪي هيءَ ڳالهہ ڪڏهن به وساريو نہ گهرجي ته هي ويچارا حيوانن جهڙا ڳوٺ هر ڳالهہ ۾ سُنجهي پون ٿا. هو سچ پچ حيوان ئي آهن. مشڪل اُنهن جي حالت اوهان جي خيال ۾ اچي ٽي سگهي. سمجهو ته هو ڪو افواهہ ٿا پڌن ته ڪنهن پاسي هڪ صوف جي وڻ ۾ ڏاسپاتيون ڄمي پيون آهن، ته هڪدم پنهنجي ٻنين ڪي اُتي ڇڏي، نڪري پوندا چوڌاري اِها ڳالهہ ٻين ڪي ٻڌائڻ، ۽ ٻوءِ وينا ڏينهن جا ڏينهن اُن تي خدا جي شان، ۽ الله جي قدرت، جا ڳڻ ڳائيندا.

گليلو [دلچسپيءَ سان ڳالهہ ٻڌندي]: هان، اِئين ڪندا؟

ليوڊو وڪو: اصل حيوان آهن، حيوان. جڏهن اسان وٽ ڪنهن رواجي ڳالهہ جي شڪايت ڪئي ايندا آهن، ته منهنجي ماءُ مجبور ٽي هُٽن جي اڳيان هڪڙي ڪُتي ڪي جهلائي، ٻيهي لئيون هڻائيندي آهي: اِهو ئي طريقو آهي، جنهن سان هو اِها ڳالهہ سمجهي سگهندا آهن ته تميز، ادب ۽ تهذيب ڪهڙيءَ بلا جا نالا آهن. اوهين، استاد گليلي، ڪڏهن ڪڏهن گهوڙي گاڏيءَ ۾ ويندي، مڪائيءَ جا پڪل ڪيت ڏسندا آهيو: اوهين

بي خيالي ۽ سان اسان جا زيتون ۽ اسان جو پنير ۽ مکڻ ڪائيندا آهيو: سچ پچ تہ اوهان کي اِن جو ڪو اندازو ئي ڪونہ ٿيندو هوندو تہ اِنهن شين جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪيتري تڪليف وٺي ٿي پوي.

گليلو : نوجوان، آءٌ پنهنجا زيتون بي خيالي ۽ سان ڪونہ ڪائيندو آهيان. [ڪاوڙ ۾] تون منهنجو وقت ضايع ٿو ڪرين. [مٿي سڏ ڪري ٿو:] پردو هٽ ڪيئَ ؟

آئندري : هائو. اچو ٿا ؟

گليلو : هنن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ رڳو ڪٽن ڪيَ ئي جهلي، ٽنيون ڪونہ هٽائيندا آهيو! ڪيڏن مارسيلي!

ليوڊو وکو: استاد گليلي، توهان جي ذهن جي تيزيءَ تي واقعي حيرت ٿي وڃي، ۽ خود اوهان جي قياس ۾ ٿئي ٿو!

ننديڙو راهب [ٽپرس ۾ پڄي]: هيءُ توهان کي دڙڪا ٿو ڏئي!

گليلو : هائو. من آءٌ ۾ ڪڏهن هُن جي هارين جي مغز ۾ ڪي بيا خيال پيدا ڪري سگهان. ۽ هُن جي نوڪرن ۽ هن جي چوڪيدارن جي مغز ۾.

فدرزوني: سو وري ڪيڏن ڪري سگهندا ؟ آنهن مان تہ ڪو بہ لاطيني پڙهي ڪونہ ڄاڻي.

گليلو : آءٌ گهٽن لاءِ عوام جي ٻوليءَ ۾ لکي سگهان ٿو، بجاءِ هِن جي، جو ٿورن لاءِ لاطينيءَ ۾ لکان. هِنن نون خيالن لاءِ اسان کي آهي ماڻهو ڪپن، جيڪي پنهنجن هٿن سان پورهيو ڪن ٿا. آنهن کان سواءِ بيا ٿي بہ ڪير ٿا سگهن، جيڪي شين جي اصل معلوم ڪرڻ جي چاهنا رکندا هجن ؟ جيڪي ماني رڳو پنهنجي ميز تي ئي ڏسن ٿا، سي اِهو ڄاڻڻ ڪيئن چاهيندا تہ آءٌ پڇي ڪيئن ٿي: آهو ٽولو تہ آن لاءِ خدا جو ئي ٿورو مڃڻ چاهيندو ـ ۽ نہ نانوائيءَ جو: پر آهي جيڪي ماني پچائين ٿا، سي ئي سمجهندا تہ ڪا بہ شيءِ، جيسين آن کي نڏو چورجي،

گاڏ ڏي چڙي. فلگانزو، تنهنجي پيڻ، جيڪا زيتونن جي گهاٽي تي ويهي ٿي، حيران ڪانڌ ٿيندي، بلڪ شايد ڪيلي ڏيندي، جڏهن ڪيس پڌائبو ته سچ ڪو اسان جو چمڪندڙ زرهه پاڻل چوڪيدار ڪونهي، پر دراصل هو هڪ وڏو چڪرو آهي، جيڪو اسان جي ڏرتيءَ کي چوري ڏو ۽ آڏيءَ ڪري اسان جي ڏرتي چڙي ٿي.

ليوڊو وڪو: اوهين هميشه پنهنجن دلپسند خيالن جي نشي ۾ مست رهندا. ورجينيا کي چوندا ته مون کي معاف ڪري؛ آڳ سمجهان ٿو ته هاڻي بهتر آهي ته ڪيس ڏسڻ ڪان سواءِ هليو وڃان.

گليلو: ڏاجو تو لاءِ اسان وٽ هروقت موجود آهي.

ليوڊو وڪو: الوداع [وڃي ٿو.]

آئنڊري: پلي آئين - سيني مارسيلين کي اسان جا سلام ڏج!

فدرزوني: جيڪي ڏرتيءَ کي حڪم ڪن ٿا ته چڙي نه ۽ بيني رهي، ته جيئن سندن محل سلامت بيٺا رهن ۽ ڍهي پٽ تي نه اچي پون.

آئنڊري: ۽ سينيسيز کي ۽ وليئيز کي.

فدرزوني: سرويليز کي.

آئنڊري: ليچيز کي.

فدرزوني: پيري ليونيز کي.

آئنڊري: جيڪي پوپ جا پير رڳو اٿيءَ ڪري چمڻ لاءِ تيار آهن، ته آنهن سان هو عوام کي لتاڙيندو رهي.

نديڙو راهب [مشاهدي جي سامان وٽ]: نئون پوپ روشني پاڻل هستي هوندو.

گليلو: بهرحال، هاڻي، اسين سچ جي هنن داغن جو مشاهدو شروع ڪريون ٿا، جن ۾ اسان جي دلچسپي آهي - پر هيءُ ڪم پنهنجي ذميداريءَ تي ڪٽون ٿا، نئين پوپ جي گهٽي آسري تي نه.

آئنڊري [وچ ۾ ڳالهائيندي]: ۽ پوري اعتماد سان ته استاد فئبريڪس جا پڌايل تارن جا پاڇولا ۽ پراڳ ۽ پئرس جا مشهور ڪيل

سچ جي پاڻ جا ڪر هٿائي ڇڏيندا سين، ۽ اسين سچ جي محوري ڦيري کي ثابت ڪندا سين.

گليلو : ڪجهه اعتماد سان، آئندڙي! پوري اعتماد سان نه. منهنجي نيت اها نه آهي ته ثابت ڪريان ته جو ڪجهه هُن هيستائين پڙي چيو آهي، سو **هرويرو** صحيح آهي، پر اها آهي ته ڏسون ۽ جانچيون ته آءٌ صحيح به آهيان، يا مرڪوڙي غلط آهيان. آءٌ چوان ٿو ته جيڪو مشاهدو ڪرڻ ٻيهي ٿو، ان کي اکي ئي کا خاص شيءِ ڏسڻ يا لهڻ جي دل ۾ آس رکڻ نه گهرجي. ممڪن آهي ته آهي ڪر هجن، ممڪن آهي ته آهي داغ هجن. پر اِن کان اڳي، جو چئون ته داغ آهن - جيڪا ڳالهه اسان کي پنهنجي خيال کان اڄ ٽيڪ لڳي ٿي - اسان کي اڳوڻو هي به فرض ڪرڻ کپي ته آهي مڇين جا پُڄڙ آهن! هائو، اسين هر ڳالهه تپاسيندا سين - هڪ ٻيرو وري تپاسيندا سين. ۽ اسين هڪ هڪ وک ديو وانگر ڪوهه جي نه پر ماکوڙيءَ وانگر وار وار جي وڻيءَ واري ڪٽندا سين. ۽ جيڪي اسين اڄ ڏيندا سين، ان کي سياڻي پنهنجي ڪاتي مان لاهي ڇڏيندا سين - جو ته متان غلط هجي - ۽ آهو وري پنهنجي رکاوٽ تي فقط تڏهن چاڙهيندا سين، جڏهن آهو اسان کي ٻيهر آئين ڏسڻ ۾ اچي. ۽ اسان جيڪي ڏسڻ چاهيو، آهو ئي جيڪڏهن اسان ڏٺو، ته ان تي اسين پٽو شڪ ڪندا سين. اهڙيءَ طرح اڄ اسين سچ جا مشاهدا شروع ڪريون ٿا، اِنهيءَ مفروضي سان ۽ اِهو ثابت ڪرڻ لاءِ ته ڌرتي **هڪ هنڌ ٻيٺي آهي**. ان ۾ جيڪڏهن ناڪام ٿياسين، پوريءَ طرح ۽ مڪمل نراسائيءَ جي حد تائين - ايتري قدر جو ان ۾ اسان کي جيڪي نقصان پيا، تن جي پورائي ڪرڻ اسان لاءِ بنهه ناممڪن ٿي پوي - تڏهن، ۽ فقط تڏهن، اسين پاڻ کان پڇڻ شروع ڪنداسين ته چا، اسين بهرحال هن ڳالهه ۾ صحيح ته نه هئاسين ته ڌرتي

قُري ٿي! [اڪ ڇيندي،] ۽ ٻوءِ جيڪڏهن سڀ ٻيون ڳالهيون، سواءِ هِن هڪ ڳالهه جي، سڀ ڇڪ هوائي ۽ بي بنياد ثابت ٿين ٿيون، تہ اُن حالت ۾ اسين اُنهن ماڻهن جي ڪنهن بہ اِن قسر جي ڳالهہ ڪي ڪو وڻن ڪوڙ ڏيندا سين، جيڪي مشاهدو تہ ٿا ڪن پر ڳالهائيندا ضرور رهن ٿا. هاڻي دوربينيءَ تان ڪپڙو هٽايو، ۽ ڦيرائي اُن جو منهن سڄ ڏانهن ڪريو.

[هو پٽل وارو رفليڪٽر ڏاهي ٻيهاري ٿو.]

ننڍڙو راهب: مون کي خبر هئي تہ توهان پنهنجو ڪر اڳي ئي شروع ڪري ڇڏيو آهي. مون کي اِها خبر تڏهن پيئي، جڏهن توهان مارسيلي صاحب کي سچائڻ کان انڪار ڪيو.

[چپ چاپ، هو پنهنجا مشاهدا شروع ڪن ٿا. جڏهن سڀ جو ٻرندڙ عڪس پردي تي ڏسجي ٿو، تڏهن ورجينيا، پنهنجي شاديءَ جي جوڙي ۾ ملبوس، ڊوڙندي ٿي اچي.]

ورجينيا: توهان هن کي موڪلائي ڇڏيو، بابا!

[هوءَ بيهوش ٿي وڃي ٿي. انڊري ۽ ننڍڙو راهب ڊوڙي وڃن ٿا.]

گليلو: مون کي سڀ معلوم ڪرڻو آهي.

پوءِ جا ڏهه سال، گليلو جي تعليم ماڻهن ۾ پکڙجي ٿي. پترن وارا، ڪتابڙن وارا، ڪتاڪار ۽ ڳائڻا هرهنڊ نوان خيال ڪنيو هلن ٿا ۽ ورهائيندا وتن ٿا. ۱۶۳۲ع ۾، سالياني ڪارنيوال جي موقعي تي، اڏليءَ جي گهٽن شهرن ۾، فلڪيات جي ڳالهين کي هنرمندن ۽ ڪاريگرن جي عام جلسن ۽ جلوسن ۾ نمائش جو موضوع بنايو ويو.

سال ۱۶۳۲ع ۾ اپريل فُول جي ڏينهن تي،
سائنس جي ڳالهين جو چؤپول هو،
ماڻهن آهي گليليءَ ڪان سکيون هيون:
آهي هو. پنهنجي خوشيءَ سان ڪنيو گهمندا رهيا.

هڪڙي مارڪيٽ ۾

[گشتي بازيگرن جو هڪڙو آڏ بکيو جوڙو، هڪڙي پنجن سالن جي چوکري پانهن کان ورتيون ۽ هڪڙو پالڪ هنج ۾ ڪنيو، مارڪيٽ جي چؤڪ ۾ اچي ٽيو، جتي ماڻهن جو انبوهه، جن مان گهٽن جي مُنهن تي پوش پاتل آهن، ڪارنيوال جي جلوس ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيو ٻيٺو آهي. پنهي بازيگرن کي متن تي هڙون آهن، ۽ هڪڙو دهل ۽ ٻيا ڪيترا قسمين قسمين برتن ساڻ اٿن.]

بازيگرن مان هڪڙو [جيڪو ڪتاڪار آهي، دهل تي ڏُڻڪا هڻندي]:
مانَ وارا شهرواسيؤ، ٻينرون ۽ ٻائرؤ! ڪارنيوال جو جلوس

پڇجي ، آن کان اڳ ، اسين اوهان کي فلارينس مان آندل هڪڙو ٽئون ۽ تازو راڳ ٻڌايون ٿا ، جيڪو سڄي اٽليءَ جي سيري ۾ عام جام پيو ڳائجي ۽ وڄائجي. اسان اِهو راڳ ڏاڍو ڏکيو ۽ ڏاڍو مهانگو آندو آهي. آن کي ڇا ٿا سڏين! [دهل تي ڏوڻکن جي پٽڪار ڪري ٿو.] معزز نگرواسيو ، ڏينرون ۽ ڀائرو! ٻڌو: سرڪاري عالم ۽ استاد گليليو گليليءَ جي خوفناڪ تعليم ۽ سندس **خطرناڪ خيال عرف آئينڊي جو آلڪو،** [هو گائي ٿو]:

جڏهن جوڙڻهار هيڏي وڏي جوڙ جوڙي بس ڪئي ،
تڏهن سڄ ڪي چيائين: 'منهنجي حڪم سان
ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦرندو رهه! تہ ڌرتي روشن رهي' -
جيئن رئيس جي نندڙي نوڪرياڻي بتي ڪٽي هلندي آهي.
چاڪاڻ تہ ڌرتيءَ جي اِها مرضي هئي تہ هر ڪا نندي شيءَ
پاڻان وڏيءَ شيءَ جي چوڌاري اِئين ڦرندي رهي.
پوءِ شين پنهنجي پنهنجي وس آهر ڦرڻ شروع ڪيو -
نندين شين وڏين شين جي چوڌاري ،
جيئن آسمان ۾ آهي ڌرتيءَ تي به آئين ،
۽ پوپ جي چوڌاري ڪارڊينل ڦرن ٿا ،
۽ ڪارڊينلن جي چوڌاري بشپ ڦرن ٿا ،
۽ بشپن جي چوڌاري سيڪٽري ڦرن ٿا ،
۽ سيڪٽرين جي چوڌاري ماجسٽر ڦرن ٿا ،
۽ ماجسٽرن جي چوڌاري ڪاريگر ڦرن ٿا ،
۽ ڪاريگرن جي چوڌاري نوڪر ڦرن ٿا ،
۽ نوڪرن جي چوڌاري ڪتا ، ڪڙ ۽ فقير ڦرن ٿا .
۽ اِها آٿوَ منهنجا عزيزو ، بزرگو ، اُها وڏي ستا ۽ جوڙ -
قادر قدير جي قدرت ، جيئن حضرت علما سڳورا چوندا آهن ،
حاڪمن جي حاڪم جو وڏو قانون بلڪ قانونن جو قانون - پر

پوءِ ڪنهنجا پيارا غريب پائرو، ڇا ٿيو؟ ـ

[هو ڳائي ٿو]:

پوءِ ڊاڪٽر گلبلي آڻي ڪڍو ٿيو
(۽ انجيل کي پري ڪري، دوربيني ڪنيائين،
۽ سرشٽيءَ تي هڪ نگاهه وڌائين.)
'بيهي رهه!' سڄ کي چيائين،
'چاڪاڻ ته هاڻي خلق جو خلقڻهارُ
'پوئتي ڦيرو ڏينڊو ـ
'هاڻي مالڪياڻيءَ کي حڪم ميڙو پوندو
'۽ نوڪرياڻيءَ جي چوڌاري ڦرڻو پوندو.'

اوهين چئو ٿا ته اِها خواري ٿيندي؟ پر نيڪ بندؤ، اِهو چرچو ناهي.

خدمتگار روز آڻيا ٿيندا وڃن ٿا. ـ ڇا اِهو ويل ٿيندو! پر ڪنهن لاءِ ٿيندو؟

سو، هڪ سچي گالهه ٻڌو: حياتي ڪنهن لاءِ بار آهي؟ ۽ هانوَ تي هٿ رکي چئو،

ڪير آهي، جو پنهنجو رئيس، وڏيرو يا مالڪ پاڻ ٿيڻ نه گهرندو؟

پيارا شهرواسيؤ، هيءَ تعليم، هڙيون گالهيون نه ڪنهن ٻڌيون نه سُڻيون!

[هو ڳائي ٿو]:

ننڍڙو نوڪر ڪاهل، ننڍڙي نوڪرياڻي سُنهڙي-زوري!
ڇا، سيني شڪاري ڪتن کي ڪارائي سَهُڙ ڪبو؟ ـ
صبح جي عبادت لاءِ ديول ۾ واڄي وڄائڻ وارا نٽا اڇن،
۽ شاگرد سيکڙات صبح جو ستا ننڊون پيا ڪن!
نه، نه، نه! انجيل سان اَڙڻا چرچا نه ڪريو!
اسان جي ڳڇيءَ ۾ ٽلهي نوڙي ناهي، ته ٽُٽي پوندي. ـ ڇا اِهو ويل ٿيندو!

پر هڪ سچي ڳالهه ٻڌو: حياتي اوهان لاءِ بار آهي. ــ ۽ هانو
تي هٿ رکي چئو،
ڪير آهي، جو پنهنجو رئيس، وڏيرو يا مالڪ پاڻ ٽيڻ نه گهرندو؟
هاڻي، منهنجا پيارا پائرؤ، ڏٺي اوهان کي نيڪي ڏئي، آئيندي تي
هڪ نگاهه وجهي ڏسو، جيئن ڊاڪٽر گليلو گليلي اوهان لاءِ آن
جي اڪٽي ڪري ٿو:
هو ڳائي ٿو]:

به سکر زالون ماريکيت ۾ بينيون آهن
دل من پيون هٽن تہ کهڙي دوکان تي وڃن؛
ماڇياڻي مڇيءَ واري آتي ماني ڪيي ٿي
۽ پنهنجي مڇي پاڻ ويهي کائي ڏي!
رازو ڏاڍي ڏيان سان چريون کوٽي ٿو
۽ پٽين جي اوساري ڪري ٿو
۽ جڏهن گهر جڙي راس ٿئي ٿو،
تڏهن، هو ڏسو، پنهنجو پاڻ آن ۾ ويهي رهي ٿو!

پر اِئين پلا ٿي سگهي ٿو؟ نه، نه، هي کو چرچو نه آهي.
اسان جي ڪچيءَ ۾ ڪلهي نوڙي ناهي، تہ ڏٺي پوندي. ــ چا
اِهو ويل ڏيندو!
پر هڪ سچي ڳالهه ٻڌو: حياتي اوهان تي بار آهي. ــ ۽ هانو
تي هٿ رکي چؤ،
ڪير آهي، جو پنهنجو رئيس، وڏيرو يا مالڪ پاڻ ٽيڻ نه گهرندو؟
هاري زميندار کي ٻيهي ڏڏا ڏو هٽي
۽ ڏاڙو ڪٽي، مٽس چڙهي ٿو وڃي،
۽ هاريءَ جي زال پنهنجن ٻارن کي ڏُهي پياري ٿي
پادرين جي ڪٿوشالائي ڳٽن جو ڪير.
نه نه، نيڪ بندؤ، انجيل سان چرچا نه ڪريو!
اسان جي ڪچيءَ ۾ جي ڪلهي نوڙي ناهي، تہ ڏٺي پوندي. ــ

چا اِهو ويل ڏيندو!
پر هڪ سچي ڳالهه ٻڌو: حياتي اوهان تي بار آهي. ـ ۽ هانو
تي هٿ رکي چؤ،
ڪير آهي، جو پنهنجو رئيس، وڏيرو يا مالڪ پاڻ ڏيئ نه گهرندو؟

ڪٽاڪار جي زال:

آءٌ هاڻي نافرمان ٿي پيئي آهيان،
چو جو پنهنجي رولُ مڙس کي چيو اٿر:
ڪتان جو ڪو بينل تارو
توکان شايد بهتر ٿئي. ـ تون به ته ماڻهو ٿيءُ!

ڪٽاڪارُ:

نه، نه، نه! بند ڪر، گلبلو، هي ٻيڪجهه بند ڪر!
چتي ڪُتي جو منهن کولبو ته ضرور چڪ هڻندو. ـ چا اِهو
ويل نه ڏيندو!
برابر، اِهو سچ آهي: خوشي ۽ ڪيلَ تمام ٿوراَ آهن ۽ فرض
پُڪارين ٿا:
پوءِ ڪير آهي، جو ڪنهن جو رئيس ۽ مالڪ پاڻ ٻنجڻ نه گهرندو؟

ٻيئي:

پر، عزيزو، شهرواسيؤ، ڀائرو!
اوهين سڀيئي جيڪي ڏرتيءَ تي دکي گذاريو ٿا،
آڏو! هڪدم پنهنجون ستل همتون جاڳايو،
۽ لائق ڊاڪٽر گليُولَس کان سکو،
۽ ڏرتيءَ جي سڪ جي الف بي کانئس پڙهو:
فقط اوهان جي فرمانبرداري اوهان کي اِن کان روڪي ٿي.
پر ڪير آهي، جو پنهنجو رئيس ۽ مالڪ پاڻ ٻنجڻ نه
گهرندو؟

ڪٽاڪار: معزز شهرواسيؤ، اچو، اچو، ڏسو گلبلو گُليلِيءَ جي هيءَ
هڪڙي وڏي ڪوجنا، هيءَ هن جو لڏل وڏو ڪرشمو: ڏرتي

ٽي سڄ جي چوڌاري ڦري! ڌرتي ٽي سڄ جي چوڌاري ڦري! -
- اِنهي پادرين ۽ پادرين جي مالڪن ، ڌرتيءَ جي ڏٺين، جي
ننڍ ڦٽائي ڇڏي آهي ...

[دهل جو زور سان دسُ وڄائي ٽو. مائي ۽ سندس چوڪري اڳتي وڌي
اچن ٿيونْ. مائيءَ کي سڄ جي نشان طور هڪڙو لَڪَڙ جي ڪاري جو
ڇٽاڻو نهيل وڏو گولو آهي، جنهن کي چوڌاري ڳاڙهو ڪپڙو ويڪيل
آهي، ۽ هوءَ آن ۾ ويهي رهي ٽي، ۽ چوڪريءَ جي مٿي تي، ڌرتيءَ
جي نشان طور، هڪڙو گول ڪدو رکيل آهي، ۽ هوءَ ڦرندي، مائيءَ
جي چوڌاري چڪر ڏئي ٽي. ايتري ۾ پٺين پاسي کان دهلن جا ٽاهوڙ
وڄندي، ويجهي ايندي ٻڌجن ٿا.]

هڪڙو ٽلهو آواز [زور سان]: جلوس اچي ويو!!

[ٻه ماڻهو قاتل ڪپڙن ۾، هڪڙي ننڍڙي گاڏي ڇڪيندا اچن ٿا. آن ۾
هڪڙو خسيس ۽ ڪيل جهڙو تخت رکيل آهي، جنهن تي 'فلارينس جو
رئيس اعظم' ڏيکاريل آهي ته ويٺو دوربينيءَ مان ڏسي - آن جي مٿي
تي پاڻي مان نهيل ڇت آهي ۽ ٻت تي ڳوٺ جا ڪپڙا پاتل اٽس - ۽
تخت جي مٿان هڪڙو بورڊ ڏسجي ٽو، جنهن تي لکيل آهي: 'اجايون
نقصان جون ڳالهيون ٻيو ڳولي!' آن کان پوءِ چار مُنهن تي پوش پاتل
ماڻهو اچن ٿا، جن جي هٿن ۾ هڪڙي وڏي شاهي ڇتي آهي. هو ٻيهن
ٿا ۽ هڪڙي ڪاربينل جو بوتو هوا ۾ اڇلائين ٿا. وري هڪڙي پاسي،
هڪڙو ٻنهه ننڍڙو جامڙو ڏسجي ٽو، جنهن جي هٿ ۾ بورڊ آهي، جنهن
تي لکيل آهي: 'نئون دور'. انيوهه ۾ هڪڙو 'ننگلو فقير' پنهنجين گهوڙين
تي گهڙي گهڙي، پاڻ کي مٿي ڪري، پٺ تي زور سان لت هڻي،
نچي ٽو، تان جو 'ڏڪ ڪائي' ڪري پوي ٽو. هاڻي هڪڙو ماڻهوءَ جي
قد ڪان گهٽو وڏو 'بوتو' استاد گليلو گليليءَ جو، اچي ٽو، جو عام
پبلڪ اڳيان جهڪي سلام ڪري ٽو ۽ آنهن جو سلام وٺي ٽو. آن جي
اڳيان هڪڙو ٻار هڪڙو تمام وڏو 'انجيل'، جيڪو ڪليل آهي، ڪنيو
اچي ٽو، ۽ آن جا پتيل صفحا ڏسجي ٽو ته ٽلهي وڏي منڊيڙي سان

ڪٽيا ۽ تَرڪيا ٻيا آهن.]

ڪٽاڪار: عزيزو، بزرگو! هيءُ آهي گليلو گليلي - انجيل ڪي پڙهڻ ۽ ٺيڪ ڪرڻ وارو.

[انبوهه مان يڪو وڏو ٽهڪ آڻي ٿو.]

(۱۱)

۱۶۳۳ع ۾ مقدس ڪليسا جي ديني عدالت جڳ مشهور عالم ڪي روم ۾ گهرائي ڏي

اونهايون ساڙين ڏيون، چوڏيون برف آهن،
گهٽين ۾ گوڙ ۽ عدالتن ۾ مات آهي.

فلارينس ۾ ميڊيسي محل جو وراڏو ۽ ڏاڪڻ

[گليلو ۽ سندس ڏيءُ رئيس اعظم سان ملڻ لاءِ ترسيا ٻيٺا آهن.]

ورجينيا: ڪافي دير ٿي آهي.

گليلو: هائو.

ورجينيا: آهو ساڳيو ماڻهو وري آيو آهي - جيڪو هيستائين اسان جو پيڇو ڪندو پئي آيو.

[هوءَ هڪڙي ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جيڪو ڏانهن نهارڻ کان سواءِ پري کان لنگهي وڃي ٿو.]

گليلو [جنهن جي نظر خراب ٿي چڪي آهي]: اڳ انهي ڪي ڪونہ سڃاڻان.

ورجينيا: پر آڳ هن ڪي گذريل ڪجهہ ڏينهن کان ڏسندي پيئي اچان. مون ڪي تہ هن کان ڊپ ٿو ٿئي.

گليلو: اڃائي ڳالهہ. اسين فلارينس ۾ آهيون؛ ڪارسيڪا جي رهڻن جي وچ ۾ تہ نہ آهيون.

ورجينيا: اِجهو ريڪٽر ڳڻون پيو اچي.

گليلو: انهي ماڻهوءَ کان وري آڳ ٿو ڊڄان. احمق مون ڪي پورو ڪلاڪ ڳالهين ۾ بيهاري ڇڏيندو.

[ڏاڪڻ لهندي، يونيورسٽيءَ جو ريڪٽر، گڻون، اچي ٿو. هن جي جڏهن گليلو تي اک پوي ٿي تہ هيسجي وڃي ٿو، ۽ منهن ٻئي پاسي ڪري،

هِن ٻنهي جي پاسي کان ، کنهن سلام ڪلام کان سواءِ لنگهي وڃي ٿو.]

گليلو : هن کي چا ٿي ويو؟ منهنجون اکيون اڄ وري ٻيون سور ڪن. هِن انسان کي ڪيڪاريو يا ڪيڪاريو ٻه ڪونہ؟

ورجينيا : ڏيان ٻه ڪونہ ڏنائين - ڪيڪر تہ پري ٿي. - توهان جي ڪتاب ۾ چا آهي ، بابا! اِئين تہ نہ آهي تہ هي آن کي ملحدانو سمجهن ٿا!

گليلو : تون ديوٽين ۾ ڏاڍو گهٽو ٿي وڃين ، ورجينيا. هر زوز ايترو سوير اٿڻ ۽ صبح جي عبادت ۾ شامل ٿيڻ - ايتري اوجاگي ۽ فڪر تنهنجي مُنهن جو رنگ ئي بدلائي چڏيو آهي. توکي منهنجي ڏاڍي ڳڻتي آهي. تون مون لاءِ دعائون گهرندي آهين ، هائو نہ؟

ورجينيا : اِهو ڪاريگر ، واني ، ٻيو اچي ، لوهه وارو ، جنهن لاءِ توهان لوهه رجائڻ جو وڏو ڪوٺارو ناهيو هو. هُن انسان ڏانهن پڪي موڪليا هئا. اچي تہ هن جا ٽورا ميڙ نہ وساريجو.

[هڪڙو ماڻهو ڏاڪڻ تان لهندو آچي ٿو.]

واني : استاد گليلي ، مون توهان ڏانهن پڪي موڪليا هئا. ڪجهہ وٽيا؟

گليلو : پڪي ڏاڍا مزيدار هئا ، ماسٽر واني! تنهنجي وڏي مهرباني.

واني : مٿي هُنن توهان جي ٻاري ۾ پُٽي ڳالهايو. هي ڪتابڙا ، جيڪي انجيل جي خلاف تازو ڇپيا آهن ۽ هرهنڌ ٻيا وڪجن ، آنهن لاءِ هو توهان کي ذميدار سمجهن ٿا.

گليلو : مون کي ڪتابڙن جي ڪا به خبر ڪانهي. انجيل ۽ هومر ، تہ آڳ بيحد چاهه سان پڙهندو آهيان.

واني : نہ به پڙهندا هجو ، تہ به آڳ توهان کي خاطري ڏيڻ ٿو گهران تہ اسين ڪاريگر ۽ هٿ پورهيت ماڻهو توهان جي پاسي آهيون. آڳ اهڙو ڪو ڏاهو ماڻهو ناهيان جنهن کي تارن جي هلچل جي ڪا گهٽي خبر هجي ، پر منهنجي نظر ۾ توهين آهي انسان آهيو ، جيڪي نين شين جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي آزاديءَ لاءِ وڙهو ٿا. هو جرمنيءَ جو نهيل ٻڌيندڙ هڙ ئي ڪٽي وڌو ، جنهن

جي سڄي ڳالهه توهان مون کي کالهه ويهي سمجهائي هئي. رڳو گذريل سال هر ئي لنڊن ۾ پوڪ پابت پنج ڪتاب نڪري چڪا آهن. اسان کي هتي فقط هڪڙو ڪتاب هالنڊ جي اُبپاشيءَ جي طريقي جهڙو نهي ملي، تہ به شڪر ڪريون. اِهي ساڳيا ماڻهو جيڪي توهان جي راهه ۾ پيا رنڊڪون وجهن، سي رڳو بولانا جي ڊاڪٽرن کي مردا ويڙ نٽا ڏين تہ هو ڪا انساني فائدي لاءِ طبي تحقيق ڪري سگهن.

گليلو : تنهنجي راءِ ۾ وڏو وزن آهي، ڪاريگر واني.

واني : شل اِئين هجي! توهان کي خبر آهي تہ آمستردام ۾ ۽ لنڊن ۾ پيسن جا ڏوکان آهن؟ ۽ واپار جا به اسڪول آهن؟ ۽ اخبارون باقاعدي نڪرن ٿيون، جن ۾ تازيون خبرون ڇپجن ٿيون. هِتي تہ اسان کي پيسي ڪمائڻ جي به آزادي ڪانهي. هو لوهي ڪارخانن جي برخلاف آهن، ڇاڪاڻ جو چون ٿا تہ اُنهن ۾ گهٽا مزور هڪ هنڌ گڏ ٿيندا ۽ اُن ڪري بداخلاقي ۽ گوڙ وڌندو! اسان جو تہ سچ پچ توهان جهڙن ماڻهن سان ئي گذارو ٿي سگهي ٿو، استاد سائين. جيڪڏهن هو توهان جي خلاف ڪنهن به قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪن تہ مهرباني ڪري ياد رکندا تہ سڄيءَ واپاري ۽ سڄيءَ هنري دنيا ۾ توهان جا دوست ۽ ساٿي ويٺا آهن. توهان جي حمايت ۾ بالائي اٽليءَ جا سمورا شهر اُٿي بيهندا، استاد گليلي.

گليلو : منهنجي جاڻ ۾، کو به مون کي نقصان رسائڻ جي نيت ڪانه ٿو رکي.

واني : تہ ٿو رکي؟

گليلو : نہ ٿو رکي.

واني : منهنجي راءِ آهي تہ توهين وينس ۾ سگيا رهندا. اُتي ايترا خطرناڪ ڪارا جبا ڪونهن. اُتان توهين پنهنجي جنگ جاري رکي سگهندا. مون وٽ گاڏي ۽ گهوڙا تيار بيٺا آهن، استاد

گليلي! رڳو توهين فيصلو ڪريو.

گليلو : آءٌ پاڻ کي پناهگير بنائڻ نٿو گهران. مون کي پنهنجي گهر جو سک عزيز آهي.

واني : برابر. پر جو ڪجهه مون هٿتي مٽي ڇڏو آهي، اُن مان سمجهان ٿو ته توهان کي وڌيڪ دير ڪرڻ نه گهرجي. هينن جي ڳالهين مان مون اِهو سمجهيو ته هو وڌيڪ اوهان جو فلارينس ۾ رهڻ پسند نٿا ڪن.

گليلو : اچائي ڳالهه. رئيس اعظم منهنجو شاگرد آهي. تنهن کان سواءِ خود پوپ به هنن کي ڪنهن اهڙيءَ حرڪت جي اجازت نه ڏيندو، جنهن سان هو مون کي قاسائڻ چاهيندا هجن.

واني : آءٌ ڏسان ٿو ته توهين پنهنجا دوست ۽ دشمن پورا سچاڻي ڪٿا سگهو، استاد گليلي.

گليلو : آءٌ زور وارن ۽ بي زورن جو فرق چاڻان ٿو.

[هو تکو تکو هليو وڃي ٿو.]

واني : چڱو، سائين! شل توهان جو بخت سٽائو هجي!

[وڃي ٿو:]

گليلو : [ورجينيا وٽ موٽي اچي ٿو]: جيڪو ٿو آڻي، سو ٿو مون کي پنهنجن مسئلن حل ڪرڻ لاءِ پڳ پڌائي، اڳيان ڪري ـ ۽ سو به خاص ڪري آتي جتي منهنجي جوکر جي ڳالهه آهي. مون سرشتيءَ جي قاعدن بابت هڪڙو ڪتاب لکيو آهي. بس. اُن کي ڪو ڪيئن ٿو سمجهي ۽ ڪو ڪيئن ٿو ڪر آڻي، اُن ۾ منهنجو ڪهڙو واسطو؟

ورجينيا [ڏاڍيان]: ماڻهن کي رڳو اِها خبر پوي ته گذريل ڪارنيوال ۾ هرهنڌ جيڪي ٿيو، اُن جي توهين کيتري نه نندا ڪري چڪا آهيو!

گليلو : هائو. هيءَ به اِها ڳالهه آهي ته رچ کي ماکي چٽايو. ۽ پوءِ هو، جي بکيو آهي ته اوهان جي ٻانهن ئي پٽي ويندو.

ورجينيا [آهستي]: رئيس اعظم توهان کي اڄ پاڻ هٿي گهرايو هو، يا ...؟

گليلو: نہ، آءٌ پاڻ آيو آهيان. پر هو ڪتاب ونڻ چاهي ٿو. اُن جا پيسا بہ ڏنا اٿس. ٿُون هُن عملدار کي چؤ، ۽ شڪايت ڪرينس، تہ هِنن ايترو ڇو اسان کي ترسائي ڇڏيو آهي.

ورجينيا [عملدار سان گالهائڻ لاءِ وڏي وڃي ٿي. آهو ساڳيو پيڇو ڪندڙ ماڻهو سندس پٺيان وڃي ٿو]: مِسيئُو صاحب، اعليٰ حضرت کي اطلاع آهي تہ منهنجو پيءُ ساڻن گالهائڻ گهري ٿو؟

عملدار: مون کي ڪهڙي خبر؟

ورجينيا: اِهو ڪو جواب ڪونهي.

عملدار: تہ ڇوءِ؟

ورجينيا: اوهان جو فرض آهي تہ فضيلت سان گالهايو.

[عملدار اڏ پُٹي ورائي، پيڇي ڪندڙ ماڻهوءَ ڏانهن ڏسندي، آهستي ڏئي ٿو.]

ورجينيا [موٽي اچي ٿي]: هو چوي ٿو تہ رئيس اعظم اڃا ڪم ۾ آهي.

گليلو: مون پڌو تہ تو هن سان ڪجهہ 'فضيلت' جي گالهہ ڪئي. اِهو ڇا هو؟

ورجينيا: مون هن جي فضيلت ڏرئي جواب لاءِ سندس شڪريو ٿي ادا ڪيو. بس اِها گالهہ هئي. بابا، توهين ڪتاب هٿي ڇڏي ڏيو ته هلي سگهو؟ توهين پنهنجو وقت ٿا رکو هٿي وڃايو.

گليلو: آءٌ پاڻ ڪان هاڻي سوال پڇي رهيو آهيان تہ منهنجي وقت جو آخر ملهہ بہ ڪهڙو آهي. ڇو نہ ساگريدو جي دعوت قبول ڪري، ٿورن هفتن لاءِ پيدوئا هليو وڃان! منهنجي صحت بہ ٺيڪ ڪانهي.

ورجينيا: توهين پنهنجن ڪتابن ڪان سواءِ وهي ڪين سگهندا.

گليلو: آءٌ مسليءَ جي شراب جا بہ چار ڏُنگ بہ پاڻ سان گاڏيءَ ۾ ڪٹي ويندس.

ورجينيا: توهين هميشہ اِئين چوندا آهيو تہ توهان جي صحت سفر جي تڪليف سهي ڪين سگهندي. هونئن درٻار کي توهين تن مهينن جو پگهار بہ لهٹو ٿا. آهو هو توهان ڏانهن آتي ٿورو ئي موڪلينداا!

گليلو : اِئين برابر آهي.
[ڪارڊينل محتسب ڏاڪڻ تان لهندو هيٺ اچي ٿو.]
ورجينيا : ڪارڊينل محتسب!
[لنگهندي، هو گليلو جي اڳيان نمندو، سلام ڪندو وڃي ٿو.]
ورجينيا : بابا، ڪارڊينل محتسب هيتي فلارينس ۾ چا ٿو ڪري ؟
گليلو : مون کي خبر ناهي. اهڙي ته بي زُخميءَ جي روش به ڪانه ڏيکاريائين. جڏهن آءٌ فلارينس ۾ آيو هوس، ۽ هيترا سال خاموش رهيو آهيان، سو اول ئي مون چاتو ٿي ته آءٌ چا ڪري رهيو آهيان. هُنن مون کي ايتري اوچي پَد تي وڪي، هيترو سڄو وقت پئي ساراهيو آهي، جو هاڻي هو مجبور آهن ته آءٌ جيئن آهيان تيئن مون کي قبول ڪن ۽ برداشت ڪن.
عملدار [پڪاري ٿو] : اعليٰ حضرت، رئيس اعظم!
[قاسمو ڊي ميڊيسي ڏاڪڻ تان لهندي، اچي ٿو. گليلو وڏي وٽس وڃي ٿو. قاسمو هُن کي ڏسي، بيهي رهي ٿو، ۽ ڪجهه ڪيڪو وکو ٿئي ٿو.]
گليلو : آءٌ اعليٰ حضرت کي ٻن وڏن فلڪياتي نظامن متعلق پنهنجا مضمون ڏيکارڻ چاهيان ٿو.
قاسمو : ها ها، ها ها! توهان جون اکيون ڪيئن آهن ؟
گليلو : پوريون ٺيڪ نه آهن، اعليٰ حضرت. جيڪڏهن اعليٰ حضرت اجازت ڏين ته آءٌ پنهنجو ڪتاب ...
قاسمو : توهان جي اکين جي حالت ڏسي، مون کي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي. سچ پچ مون کي ڏک ٿو ٿئي. اِن مان پانڌجي ٿو ته توهين پنهنجي آن بهترين دوربينيءَ مان ڪجهه حد ڪان وڌيڪ ڏسڻ ۾ لڳا رهو ٿا. هائو نه ؟
[هو، گليلو کان ڪتاب وٺڻ کان سواءِ، اڳتي وڏي وڃي ٿو.]
گليلو : هُن منهنجو ڪتاب نه ورتو، هان ؟
ورجينيا : بابا، مون کي خوف ٿو ٿئي.
گليلو [پريل ۽ آڏول آواز سان] : من کي پنهنجي وس رکڻ ڏج ڏ.

هتان هاڻي گهر کوڻ هلنداسين ، پر کاريگر وولپي ، شيشه گر ، وٽ ويندا سين . هن سان منهنجو بندوبست ٽيل آهي ته سندس دروازي سان لڳولڳ ساقي‌خاني جي اڳڻ ۾ ، شراب جي خالي ٽنڪن سان ڀريل هڪڙي گاڏي سدائين تيار هوندي ، جنهن ۾ پاڻ چڙهي ، شهر ڇڏي هليا ٿا هلون !

ورجينيا : توهان کي خبر هئي .

گليلو : هيڏانهن هوڏانهن نه نهار .

[هو ٽکري وڃڻ چاهين ٿا .]

هڪڙو اعليٰ عملدار [ڏاڪڻ تان لهندو اچي ٿو] : استاد گليلي ، آءٌ پنهنجو فرض ٿو سمجهان ته اوهان کي اطلاع ڏيان ته فلاريئس جي دربار مقدس ديني عدالت جي گهٽر کي وڏيڪ هتائي نٿي سگهي . اوهان کي هاڻي آن مقدس کورٽ جي اڳيان پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ لاءِ روم وڃڻو پوندو . مقدس عدالت جي گاڏي اوهان کي اوڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ باهر تيار بيٺي آهي ، استاد گليلي .

پوپ

پوپ جي محل ۾ هڪ ڪمرو

[پوپ ، اربن الئون ، اڳوڻو ڪارڊينل باربرينيءَ ، ڪارڊينل محتسب سان گالهائي رهيو آهي ، ۽ ساڳئي وقت سندس مقدس رتبي جي خاص پوشاڪ پڻ ڪيس ڏيکائجي رهي آهي . باهران گهٽن ماٺهن جي پيرن جا آواز پيا ٻڌجن .]

پوپ [تمام ڏاڍيان]: نه! نه! نه!

محتسب: يا حضرت ، هتي سيني علمن جا ڊاڪٽر ، سيني مقدس فرقن جا اڳواڻ ۽ سموريءَ پادري برادريءَ جا عيوضي ، خدا جي ڪلام ۾ ، جيئن آهو مقدس ڪتابن ۾ آيل آهي ، پنهنجي پاڪ ۽ صاف ٻلڪ پاراٿين دلين جهڙي معصوم ايمان سان ، اچي گڏ ٿيا آهن ، رڳو اِنهيءَ لاءِ ته توهان سڳورن جي پاڪ زبان سان هو پنهنجي ايمان جي تصديق ٻڌن . چا ، حضرت جن آنهن کي اِئين چئي موڪائي چڏيندا ته اڄ کان پوءِ مقدس ڪتاب سچا نٿا سمجهي سگهجن ؟

پوپ : آءٌ رياضيءَ جي حسابن ۽ جدولن کي ناس ڪري چڏڻ جي اجازت نه ڏيندس . نه! هرگز نه!

محتسب: اِهو ته هو منڪر ۽ ملحد پاڻ چون ٿا ته سندن دلين ۾ ڪو شڪ ۽ انڪار ڪونهي ، پر رڳو اِهي رياضي حساب ۽ جدولون آهن ، سي آهن! پر دراصل ، مقدس حضرتا ، سوال اِنهن حسابن ۽ جدولن جو ناهي . اڄ دنيا ۾ هڪ خوفناڪ بي آرامي پکڙيل آهي ، ۽ اِها سندن دلين جي بي آرامي ئي آهي ، جيڪا هي بدبخت هن خاموش ، اڏول ڏرتيءَ تي مڙهڻ

گهرن ٿا. هو وات قاڙي چون ڏا ته، 'انگ اکر اسان کي مجبور ڏا کن،' پر اِهي انگ اکر ڪٿان ٿا اچن؟ اِهي انگ اکر اچن ٿا شڪ مان، شڪ پريل ذهن مان - جيئن هرڪو چاڻي ٿو. اِهي ماڻهو هر ڳالهه ۾ شڪ ڪن ٿا. ڇا اسين انساني معاشرو شڪ جي بنياد تي اڏڻ گهرون ٿا، ۽ هاڻي اُن لاءِ ايمان جا بنياد اسان کي نه گهرجن؟ 'تون منهنجو آقا آهين، پر مون کي شڪ آهي ته اِها ڳالهه ٺيڪ به آهي يا نه!' 'اِهو هُن جو گهر آهي ۽ هوءَ هُن جي ڄال آهي، پر آءٌ نڏو ڇڻي سڳهان ته اِهي ڇو منهنجا نه آهن!' ساڳئي وقت، فن لاءِ توهان سڳورن جو جيڪو اعليٰ ذوق آهي، جنهن جي طفيل، اسين شڪرگذار آهيون، جو هيترا حسين ذخيرا ۽ تاريخي نوادرات اسان وٽ گڏ ٿي سگهيا آهن، اُن تي اِهي ماڻهو ننڍوليون ڪن ٿا، ۽ اُن جي خلاف روءِ جي پٽين تي هيٺن گستاخن توهان سڳورن جي بي حرمتيءَ جون ڳالهيون لکي ڇڏيون آهن - مثلاً: 'جيڪي شيرن ملعون وحشين جي لٽ ڪان روءِ ۾ بچي ويون، سي هاڻي مقدس وحشي پيا ميڙين!' ۽ باهَرَ جي ڪهڙي حالت آهي؟ خداوند قدوس جي رضا تي راضي رهڻ جي هيءَ ڳالهه آهي، پر توهان سڳورن کي پاڻ خبر آهي ته سڄي مقدس ڪليسا جي دنيا اڄ وڏين مشڪلاتن ۾ گهيريل آهي. اسين ۾ توهان سڳورن جي اختيار ڪيل پاليسي ماڻهن کي سمجهه ۾ نٿي اچي، جو اُنهن ۾ اُها اونهي نظر ڪانهي، ۽ هو اُتان جي شهنشاهه ۽ اسان جي تعلقات جي خاتمي کي ستو نٿا سمجهن. گذريل پندرهن سالن ڪان جرمنيءَ جو ملڪ هڪ پورو قتلگاهه بنيل آهي، جتي ماڻهو چپن سان انجيل جون آيتون پڙهندا هڪٻئي کي ڪاسائين وانگر ڪُهي رهيا آهن. ۽ هاڻي، جڏهن پليگ، جنگ ۽ ديني بغاوت جنهن کي هو 'اصلاح' سڏين ٿا، مسيحيت کي باقي آڻي ڪن خاص ايراضين

۾ محدود ڪيو آهي، ٽڏهن اِهو آفواهه اڏيو آهي، ۽ سڄي يورپ ۾ پکڙجي ويو آهي، ته توهان سڳورن سڳيدن ۾ باغي ليوٿر جي پوئلڳ جماعت سان ٽاهه ڪيو آهي ته جيئن آڏان جو ڪٽڻ شهنشاهه ڪمزور ٿئي. ۽ هيڏانهن هي رياضي‌دان ڪيڙا پنهنجون دوربينيون ڪنيو آسمان ڏانهن آڇيون ڪيو ٻيٺا آهن، ۽ دنيا کي وڏي وات پيا ٻڌائين ته هتي به - يعني فلڪياتي علم جي هڪڙي ميدان ۾ به جتي توهان سڳورن سان همسريءَ جي اڃا ڪنهن به دعوا ڪانه ڪئي هئي - توهين سڳورا بي خبر آهيو، غلط آهيو. هونئن ته سيڪو ئي سوچي سگهي ٿو ته هن هڪڙي گمنام علم ۾ اڄ ايتري اوچتي دلچسپي آخر ڇو پيدا ٿي پيئي آهي! آخر ماڻهوءَ ويچاري جو اِن ۾ ڇا ٿو وڃي ته آسمان جو هي چرخو ڪيئن ٿو ڦري! پر افسوس، جو سڄيءَ انليءَ ۾ اڄ ڪو به هڪڙو ماڻهو اهڙو ڪونهي - ويندي گهوڙن جي سَيسن تائين - جيڪو هن فلارينس جي هڪڙي بي ايمان ۽ بداعمال شخص جي ڳالهه تي لڳي، زهره جي ڪلائن بابت ٻاندرن وانگر چرچر ۽ ڪرين وانگر ڙڙر نه ٿو ڪري. پر اِتي ئي هي گستاخ، زبان دراز، بس ڪن ته به چڳو: اِنهن مان ڪو هڪڙو به اهڙو ڪونهي، جو اڳتي وڌي، آنهن غيب جي ڳالهين ۽ قدرت جي عميق اسرارن بابت نئون سوچي، جن کي سيني علم جي اعليٰ ماهرن ۽ خداوند-قدوس جي ڏٽيل سڳورن شخصن ۽ مقدس هستين اڳي ئي انساني علم جي دائري کان مٿي ۽ هن ويچاري محدود عقل جي مسڪين ماڻهوءَ جي ڄاڻ کان ٻاهر ثابت ڪري ڇڏيو آهي. آخر ڳالهه ڪٿي وڃي ڏنگ ڪندي، جيڪڏهن هي ماڻهو، جيڪي پنهنجي نفس پليت جي آڏو ايترا هيٺا آهن، ۽ هر ڳالهه ۾ حد کان ڏکري وڃن لاءِ تيار ٻيٺا آهن، سي رڳو پنهنجي عقل تي ياڙي بيهن ۽ آن کي ئي سچ جي آخري ۽ واحد ڪسوٽي سڏجهي ويهن؟ ۽ هاڻي ته هو انجيل مقدس جي قول

ٿي شڪ ڪن ٿا تہ سچ ، هلندي هلندي ، گپيان پهاڙ ٿي ، خداوند قدوس جي چوڻ تي ڪو ٻيهي رهيو هو! اُن ڪان پوءِ هو مردود پنهنجا ذليل شڪ سڄي انجيل سڳوري تي وڪندا. چاڪاڻ تہ هو سمنڊ تي جهاز هلائيندا ٿا رهن - ۽ اُن تي مون کي ڪو اعتراض ڪونهي - هو پنهنجو سچو ايمان خدا جي ٻدران پتل جي ٿهيل هڪڙي ڪين جهڙي گولي تي رکن ٿا ، جنهن کي اسطرلاب ٿا چون! اِهو گليلو جڏهن جوان هو تڏهن ٻہ مشينين بابت پيو لکندو هو. اِهي ماڻهو مشينين وسيلي معجزا ڪرڻ چاهين ٿا. معجزا ٻہ کهڙي قسر جا؟ هنن کي بهرحال خدا جي تہ گهرج آهي ڪانہ ، تنهنڪري سندن معجزا ٻہ تہ اهڙا هوندا. مثال طور ، چون ٿا تہ آتال ۽ پاتال باقي نہ رهندا - يعني مٽينءَ دنيا ۽ هيٺينءَ دنيا ۾ هو فرق ئي تسليم نٿا ڪن. هُنن کي اُنهن جي گهرج ئي ڪانهي! ارسطو ، جيڪو هُنن جي نگاهہ ۾ هوئڻ هر طرح مري چڪو آهي ، تنهن چيو آهي - ۽ اِها ڳالهہ هُن جي هي ماڻهو هر موقعي تي ٻڌائيندا رهندا آهن - تہ جڏهن کوريءَ جو نڙو ازخود ڪپڙو اڻندو ۽ سُرَندو ازخود وڃندو ، تڏهن شاهہ ڪاريگرن کي شاگردن جي ۽ وڏي ڳالهہ تہ حاڪمن کي نوڪرن جي ضرورت ڪانہ رهندي ، ۽ هي سمجهن ٿا تہ ايستائين هاڻي هي پهچي ٻہ چڪا آهن. هيءُ ظالم شخص جڏهن پنهنجا فلڪياتي حساب ۽ ڪتاب لاطيني ٻوليءَ ۾ نہ پر ميڇي مارندڙن ۽ ريڍن چاريندڙن جي ٻوليءَ ۾ لکي ٿو ، تڏهن خوب جاڻي ٿو تہ هو ڇا ڪري رهيو آهي.

پوپ : اِها هُن جي بدذوقي آهي: آڃ هُن کي اِها ڳالهہ چوندس.

محتسب: اهڙن ماڻهن کي هو نٿهو چوري ، آپو ڏو ڪري. ڪاريگرن ۽ واپارين کي وري فائدن ۽ سهوليتن جون رشوتون ٿو آڇي. هوڏانهن بالائي اٽليءَ جي سامونڊي بندرگاهن جا ماڻهو جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پنهنجن جهازن لاءِ گليلو جي فلڪياتي چارٽن

جي خريد ڪرڻ تي زور رکن ٿا. اُنهن کي ته بهرحال چارٽن ڏيڻ کان انڪار ۾ ڪري ڪين سگهبو. چاڪاڻ ته اِن ۾ سيني جي مالي مفادن جي ڳالهه آهي.

پوپ : پر اِهي فلڪياتي چارٽ هُن جي آن ملحدانه تعليم جي ئي ڳالهين تي ٻڌل آهن. جيڪڏهن هُن جي تعليم جون آهي ڳالهيون اسين رد ڪنداسين ته تارن جي آڌار تي اسان لاءِ ممڪن نه رهندي، جنهن تي اِهي چارٽ ايترو مفيد ڪم ڏين ٿا. هن جي تعليم کي رد ڪجي ۽ هن جا فلڪياتي چارٽ قبول ڪجن، اِئين ڪيئن ڪري سگهبو!

محتسب : ڇو نه؟ پيو اسان وٽ رستو ئي ڪهڙو آهي؟

پوپ : اِهي پيرن جا آواز مون کي ڏاڍو پريشان ڪن ٿا. معاف ڪجو، آءٌ ته رڳو اِهي آواز پيو ٻڌان.

محتسب : يا حضرت، اِهي شايد توهان کي ڪافي ڪجهه ٻڌائين ٿا، ۽ آهو توهان کي آءٌ نٿو ٻڌائي سگهان. چل، اِهي سڀ ماڻهو هتان دل ۾ شڪ ڪٽي هليا وڃن!

پوپ : پر نيٺ ۾ ته هيءُ ماڻهو هِن دور جو وڏي ۾ وڏو طبعياتي عالم آهي، سڄيءَ الليءَ جو فخر آهي - ڪو جهڙو تهڙو بي دماغو ماڻهو ته ڪونهي. هِن جا ۽ دوست ۽ ساٿي آهن. هوڏانهن ورسائيلس جو جمهوري راج آهي. هوڏانهن وائٽا جي شاهي دربار آهي. اِهي سيئي مقدس ڪليسا جي ڌاري ۾ ڇا سوچيندا ۽ ڇا چوندا؟ - رڳي سڙيل، مدي خارج خود خيالن جي ڪنڈا! آءٌ ڏٺو چوان ته هِن ماڻهوءَ کي هٽ نه لايو!

محتسب : عملي صورت ۾ ڳالهه هٽ ۾ ڪٽبي ته هِن جي حالت ۾ اسان کي گهٽو پري وڃڻو ئي ڪونه پوندو. هو هڪ دنيائي ماڻهو آهي. ڦوري ئي زور تي جهڪي پوندو.

پوپ : مون کي خبر آهي ته جيتريون دنيا جون خوشيون هو ڇاڻي ڏي، اوتريون پيو کو ڪونه ڏو ڇاڻي. هو سوچيندو ئي دنيائي

خوشيءَ ۽ فائدي جي خيال کان آهي. پرائي شراب ۽ ڪنهن سني خيال کان انڪار ته هُن سکيو ئي ڪونهي. ۽ آءٌ جسماني حقيقتن جي ترديد ۽ تذليل نڏو گهران؛ نه مون کي اهڙا ڪي بي سود جنگي نعرا ئي گهرجن، جيئن: 'هيڏانهن ڪليسا، هوڏانهن عقل!' وغيره. مون هُن کي ڪتاب شايع ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي، اِنهيءَ شرط سان ته آن جي پچاڑيءَ ۾، نتيجي طور، هو اِئين چوي ته حق جي آخري ضمانت سائنس وٽ نه پر مذهب وٽ آهي. ۽ هُن اِئين ڪيو آهي.

محتسب: پر ڪيئن؟ هُن جي ڪتاب ۾ هڪڙو احمق ماڻهو، جيڪو ظاهر ظهور ارسطوءَ جي خيالن جي ترجماني ڪري ٿو، هڪڙي هوشمند ماڻهوءَ سان گفتگو ڪري ٿو، جيڪو ظاهر ظهور گليلو جا خيال پيش ڪري ٿو؛ ۽ پوءِ، يا حضرت، نتيجي طور، ايمان جي تصديق وارو اِهو توهان جو فرمايل گفتو ڪير ٿو چوي؟

پوپ: اِها گاله وري ڪهڙي ٿي؟ بهرحال ڪير ٿو اسان جي پاران اِهي لفظ چوي؟

محتسب: هوشمند ماڻهو نه.

پوپ: اِها واقعي هڪ زيادتي آهي. - هي وراڻڻ ۾ پيرڻ جو دَنڀڪو منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي. سڄي دنيا هيڏانهن ليٽي پيئي آهي چا؟

محتسب: سڄي دنيا نه، پر آن جو بهترين حصو.

[ٿوري مان. پوپ هاڻي پنهنجي سڄي مقدس پاڪر ڏڪي چڪو آهي.]

پوپ: گهٽي ۾ گهٽي گاله جيڪا ڪري سگهجي ٿي، سا هيءَ ته هن کي آذيت رسانيءَ جا اوزار ڏيکاريا وڃن.

محتسب: اِها گاله ڪافي ٿيندي، يا حضرت. استاد گليلو اوزارن کي سچاڻ جو ماهر آهي.

(۱۳)

۲۲ جون، ۱۶۳۳ع تي، گليلو گليلي، مقدس ديني عدالت جي اڳيان، ڌرتيءَ جي چرپر بابت پنهنجيءَ گالهه کان ڦري ٿو وڃي

تاريخ ۲۲ جُون، سال سورنهن سؤ ٽيٽيهه
ـ توهان لاءِ ۽ مون لاءِ هڪ تمام وڏي تاريخ.
اِهو ٿي سگهي ٿو ته مون مان هڪ ڏينهن هو،
جڏهن عقل جو دور شروع ٿي سگهيو ٿي.

روم ۾ فلارينس جي سفير جي محل ۾

[گليلو جا شاگرد خبرن جي اوسيڙي ۾ ويٺا آهن. نئيڙو راهب ۽ فدرزوني شطرنج جي راند، وڏن دائن سان، نئين نموني، کيڏي رهيا آهن. کنڊ ۾ ورجينيا، گوڏن پر ٻيهي، دعا گهري رهي آهي.]

نئيڙو راهب: پوپ هن کي پاڻ وٽ ڪونه سڏيو. وڏيڪ علمي گفتگو ڪانه ٿي.

فدرزوني: هُن جو آخري پروسو آن تي هو. ڪيئي سال اڳ، جڏهن هو اڃا ڪارڊينل باربريني هو، تڏهن هن جيڪي روم ۾ چيو هو، سو برابر ٺيڪ نڪتو: 'تون اسان کي گهرجين'، هاڻي هو برابر هُنن وٽ آهي.

آئنڊري: هو ڏاهي ناس ڪري چڏيندس. هاڻي هُن جو ڪتاب 'سباڻا' ڪڏهن پورو ڪونه ٿيندو.

فدرزوني [ڏنل نگاهن سان ڏانهس ڏسي ٿو]: تون اِئين ٿو سمجهين؟

آئنڊري: چاڪاڻ ته هو پنهنجيءَ گالهه تان ڪڏهن ڪين ڦرندو.

[ٹوري ماڻ.]

نديڙو راهب: ماڻهو جڏهن راتين جو اڪيون ڦٽيو ستا پيا هوندا آهن، تڏهن هنن کي عجيب غريب خيال ايندا آهن. مثال طور، ڪالهه رات، آءٌ سوچيندو رهيس ته هُن کي وينس جهڙو جمهوري راج اصل ڇڏڻ نه گهربو هو.

آئندري: اُتي ته هو ڪو ڪتاب لکي نٿي سگهيو.

فدرزوني: ۽ هتي فلارينس ۾ وري هو ڪو ڪتاب شايع نٿو ڪري سگهي.

[ٹوري ماڻ.]

[نديڙو راهب: سون اِهو پڻ عجب ٻڌي ڪاڏو ته هو وٽس رڳو آهو نديڙو پٽر ۾ رهڻ ڇڏيندا يا نه، جيڪو هو سدائين آخري داءَ طور پاڻ ساڻ کڻندو آهي.

فدرزوني: جيڏانهن هو ڪيس وٺي پيا وڃن، اوڏانهن هر ڪنهن کي خالي هٿين وڃڻو آهي.

آئندري [دانهن ڪندي]: ايتري هُنن کي همت ئي ڪانه ٿيندي. پر جيڪڏهن هو اِئين ڪن ۾، ته ۾ هو پنهنجيءَ ڳالهه تان ڪڏهن ڪونه ڦرندو. آهو جنهن کي سچ معلوم ناهي فقط هڪ احمق آهي، پر آهو جيڪو سچ ڄاڻي ٿو ۽ اُن کي ڪوڙ ٿو سڏي سو هڪ خطرناڪ رهزن آهي.

فدرزوني: آءٌ پاڻ نٿو سمجهان ته هو ڪو ڦرندو؛ ۽ جيڪڏهن اِئين ڪيائين، ته آءٌ ته شايد جيءِ نه سگهان؛ پر زور نيٺ ۾ هُنن جي پاسي آهي.

آئندري: هر ڪا شيءِ زور سان ته نٿي هلائي سگهجي.

فدرزوني: شايد نٿي هلائي سگهجي.

نديڙو راهب [آهستي]: هو ٽيو ڏينهن جيل ۾ رهيو آهي. ڪالهه سندس سخت آڏي پڇا هئي. ۽ اڄ ۾ آها هلڻي آهي. [ڏاڏيان، چاڪاڻ ته آئندري پڌڻ جي ڪري رهيو آهي:] مقدس ڪليسا جي اڳئين فيصلي کان ۾ ڏينهن پوءِ آءٌ ڪيس هيٺي ملیو هوس، ۽ اسين هُن

جاءِ تي وينا هئاسين ، تڏهن هُن اشارو ڪري ، ٻاهر باغ ۾ ، وڻ جي پرسان ، ڪوهه وٽ ، سورج گهڙيءَ لڳ ، پرئاپوس جو ننڍڙو بت مون کي ڏيکاريو هو - او هُو ، اوهين هاڻي به هتان ڏسي سگهو ٿا - ۽ پوءِ هن پنهنجي ڪر ڪي هوريس جي شعر سان پيٽيو هو ، جنهن ۾ ڪو به لفظ ڦري يا هيٺ مٿي ٿي نٿي سگهيو. هُن پنهنجي حسن جي شعور جي ڳالهه ڪئي هئي ، جنهن کان مجبور ٿي ، هو سچ جي ڳولا ۾ مصروف رهيو ٿي. ۽ پوءِ هُن هڪڙو اصول بيان ڪيو هو: 'سچ ۽ سونهن ڳولي ، سچ ۽ سونهن سڃاڻو ، سچ ۽ سونهن بچايو!' ۽ هو آن اصول تي اٽل هو.

آئنبري [نئڍڙي راهب کي]: تو هِن کي اِهو ٻڌايو آهي ته آن ٻيري مقدس روم جي ڪاليج ۾ جڏهن هو سندس دوربينيءَ کي تپاسي رهيا هئا ، تڏهن ڪيئن نه هو بيپرواهه ۽ اڏول بنيو بيٺو هو - ڪُڪُڙين تي ٻيئي هٿ رکيو ۽ پيٽ ڪيو ، هنن کي ائين ڏسي رهيو هو ، جڙ جٽ هئا ، ۽ چا پئي چيائين هنن کي ؟ - 'پنهنجي عقل کي استعمال ڪريو ، عالم حضرات ، پنهنجي عقل کي استعمال ڪريو!' [گليلو جي نقل ڪندي ، کلي ٿو.]

[ٿوري مات.]

آئنبري [وڃڻيا بابت ڳالهائيندي]: هوءَ پيئي دعا گهري ته شل هو قِري وڃي!

فبرزوني: هِن کي چڏي ڏي. جڏهن کان هُنن هِن کان پڇا ڪئي آهي ، تڏهن کان هيءَ جڙ اڌ چري ٿي پيئي آهي. هُنن هِن جي مرشد سڳوري کي فلارينس سان گهرائي ورتو آهي.

[فلارينس ۾ رئيس اعظم جي محل وارو ساڳيو آهو شڪي ماٺهو اندر اچي ٿو.]

شڪي ماٺهو: استاد گليلو اجهو ٿو هتي پهچي. هُن لاءِ شايد بستري جي ضرورت پوي.

فبرزوني: هو چُٽو آهي چا ؟

شڪي ساڻهو: اِئين سمجهيو وڃي ٿو ته مقدس ديني عدالت جي پنجين بجي واريءَ نشست ۾ استاد گليلو پنهنجي تعليم جي تردید جو اعلان ڪندو. اُن مهل سينٽ مارڪ جي وڏيءَ ديول جو گهنڊ وڄندو، ۽ سندس تردیدنامو سرعام پڙهي ٻڌايو ويندو.

آئنڊري: آءٌ نٿو اِها ڳالهه مڃان.

شڪي ساڻهو: گهٽين ۾ انبوهه ساڻهن جا ڪنا ڏي ويندا: اِنهيءَ ڪري استاد گليلو ڪي محل جي پٺئين دروازي ڪان باغ منجهان آڻي، هتي وٺي اچبو.

[نڪري وڃي ٿو.]

آئنڊري [اوچتو رڙ ڪندي]: چنڊ هڪ ڏرتي آهي ۽ اُن ۾ پنهنجي روشني ڪانهي. نه وري زهره ڪي پنهنجي روشني آهي؛ آهو تارو به ڏرتيءَ وانگر سج جي چوڌاري ڦري ٿو. ۽ مشتري جيڪو بيئل تارن جي علائقي ۾ آهي ۽ ڪنهن به آسماني گنبذ ۾ جڙيل نه آهي، اُن جي چوڌاري چار چنڊ ڦرن ٿا. ۽ سج ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ پنهنجيءَ جڳهه تي اڏول آهي ۽ چُريءَ پُري ڪونه ٿو، ۽ ڏرتي مرڪز ناهي ۽ اڏول ناهي. ۽ اِهو سيڪجهه هُن اسان ڪي ڏيکاريو ۽ سمجهايو آهي.

نئيڙو راهب: ۽ جو اڳي ئي ڏڪل آهي، اُن کي زور سان ته آڻ ڏڻو ڪري نٿو سگهجي.

[ٿوريءَ ماڻ.]

فدرزوني [ٻاهر باغ ۾ سورج گهڙيءَ ڏانهن ڏسي ٿو]: پنج وڳا آهن.

[ورجينيا ڏاڍيان دعائون گهري ٿي.]

آئنڊري: آءٌ وڏيڪ نٿو سهي سگهان. گهوڙا، هو سچ ڪي ماري رهيا آهن!

[هو پنهنجن ڪنن ڪي بند ڪري ٿو. نئيڙو راهب به آئين ڪري ٿو. پر گهنڊ نٿو وڄي. ٿوريءَ ماڻ ڪان پوءِ، جڏهن ورجينيا جي دعائن جي ڀڻ ڀڻ بڌجي ٿي، فدرزوني ڪنڌ سان نهڪار ڪري ٿو. ٻيا ڪنن

تان هٹ لاهي هيٺ ڪن ٿا.]

فدرزوني [گهٽيل آواز ۾]: ڪجهه به ڪونهي. پنج لکي ٿي منٽ ٿي ويا آهن.

آئندري: هو سُنهن ڏيئي رهيو آهي.

نندڙو راهب: ڳالهه تان نٽو هتي.

فدرزوني: نه! واهه واهه! اسين ڪهڙا نه پاڳ وارا آهيون! [هو هڪٻئي کي پاڪر پائين ٿا. هو ڏاڍا خوش آهن.]

آئندري: ڏِنُوَ! زورُ ڪجهه نه ڪري سگهيو. زور ناڪام ٿيو. اِنهيءَ ڪري، اڄ بي‌سمجهيءَ جو قلعو فتح ٿيو: اُهو آڇيت ناهي. اِنهيءَ ڪري، اڄ ماڻهوءَ کي موت جو ڊپُ ماري نه سگهيو.

فدرزوني: هاڻي، سچ پچ، سائنس جو دور شروع ٿيو. هيءَ ڏي اَن جي جنم جي گهڙي آهي. ۽ سوچيو ته سهي، جيڪڏهن هو ڦري وڃي ها ته!

نندڙو راهب: سون اِئين ڪونہ چيو هو. پر آڳ ڊپ ۾ وڃي ويو هوس. افسوس ... منهنجو ايمان ڪيڏو نه هيٺو آهي!

آئندري: پر سون کي ته خبر هئي!

فدرزوني: اِهو ائين ٿئي ها جڏ سج اپريو پر اپرڻ سان وري رات ٿي ويئي.

آئندري: ڇڏ جبل چوي: 'آڳ جبل نہ، پر سمنڊ آهيان'،

نندڙو راهب [گوڏي پر ڪِري، دانهن ڪندي]: او خدا! تنهنجا لک احسان!

آئندري: پر اڄ ته هر ڪا شيءِ بدلجي ويئي! ماڻهوءَ، ايذايل ماڻهوءَ، پنهنجو ڪنڊ متي ڪنيو آهي، ۽ چوي ٿو: 'آڳ جي سگهان ٿو'، ايڏو فائدو ٿئي ٿو، ايترو فرق پوي ٿو، جڏهن رڳو هڪڙو ماڻهو، ڪوڙ جي اڳيان، آڻي بيهي ٿو، ۽ چاتيءَ ڪيي چوي ٿو: 'نہ، تون سچ ناهين، تون ڪوڙ آهين!'

[عين هِن گهڙيءَ سينٽ مارڪ جي ديول جو گهنڊ وڄي ٿو. سيئي بت بنجي وڃن ٿا.]

ورجينيا [آڻي بيهي ٿي]: سينٽ مارڪ جو گهنڊ! هو دوزخي نه ٿيو! هو

دوزخي نہ ٿيو!

[پاهران ، گهٽيءَ مان ، پڙهي واري جو آواز ٻڌجي ٿو ، جيڪو گليلو جي ترديد جو اعلان پڙهي ٿو.]

پڙهي واري جو آواز: "آءٌ ، فلارينس يونيورسٽيءَ جو گليلو گليلي ، علم رياضي ۽ طبعيات جو استاد ، رد ٿو کريان ، جو ڪجهہ مون سيکاريو آهي ، يعني هيءُ تہ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز ناهي ۽ هڪ هنڌ ٻيئل ناهي ، پر سج مرڪز آهي ۽ هڪ هنڌ ٻيئل آهي. آءٌ سچيءَ دل ۽ سچي ايمان سان اِهي سيئي ڪوڙ ۽ سيئي ڪفر جون ڳالهيون رد ٿو کريان ، آنهن کي نفرت ٿو کريان ۽ آنهن تي لعنت ٿو وجهان ، ۽ پڻ اهڙن ٻين سيني ڪوڙن ۽ ڪفر جي ڳالهين ۽ راين کي جهنم ۾ ٿو وجهان ، جيکي مقدس ڪليسا جي مقدس شريعت جي ابتڙ آهن."

[استيج تي اوندهہ ٿي وڃي ٿي.]

[وري جڏهن روشني اچي ٿي ، تہ گهنڊ جا ٽڪاءَ اڃا ٻڌجي رهيا آهن ، ۽ پوءِ آهي بند ٿي وڃن ٿا.]

[ورجينيا هلي ويل آهي. گليلو جا شاگرد اڃا آتي ٻيٺا آهن.]

فبرزوني: ۽ هُن ڪنهن کي آن جي پورهئي جو پورو اجورو نہ ڏنو. هُن وٽ نہ ڪڏهن ڪو ڪپڙن جو نئون وڳو وٺي سگهيو ، ۽ نہ پنهنجو ڪو ڪتاب ئي ڇپائي سگهيو. هر ڪنهن پٽي پاٽون کاڌيون. ڇو؟ چي ، "سائنس لاءِ ٿا جيئون!"

آئندري [ڏاڏيان]: بدنصيب آ آهو ملڪ ، جنهن ۾ ڪو سورمو ڪونهي! [گليلو اندر اچي ٿو ـ ڪيس هن کي بنهہ ڏاهي وڌو آهي: هو سچاڻپ کان ٻاهر ٿو لڳي. هن ائندريءَ جو پويون جملو ٻڌي ورتو آهي. هڪ گهڙيءَ لاءِ هو در تي ڪنهن لاءِ هيڪي بيهي ٿو تہ من ڪو ڪيس ڪيڪاري ۽ گڏجي. جڏهن ڪو بہ ڪيس نٿو گڏجي ـ چاڪاڻ تہ سندس سڀ شاگرد ڪائنس هتي پري ٿي وڃن ٿا ـ تڏهن هو هليو وڃي ٿو ، آهستي آهستي ، ٽيڙ ڪائيندو ـ چاڪاڻ تہ هن جي نظر جهڪي ٿي ويل

آهي. هو ليٽ سامهون هڪ استول ڏسي ٿو، ۽ اُن تي ويهي رهي ٿو.]

آئنبري: آءٌ تہ هِن کي ڏسي بہ نٿو سگهان. هِن کي هتان نڪري وڃڻ گهرجي.

فبرزوني: ڏيرج ڪر.

آئنبري [گليلو ۾ اکيون ڪُپائيندي، چيڪات ڪري ٿو]: شراب جي ڪَلي! گانگٽ ڪائُو! پنهنجي ڪونئري ڪَل بچائي آئين؟

[خار کائيندي، هو ويهي رهي ٿو.] منهنجي تہ دل ٿي ڪچي ٿئي.

گليلو [سُڪون سان]: هِن کي پاڻيءَ جو گلاس ڏيو.

[ننڍڙو راهب باهر وڃي ٿو ۽ آئنبريءَ لاءِ پاڻيءَ جو گلاس آڻي ٿو. پيا گليلو ڏانهن ڪو ڏيان ڪونہ ٿا ڏين. هو استول تي ويٺو سيڪجهہ پڌي رهيو آهي. پري پري کان پَڙهي واري جو آواز اچي رهيو آهي.]

آئنبري: آءٌ پاڻيهي هلي سگهان ٿو. رڳو ٿورو ضون کي سهارو ڏيو.

[هو در تائين هن کي سهارو ڏين ٿا. اِتي گليلو گِالهائڻ شروع ڪري ٿو.]

گليلو: نہ. بدنصيب آ آهو ملڪ، جنهن کي سورمن جي گهرج رهي ٿي.

[پردي تي لکيل مضمون، جو پڙهي سگهجي ٿو]:

خاطريءَ سان نٿو چئي سگهجي تہ جيڪڏهن ڪو گهوڙو ٻن يا ٽن پُرهن تان ڪِري، تہ اُن جون ٽنگون ڀڃي پونديون يا نہ، پر ڪُتي کي تہ پڪ ئي پڪ ڪجهہ نہ ٿيندو؛ ٻليءَ کي تہ پنجن ستن پُرهن تان ڪرندي بہ ڪجهہ نہ ٿيندو؛ ۽ جيڪڏهن ڪو مڪڙ ڪنهن مُناري تان يا ڪا ڪيولي چنڊ تان ڪري پوندي، تہ اُنهن کي بہ تہ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. ۽ جيئن اِهي ننڍا ننڍا جانور وڏن وڏن جانورن کان نسبتاً وڌيڪ ڏاڍا ۽ ٻرجا آهن، اهڙيءَ طرح ننڍا ننڍا ٻوٽا بہ وڏن وڏن ٻوٽن جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ سولائيءَ سان جِيءِ سگهن ٿا؛ هڪڙو بڙ جو وڻ سؤ ڏيڍ سؤ پُرهہ اوچو، پنهنجون نسبتاً اوڌيون ڊگهيون شاخون جهلي ئي نہ سگهندو، جيڏيون اُن کان ڪو ننڍو وڻ اُن نسبت سان پنهنجون ننڍيون شاخون جهلي سگهندو. اِنهيءَ

ڪري قُدرت ڪڏهن بہ هڪ گهوڙو ويهن گهوڙن جيتري قد جو، يا ڪو ديوَ جهڙو ماڻهو عام ماڻهوءَ کان ڏهوڻي قد جو ٿئي ٿاهي ۽ هلائي سگهي، سواءِ هِن جي، جو اُن حالت ۾ اُنهن جا عضوا ۽ خاص طرح، اُنهن جا هڏا اصلوڪيءَ نسبت کان تمام گهٽا ڏاڍا ۽ مضبوط ڪيا وڃن. - اِنهيءَ ڪري، اِهو عام ويچار تہ وڏيون ۽ نئيون مشينيون، پنهنجي نئين وڏائيءَ جي نسبت سان، هڪجهڙيون بااثر ۽ ڪمائتيون آهن، ظاهر ظهور هڪ غلط ويچار آهي.

- گاڏلو، "علمي مباحثا."

(۱۴)

۱۶۳۳ـ۱۶۴۲ع ۾ گليلو گليلي، فلارينس جي پرسان، پهراڙيءَ جي هڪڙي گهر ۾، مرڻ گهڙيءَ تائين مقدس ديني عدالت جو قيدي ٿي رهي ٿو. سندس ڪتاب: 'مباحثا'.

سال سورهن سؤ ٽيٽيهين کان وٺي
سال سورهن سؤ پائيتاليهين تائين،
گليلو گليلي پنهنجي مرڻ جي ڏينهن تائين،
مقدس ڪليسا جو قيدي ٿي گذاري ٿو.

هڪ وڏي ڪوٺي، جتي ميز، چمڙي جي ڪرسي ۽ ڏرتيءَ جو گولو رکيل آهي

[گليلو گليلي هاڻي پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ اکين کان به اڌوگاهرو ويهي ويو آهي ـ هن کي کاٽ جي گولي سان هڪ کاٽ جي سڙيل ريل تي ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان، تجربن ڪرڻ ۾ رڌل ڏسجي ٿو. ٻيءَ، سامهين واريءَ، کوڙيءَ ۾ هڪڙو راهب هن جي مٿان چوڪسيءَ تي وينو آهي. در تي ٽڪ ٽڪ ٿئي ٿي. راهب در کولي ٿو، ۽ هڪڙو هاري به ڪنڌ آڙيون ڪنيو اندر اچي ٿو. ورجينيا رڌڻي مان ٻاهر نڪري اچي ٿي. هوءَ هاڻي اٽڪل چاليهن ورهين جي آهي.]

هاري : مون کي هي ڏيڻ لاءِ موڪليو اٿن.

ورجينيا : هي ڪنهن ڏنيون آهن؟ مون ته ڪين گهرايون آهن.

هاري : هڪڙو ڪو هتان اچي لانگهائو ٿيو، سو هي توهان لاءِ ڏيئي ويو ـ نالو پڇيومانس ته نه ٻتايائين. [وڃي ٿو.]

[ورجينيا عجب ۾ آڻين ڏانهن ڏسي ٿي. راهب کانئس وڃي، شڪي نگاهه سان آهي جانچي ڏسي ٿو. پوءِ، خاطري ڪري، هو سوڌائي آهي هن کي ڏئي ٿو، ۽ هوءَ آهي ڪچين کان وڃيو، لڙکائيندي، گليلو وٽ وڃڻ ڪوٺيءَ ۾ وڃي ٿي.]

ورجينيا: ڪنهن پلي ماڻهوءَ، هتان لنگهندي، هيءَ سوڪڙي اسان ڏانهن موڪلي آهي.

گليلو: ڇا آهي؟

ورجينيا: ڏسي نٿا سگهو؟

گليلو: نه. [وڏي اڳتي وڃي ٿو.] آڻيون. موڪلينڈ جو نالو آنهن تي لکيل آهي؟

ورجينيا: نه.

گليلو [هڪڙي آڻي هن جي هٿ ۾ مان وڃي ٿو]: ڳري آهي. ٿورو ذرو اِن جو آءٌ هينئر ئي ڪٽي ڪائيندس.

ورجينيا: توهان کي ايتري جلد ته بک کاڻ لڳي هوندي؛ ايڏا هينئر ملڻي ڪائي ويڻا آهيو. پر توهان جي اکين کي ڇا ٿي ويو آهي؟ توهين هي ته پري کان، پنهنجي ميز وٽان به، ڏسي سگهو ٿا.

گليلو: تون پاڇولي ۾ ٻيڻي هيڻءَ نه.

ورجينيا: آءٌ پاڇولي ۾ کاڻ ٻيڻي آهيان.

[هوءَ آڻيون ڪٽي ٻاهر وڃي ٿي.]

گليلو: اِنهن کي مکڻ ۾ صوفن ۽ ڦوڏڻي سان رڌج.

ورجينيا [راهب کي]: اسان کي اکين جو ڊاڪٽر آڻائڻ گهرجي. بابا هي آڻيون پنهنجي ميز وٽان ڏسي نه سگهيو!

راهب: پهريائين مون کي پشپ ڪارپولا کان موڪل وٺڻي پوندي. پر وري هُن پاڻ لکڻ شروع ڪيو آهي ڇا؟

ورجينيا: نه. هو پنهنجو ڪتاب مون کي لکائيندو آهي؛ تو کي اِها خبر ٻه آهي. تو وٽ ۱۳۱-هون ۽ ۱۳۲-هون صفحا آهن، آخري

صفحا اِهي هٿا جيڪي لکايا اٿس.

راهب: پر وري به ـ لومڙ پوڙهو ته به اڪلي!

ورجينيا: پر هو قانونن جي خلاف ته ڪجهه ڪونه ٿو ڪري. هُن جو پڇتاءُ بلڪل سچو آهي. آڳ پاڻ به هُن تي نظر رکندي آهيان. [هوءَ آڏيون راهب کي ڏئي ٿي.] رڌئي ۽ هنن کي چئو ته هنن جا جيرا صوف ۽ بصر ۽ ترين. [هوءَ موڪي، وڏيءَ ڪوٺيءَ ۽ وڃي ٿي.] ۽ هاڻي اسان کي اِنهن اکين جو ڪجهه بِلو ڪرٽو پوندو. اِنهي گولي کي رکو، ۽ وڏي پشپ لاءِ پنهنجي هفتيوار خط جون به ٽي پيون ستون لکايوم.

گليلو: آڳ اڄ سچ پچ ٺيڪ ناهيان. ڪجهه 'هوريس' جي شعر مان موڻ کي پڙهي ٻڌاءِ.

ورجينيا: پشپ ڪارپولا جا اسان تي هونئن گهٽا ٽورا آهن ـ اڄا ڪالهه به ڪيتريون پاڇيون موڪليون اٿس. اڳئين هفتي چيائين پئي ته ڪارڊينل ڪانئس هر هر پڇي ٿو ته آن جا قول ۽ سوال، جيڪي سندس هٿان هو توهان ڏانهن موڪلينڈو آهي، سي توهان کي ڪيتري قدر وٺن ٿا. [هوءَ نوٽبڪ جهلي، لکڻ لاءِ تيار ٿي ويهي ٿي.]

گليلو: آڳ ڪيستائين آيو هوس؟

ورجينيا: پڙاڳراف چوٿين: 'جيتري قدر وينس جي اسلح خاني ۾ بدامنيءَ متعلق مقدس ڪليسا جي روش جو سوال آهي، ته ڪارڊينل اِسپوليٽيءِ رسن ۽ نوڙين وڏيندڙ باغي مزورن جي سلسلي ۾ جيڪو موقف ورتو آهي، آڳ آن سان بلڪل متفق آهيان ...'

گليلو: هائو. [لکائي ٿو.] ... ڪارڊينل اسپوليٽيءِ رسن ۽ نوڙين وڏيندڙ باغي مزورن جي سلسلي ۾ جيڪو موقف ورتو آهي، آڳ آن سان بلڪل متفق آهيان، يعني هيءُ ته اِها ڳالهه بهتر آهي ته مسيحي برادرانه محبت طور منجهائڻ هر هڪ کي روزانو اڻي لپ ۽ ڪيرڊڪ مفت ڏنو وڃي، بجاءِ اِن جي جو هنن کي

سنڌن رسن ۾ نوڑين وڃڻ جو مُلهه وڌائي ڏجي، جيئن هو گستاخ ٿي، گهُر ڪن ٿا. اِنهيءَ خالص رحمدليءَ جي موقف مان وڏو فائدو هيءُ ٻہ ٿيندو تہ هنن جي نفس ۾ لالچ جي عادت زور نہ وٺندي، بلڪ اُن جي بجاءِ هنن جو پنهنجي مقدس دين ۾ ايمان وڌندو ۽ پختو ٿيندو ۽ هُنن جي آخرت سوچاري ٿيندي. حضرت پال، شال سندس تقدس هميشہ قائم رهي، فرمايو آهي تہ 'خداوند قدوس جي نالي ۾ خيرات ڏيندڙ ۽ وٺندڙ پنهي کي وڌائي ٿو.' - اِهو ڪيئن ٿو لڳي؟

ورجينيا: اِهو بهترين مضمون ٿيندو، بابا!

گليلو: تون نٿي سمجهين تہ اِن ۾ ڪا طنز ڏسي سگهن ٿا.

ورجينيا: نہ، حضرت ڪارڊينل هيءُ پڙهي، ڏاڍو خوش ٿيندو. هو ڏاڍو هڪ ڏاهو ماڻهو آهي.

گليلو: مون کي تنهنجي فيصلي تي ڀروسو آهي. ٻي ڪهڙي گاله آهي؟

ورجينيا: ٻيو هڪڙو سهڻو 'قول' آهي تہ 'جڏهن آءٌ ڪمزور آهيان، تڏهن ئي آءٌ طاقتمند آهيان.'

گليلو: اِن تي مون کي ڪجهه چوڻو ڪونهي.

ورجينيا: پر چو نہ؟

گليلو: ٻي ڪهڙي گاله آهي؟

ورجينيا: '۽ يسوع مسيح جو پيار سڃاڻڻ، جيڪو سڃاڻڻ کان مٿي آهي.' اِنجيل شريف جي آيت سگوري ۳-۱۹.

گليلو: آءٌ انجيل شريف جي اِن آيت سگوريءَ لاءِ خاص طرح، توهان عظيم بزرگن جو شڪرگذار آهيان، يا حضرت! هِن آيت سگوريءَ جي پڙهڻ کان پوءِ هِن توهان جي دعا گو بندي کي وري مقدس انجيل جي هڪ تفسير ڪبير جو هڪڙو اهڙو ئي الهامي فقرو ياد آيو، جو ڪجهه هن ريت آهي [ياد گيريءَ مان چوي ٿو]: 'اهو جنهن سان خداوند قدوس پاڻ پنهنجي لافاني ڪلام وسيلي مخاطب آهي، سو گهڻن شڪن شبهن ۽ سوالن جي بار

کان چٹل رهي ٿو، يا حضرت، مون کي معاف فرمائيندا، جيڪڏهن هن موقعي تي کجهه پنهنجي متعلق عرض ڪريان. اجا تائين مون کي معتوب سمجهيو وڃي ٿو. تہ مون هڪ پيري فلڪياتي جسمن بابت پنهنجو هڪڙو ڪتاب عام بازار جي بوليءَ ۾ لکيو هو. توهان بزرگن کان مون کي گهالهه لکائڻي ڪانهي، تہ آن ۾ منهنجي هرگز اِها نيت نہ هئي ۽ نہ ئي ڪا مرضي هئي تہ دينيات جهڙن اعليٰ، الهامي ۽ اهر موضوعن تي ڪتاب لکجن تہ آهي بہ ڪورين ۽ سوچين جي بوليءَ ۾ لکيا وڃن. ڪليسائي عبادت لاطيني بوليءَ ۾ ادا ٿئي ٿي. آن جي بچاءَ ۾ عام طرح هيءُ دليل ڏنو وڃي ٿو تہ هيءَ بولي هرهنڌ استعمال ۾ آهي ۽ آن وسيلي مقدس انجيل جي تلاوت سوين کي يورپ ۾ توڙي يورپ کان ٻاهر جتي ڪٿي ما ڳهيءَ هڪڙيءَ صورت ۽ هڪڙي انداز ۾ پڌڻ جو شرف نصيب ٿئي ٿو. پر منهنجي نظر ۾ اِهو دليل بہ ڪافي نہ آهي؛ ڇو تہ ڪر از ڪر جيڪي منڪر آهن ـ ۽ منڪرن جو تہ ڪٿي بہ ڪال ڪونهي ـ آهي وري اِن تي توڪون ڪن ٿا تہ "پوءِ تہ مقدس انجيل جي مضمون کي ڪو سمجهي ئي ڪونہ سگهندو." اِنهيءَ ڪري دينيات جي عظيم موضوعن لاءِ لاطيني بوليءَ جي استعمال جو دراصل سبب ئي اِهو آهي تہ دين اطهر جا اهڙا ڪي عميق ۽ گوڙها مسئلا اِئين ڪهن هلڪيءَ بوليءَ ۾ بيان نہ ڪي وڃن، جو هرڪو ٽيٽي ٽوپٽي آنهن مان پنهنجون پنهنجون نديون نديون ۽ ظاهري پاراٽيون معنائون پيو ڪيي، ۽ آنهن جي اصلي ۽ حقيقي مطلب جا اصلهه موتي، جيڪي اِن عظيم تعليم جي بي انت بحر جي پاتال ۾ لڪا پيا آهن، آهي ڪنهن کي هٿ ئي نہ اچي سگهن. ۽ هوڏانهن وري جڏهن مقدس ڪليسا جا پادري سڳورا، جيڪي بہ آنهن ئي ما ڳين عام ماڻهن جو اولاد آهن، انجيل شريف جون اِهي آيتون، لاطيني بوليءَ ۾، پنهنجي پنهنجي

مڪاني لهجي ۽ ڏنڪ سان، سومنن ۽ متقين جي جماعتن اڳيان آڻي بيهي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پڙهن ٿا، تڏهن هڪ ته هِن خدائي ڪلام جي ٻوليءَ جي مقدس عظمت سبب ۽ ٻيو خاص طرح آڻها آنهن جي سمجهڻ ڪان مٿي هڻڻ ڪري، هنن جو بنيادي عقيدو ۽ ايمان پنهنجي اصلي ۽ خالص صورت ۾ قائم رهي ٿو ۽ وڏيڪ پختو ٿئي ٿو ـ ۽ ائين مقدس ڪليسا جي غلبي ۽ فتحيابيءَ جو ڏوڻڪو، آسمانن ڪان علاوه، هِن اسان جي ڏرتيءَ تي پوري زور سان ۽ وڏي آب تاب سان وڄي ٿو، جيڪا سڄيءَ ڪائنات جو پورو پورو مرڪز آهي. ـ نہ نہ، اهو ڪاڻي ڇڏ.

ورجينيا: اهو سپ ڪاڻي ڇڏيان؟

گليلو: ڪورين ۽ موچين - جي پولين ۾ لکيا وڃن، ڪان ٻوءِ سڄو ڪاڻي ڇڏ.

[در تي ٽڪو ٿئي ٿو. ورجينيا سامهينءَ ڪوڻيءَ ۾ وڃي ٿي. راهب در کولي ٿو. در تي آئنڊري سارتي آهي. هُن جو هينئر عمر جي وچين دور ۾ ٻير آهي.]

آئنڊري: شام مبارڪ. آءٌ سائنس جي وڏيڪ تحقيق جي سلسلي ۾ هالنڊ وڃي رهيو آهيان، ۽ ترت ئي اٽلي ڇڏڻ وارو آهيان، مون ڪي هالنڊ مان چوائي موڪليو اٿن ته ايندي ايندي هِن سان ملندو اچان، ته جيئن هِن جي ڪا خبر چار ڪين ڏيئي سگهان.

ورجينيا: خبر ناهي، هو توسان ملندو يا نہ! تون اسان وٽ وري ڪڏهن آيو ٻ ناهين.

آئنڊري: تون پلي هن ڪان پڇ.

[گليلو آواز سڃاتو آهي. آواز ٻڌي، هو بنهه بت بنجي وڃي ٿو. ورجينيا وٽس اندر وڃي ٿي.]

گليلو [اڪيون بند ڪري]: آئنڊري آهي؟

ورجينيا: هائو، موڪلياانس!

گليلو [ڏوريءَ ماڻ ڪان ٻوءِ]: اندر وٽي اچينس.

[ورجينيا ائنبري‌ءَ کي اندر وڃي ٿي.]

ورجينيا [راهب کي]: هِن مان نقصان کونهي. هيءُ ڪنهن وقت هِن جو شاگرد هو. اِنهيءَ ڪري هاڻي هيءُ هِن جو دشمن آهي.

گليلو : ورجينيا، اسان کي ڇڏ ته پاڻ ۾ ڳالهيون ڪريون.

ورجينيا: آڏ ۾ بڏان ته ڪهڙيون خبرون آنديون اٿس. [هوءَ ويهي رهي ٿي.]

آئنبري [رکائيءَ سان]: اوهين ڪيئن آهيو؟

گليلو : ويڇهو اڄ. هاڻي تون ڇا ڀيو ڪرين؟ پنهنجي گهر جي ڪا ڳالهه ٻڌاءِ. ٻڌو اٿر ته آبپاشيءَ جي وسيلن تي تحقيق ڀيو ڪرين!

آئنبري: آمستردام جي استاد فئبريڪس مون تي ڪم رکيو آهي ته اوهان جي صحت پرسي ڪيو اچان.

گليلو : منهنجي صحت ٺيڪ آهي. هنن جو منهنجي هر ڳالهه تي گهٽو ڏيان آهي.

آئنبري: ڏاڍو سٺو، آڏ آتي اوهان جي صحت ٺيڪ هجڻ جي خبر ڏيندس.

گليلو : فئبريڪس ٻڌي، خوش ٿيندو. ۽ تون هن کي ٻڌائج ته آڏ بهرحال سکيو گذاريان ٿو. پوريءَ طرح توبهه تائب ٿيڻ سان مون پنهنجن بزرگن جو ايترو راضپو حاصل ڪري ورتو آهي، جو هنن مون کي، جائز حدن اندر ۽ مقدس ڪليسا جي نظر هيٺ، سائنسي تحقيق جي گهر جي موڪل پڻ ڏيئي ڇڏي آهي.

آئنبري: هائو. اسان پڻ ٻڌو آهي ته ڪليسا اوهان کان مطمئن آهي. اوهين پوريءَ طرح جو پيش پيا آهيو، اُن جو هُنن تي ڪافي اثر ٿيو آهي. اُن سان هيءَ ڳالهه ٻه ٽي آهي - ۽ آها ته اختياريءَ وارن پنهنجي وڏيڪ اطمينان جو سبب سمجهي آهي - ته اوهان جي پيش پوڻ کان پوءِ اٽليءَ ۾ ڪو به وڏيڪ اهڙو ڪتاب ڪونه شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ ڪي نوان خيال آيل هجن.

گليلو [باهر کن ڏيندي، ڪجهه ڏاڍيان]: افسوس، جو ڪيترا اڃا ملڪ آهن، جن مقدس ڪليسا جي پناهه نه ورتي آهي. مون کي ڊپ آهي ته اِها مردود نئين تعليم آڏي خوب پيئي پکڙندي هوندي.

آئندري: آتي پڻ، اوهان جي تردید سبب، سائنس جي تعليم کي کافي ڏک رسيو آهي، ۽ اِن صورتحال تي پڻ کليسا کي خوشي ٿي هوندي.

گليلو: سچ پچ؟ [ٿوري مان.] ڊيڪارٽس جي قلم مان به ڪجهه پڌرو نه ٿيو آهي؟ پڇرس مان به ڪجهه نه؟

آئندري: نه. ڪجهه نه. اوهان جي تردید جو پڌي، ڊيڪارٽس 'روشنيءَ' بابت پنهنجو ڪتاب ميز جي خاني ۾ بند ڪري ڇڏيو.

[گهٽي مان.]

گليلو: هاڻي آءٌ پنهنجن ڪن دوستن بابت ڄاڻڻ گهران ٿو، جن جا قدم مون اِنهيءَ غلط راهه تي وڌا هئا. ڪيئن، آنهن منهنجي تردید مان ڪو سبق سکيو!

آئندري: آءٌ کو سائنسي تحقيق جو ڪم ڪري سگهان، آن لاءِ هالنڊ وڃي رهيو آهيان. جيڪو ڪم 'مشتري' پاڻ نٿو ڪري سگهي، سو آن جا 'چنڊ' به آتي نٿا ڪري سگهن.

گليلو: مون سمجهيو.

آئندري: فبرزوني ميلان ۾ ڪنهن دوڪان تي آهو ئي شيشا پيو گسائي.

گليلو [ڪلي ٿو]: هو لاطيني زبان جو ڪونه ٿو ڄاڻي!

[ٿوري مان.]

آئندري: اسان جي نيڙي راهب، فلگانزو، تحقيق کي ڇڏي ڏنو آهي، ۽ موٽي وڃي کليسا جي هنج ۾ پناهه ورتي اٿس.

گليلو: هائو.

[ٿوري مان.]

گليلو: هتي منهنجا بزرگ منهنجي روحاني صحت جي اصلاح جو گهڻو آسرو ۽ آلکو رکن ٿا. آءٌ سندن اميدن کان وڌيڪ سڌري رهيو آهيان.

آئندري: آهه!

ورجينيا: ڏٺيءَ جو شڪر آهي.

گليلو [کهرائيءَ سان]: وڃ، وڃي آڻين جي خبر وٺ، ورجينيا.
[ورجينيا ڪاوڙ ڏيکاريندي، ٻاهر وڃي ٿي. جيئن هوءَ پاسي مان لنگهي ٿي، تہ راهب ساڻس ڳالهائي ٿو.]
راهب: منهنجو اِن ساٿوءَ تي اعتبار ڪونهي.
ورجينيا: هو بي ضرر آهي. هو جيڪي ڳالهائين ٿا، سو تون پڌڻ چاهين تہ پڌي سگهين ٿو. [ٻاهر ويندي،] اڄ پاڻ وٽ ٻڪريءَ جي کير جو ڪجهہ تازو پنير آيل آهي.
[راهب هُن کي ٻاهر ويندي ڏسي ٿو.]
آئنڊري: مون کي سڄي رات سفر ڪرڻو آهي تہ جيئن سياڻي صبح جو سرحد پار ڪري سگهان. هاڻي موڪل ڏيو مر!
گليلو: سارٿي، خبر ناهي تہ تون ڇو آئين. ڇا، مون کي پريشان ڪرڻ؟ جڏهن کان وٽي هتي آيو آهيان، تڏهن کان آءٌ ڏاڍي احتياط سان هيٺي رهان ٿو، ۽ ڏاڍي احتياط سان سوچيان ٿو. پر اِن هوندي بہ کي گناهہ جا ڪر مون کان ٿيندا رهن ٿا.
آئنڊري: استاد گليلي، آءٌ توهان جي جذبات کي ڏکوئڻ کونہ آيو آهيان.
گليلو: بارٻريءَ آن کي 'خارش' سڏيو هو. هو پاڻ بہ آن کان ٻنهہ ڇٽل ڪونهي. آءٌ، بهرحال، وري کجهہ لکي رهيو آهيان.
آئنڊري: اوهہ!
گليلو: مون 'مباحثا' لکي پورا ڪيا آهن.
آئنڊري: ڇا؟ 'سائنس جي ٻن شعبن متعلق مباحثا: ڪَل-پرزائين تعليم ۽ ڪرندڙ جسمن جا قانون'؟ ۽ سو بہ هيٺي؟
گليلو: ها، هو هتي مون کي ٻنا ۽ قلم ڏين ٿا. منهنجا هي بزرگ چريا نہ آهن. هنن کي خبر آهي تہ خراب عادتون جيڪي گهر ڪري ويندیون آهن، سي کي ڏينهنءَ ڇڏي نٿيون وڃن. آنهن جي خراب نتيجن کان البت هو مون کي بچايو وينا آهن، چاڪاڻ تہ جيڪي بہ صفحا لکان ٿو آهي مون کان روز وڌيو پاڻ وٽ قلف ۾ بند ڪريو ڇڏين ٿا.

آئنبري: او منهنجا خدا!

گليلو: تو ڪجهه چيو چا؟

آئنبري: هو توهان ڪان اِئين پاڻي پيا ولوڙائين! هو اِهو قلم ۽ ڪاغذ رکو توهان کي پريشان لاءِ ڏين ٿا! اهڙين حالتن ۾، توهان ڪان لکڻ ڪيئن ٿو پچي؟

گليلو: اوهم، آءٌ پنهنجين عادتن جو غلام آهيان.

آئنبري: هي ڪيڏو ظلم آهي! 'علمي مباحثا'، ۽ راهبن جي هٿن ۾! ۽ آمستردام ۽ لنڊن ۽ پراگ آنهن لاءِ پيا واجهائين!

گليلو: آءٌ فئبريڪس جا ٽڏا شوڪارا پڌي سگهان ٿو، جيڪي هو پاڻ آمستردام ۾، خيريت ۽ عافيت سان وڻن، هِن منهنجي حال تي پريندو هوندو.

آئنبري: سائنس جون به نيون شاخون اِئين ئي ختم ٿي وڃن!

گليلو: بهرحال فئبريڪس ۽ پيا هيءُ پڌي خوش ٿيندا. ته سون پنهنجي من جي رهيل ٿوري گهڻي سڪون ڪي داءِ تي رکي، خود پنهنجي پاڻ ڪان به لڪائي، هڪڙو آنهن جو نقل ناهي، پاڻ وٽ بچائي رکيو آهي - گذريل ڇهه مهينا چانڊوڪيءَ جون راتيون، اڄاڳو ڪري، پنهنجي ٽڪل جسم تي پنهنجي بيترس ارادي جي چهڪن جا وسڪارا ڪندي، آءٌ اِهو ڪم اِئين ڪري سگهيو آهيان.

آئنبري: آهو ڪٿي آهي؟

گليلو: 'جيڪڏهن تنهنجي پنهنجي اک' توکي ڏکوئي، ته آن کي پٽي پاهر آڇلي ڇڏ!' جنهن به اِهي لفظ لکيا، تنهن سون ڪان وڌيڪ سڪ کي سچاتو هو. آءٌ سمجهان ٿو ته آءٌ جو هيءَ ڪايي ڪيڙي توکي ڏيان ٿو، اِها منهنجي وڏي بيوقوفي آهي، پر چا ڪريان، جو سون ڪڏهن به سائنسي ڪم ڪان پاڻ کي متي نه سمجهيو آهي، تنهنڪري نيڪ آهي، تون ئي منهنجي هيءَ گناهه جي پري ڪٽي، وڃي هنن جي اڳيان رک. اِهو نقل هٿي

هُن گولي ۾ بند رکيو اٿيئي. جيڪڏهن اِن کي هالنڊ ڏانهن نيئڻ جو خطرو تون کٽين ٿئي، تہ پوءِ توکي آن جي پوري ذميداري پنهنجي سر تي کڻڻي پوندي. آن حالت ۾، جيڪڏهن اهڙي کا ضرورت پيش آئي، تہ توکي اِئين چوڻو پوندو تہ توکي هيءُ نقل مقدس ديني عدالت جي ڪنهن ماڻهوءَ کان پيسن تي هٿ آيو هو، جتي آن جو اصل مسودو رکيل آهي.

[آئنبري وڌي، گولي ڏانهن وڃي ٿو، ۽ آن مان مسودو کڻي، پنهنجي حوالي ڪري ٿو.]

آئنبري: واهہ! واهہ! 'مباحثا'! استاد گليليءَ جا 'مباحثا'!

[هو آن جا پنا تکا تکا ورائي ڏسي ٿو.]

آئنبري [پڙهي ٿو]: 'منهنجي مراد آهي تہ آءٌ هڪ تمام پراڻي موضوع، يعني چُرڀّر يا حرڪت، تي هڪ بلڪل نئينءَ سائنس جو بنياد رکان. تجربن وسيلي مون اِن جون کي خاصيتون لڌيون آهن، جن کي جاڻڻ بيحد فائديمند ثابت ٿيندو!'

گليلو: ڪجهہ تہ مون کي فراغت ۾ ڪرڻو هو.

آئنبري: هن سان علم طبعيات جي هڪ نئين سائنس جنم وٺندي.

گليلو: ڪوٽ جي اندر لڪائي رکينس.

آئنبري: ۽ اسان سمجهيو هو تہ توهين غدار ٿي ويا آهيو! خاص ڪري مون ئي توهان جي خلاف سيني کان وڌيڪ بڪ ڀڻي ڪئي!

گليلو: ۽ اوهين صحيح ٻ هٿا. مون اوهان کي سائنس سيکاري، ۽ مون ئي سچ کان انڪار ڪيو.

آئنبري: پر هِن سان سيکجهہ بدلجي ويو، سيکجهہ بدلجي ويو.

گليلو: هائو.

آئنبري: توهان سچ کي لڪايو. دشمن کان. خود اخلاقيات جي ميدان ۾ ٻ توهين اسان کان هزار سال اڳتي وڌي ويا.

گليلو: اِهو وري سمجهاءِ، آئنبري.

آئنبري: هڪ عام رستي ويندڙ ماڻهوءَ وانگر، اسان ٿي چيو تہ 'هي سرڻ

سري ويندو پر پنهنجيءَ گالهه تان کوبه ڦرندو.' - توهين موڻي آيا ۽ چيُوَ ته 'آءٌ قُرِي برابر ويس ۽ پر آءٌ جيئرو رهندس.' 'توهان جا هٿ گندا آهن' اسان چيو. - توهان لوڙو ورائي، جواب ڏنو: 'گندا هجن ته ڀولو ڪونهي، پر شل خالي نه هجن.'

گليلو : 'گندا هجن ۽ پر خالي نه هجن'. گالهه ته سچي آهي. اِئين ٿو لڳي، جڏ سون اِهي لفظ چيا آهن. هئڻ ۽ اِئين ڪيي. نئين سائنس، نئين اخلاقيات.

آئنڊري: سيني ماڻهن کان وڌيڪ سون کي معلوم هجڻ ڪپندو هو. آءٌ يارنهن سالن جو هوس، جڏهن توهان پئي ماڻهوءَ جي دوربيني وينس جي سينيٽ کي وکي هئي. ۽ سون اڪثين ڏنو هو ته توهان اُن اوزار مان ڪيڏو نه عظيم ۽ لافاني ڪر ورتو هو. توهان جي دوستن توهان تي خار پئي ڪاڌا جڏهن توهين فلارينس ۾ هڪ پار جي آڏو وڃي جهڪيا هئا، پر اِن سان سائنس جو چاهه ۽ ناماچار عام ماڻهن ۾ چوڌس پکڙجي ويو. توهين سدائين اسان جي سورمن تي ڪلندا هئا. توهان ٿي چيو: 'جيڪي ماڻهو عذاب سهن ٿا، آهي سون کي نٿا وٺن.' 'نياڳ يا ڪا اوچتي آفت ڪوتاهه بينيءَ جو ئي نتيجو ٿئي ٿي.' ۽ 'رڪاوٽن کي خيال ۾ رکبو ته ڏسي سگهجي ٿو ته ٻن ٽپڪن جي وچ ۾ نديي ۾ نديي ليڪ سڌي نه پر ور وکڙ هوندي آهي.'

گليلو : اِهي گالهيون سون کي ياد آهن.

آئنڊري: ۱۶۳۳ع ۾، جڏهن توهان کي پنهنجي تعليم جي هڪڙيءَ گالهه تان ڦرڻ ٽيڪ نظر آيو، تڏهن سون کي سمجهڻ گهربو هو ته توهن رڳو هڪڙي سياسي مشڪل مان جند ڇڏائڻ لاءِ هڪ قدم پوئتي هٽي رهيا آهيو ته جيئن سائنس جي پنهنجي سچي پچي ڪر کي وڌيڪ آسانيءَ سان پورو ڪري سگهو.

گليلو : جيڪو هيءُ هو ته ...

آئنڊري: چُرپُر، جيڪا سيني مشينين جي ماءُ آهي، تنهن جون خاصيتون

معلوم ڪيون ويڻ ، جنهن وسيلي اسان جي ڌرتي انسانن جي رهڻ لاءِ ايتري وٺندڙ ۽ سڪدائڪ ٿي پوندي ، جو هو پرانهين بهشت جو خيال ئي ڇڏي ڏيندا .

گليلو : واهه واهه !

آئنبري : اِنهيءَ طرح توهان کي هڪڙي اهڙي سائنس جي ڪتاب لکڻ جو وجهه ملي سگهيو ، جيڪو فقط توهين ئي لکي ٿي سگهيا . جيڪڏهن توهين پرندڙ آڙاهه جي رنگ رتول شعلن ۾ گهڙيءَ لاءِ ويڙهجي ، هميشه لاءِ پسر ٿي وڃو ها ، تہ آها ٻين جي فتح ٿئي ها .

گليلو : هينئر بہ آهي فاتح آهن . ڪو بہ اهڙو سائنس جو ڪتاب ڪوٺهي ، جيڪو فقط هڪڙو ماڻهو لکي سگهي ٿو ۽ ٻيو ڪونہ ٿو لکي سگهي .

آئنبري : پوءِ توهين ڇو ڦري ويا ؟

گليلو : آءٌ اِنهيءَ کري ڦريس ، جو جسماني ايذاءَ کان آءٌ ڊجي ويس .

آئنبري : نہ نہ ! ائين نہ هوندو !

گليلو : هُنن مون کي چيچلائڻ جا هٿيار ڏيکاريا هئا .

آئنبري : تنهن جي معنيٰ تہ توهان جي اڳيان کا بہ اڳ رڪيل ڳالهہ کانہ هئي ؟

گليلو : کا بہ نہ .

[ٿوري ماڻ .]

آئنبري [ڏاڍيان] : سائنس جو فقط هڪڙو فرمان آهي : سائنس وڌايو ، سائنس عام ڪريو !

گليلو : ۽ اِهو مون پورو ڪيو آهي . تنهنڪري آءٌ توکي وڻان ٿو ! پيارا ائنبري ، سائنس جي راهہ ۾ منهنجا ساٿي ۽ نگيءَ ۾ مون سان اڌ پائيوار دوست ! تون مڃي تہ ڪائيندو آهين نہ ؟ مون وٽ مڃي آهي . مڃيءَ ۾ ڏپ ڪانهي . مون ۾ ڏپ آهي . پر آءٌ اها وري سستي بہ وڪڻان ٿو . تون سمجهو خريدار آهين . آهہ ! هِنن ڪتابن جي اجهل ڇڪَ ! هي مقدس ڪتاب ! وات ٽا پاڻي ٿين ،

۽ گاريون ۾ گل ٿي لڳن ٿيون. شل اسان جا هي ڳالهه ڳالهه ٿي گهجي ۽ گوڙ ڪرڻ وارا ماڻهو، هي ڳالهين کي بنائڻ ۽ ٺاهڻ وارا ماڻهو، هي موت جي خوف ۾ مرندڙ ماڻهو هميشه خوش هجن، هر هنڌ ۽ هميشه خير ۽ سلامتيءَ سان زنده هجن!

آئنڊري: موت جو خوف به هڪ انساني خاصيت آهي. انساني ڪمزورين سان سائنس جو ڪجهه نه وڃي.

گليلو: نه! منهنجا پياراسارتي، اِئين نه آهي. آءٌ پنهنجي هن اڻ لائقيءَ جي حالت ۾ به توکي عام سائنس متعلق ڪجهه نصيحت ڏيڻ جهڙو آهيان، جنهن سان تو پاڻ کي وابسته ڪيو آهي.

[ٿوري ماڻ.]

گليلو [استاد وانگر، پانهون پيٽ تي ٻڌندي]: فراغت جي گهڙين ۾، جيڪي مون کي منهنجي هن حالت ۾ ڪافي مان ٿيون، مون پنهنجي ڪيس تي وري وري سوچيو آهي، ۽ ويچار ڪيو اٿر ته سائنس جي دنيا، جنهن جو رهواسي آءٌ پاڻ کي هاڻي نٿو سمجهان، هين معاملي ۾ پنهنجو ڪهڙو فيصلو ڏيندي. هڪڙو آن" جو واپاري به، سهانگي آن" خريد ڪري مهانگي وڪڻڻ جي خيال کان علاوه، هيءُ لازمي طرح چاهيندو هوندو ته سندس آن" جي واپار ۾ ڪا رڪاوٽ آڏو نه اچي ۽ هو آزاديءَ سان پنهنجو واپار ڪندو رهي. اِنهيءَ خيال کان آءٌ سمجهان ٿو ته سائنس جي ڪر ۾ هڪ خاص قسم جي همت ۽ حوصلي جي ضرورت پيش اچي ٿي. سائنس جو واسطو علم سان آهي، جيڪو شڪ جي وسيلي سان حاصل ٿئي ٿو. هرڪنهن ماڻهوءَ کي هرڪنهن شيءِ بابت علم مهيا ٿي سگهي، اِن لاءِ سائنس چاهي ٿي ته سيني ماڻهن کي علم جي پياس هجي ۽ هو چپ چاپ ۽ ويساهه وسوڙا نه پر بي ويساها ۽ پڇ پڇ ڪندڙ هجن. پر حقيقت هيءَ آهي ته بادشاهه ۽ حاڪم، زميندار ۽ شاهوڪار، پير ۽ پادري ماڻهن جي گهٽي وڌي حصي کي دائمي طرح

پرم ۾ سنسي جي هوشربا ڏنڊ ۾ ۾ چند ڪارج ڪان نڪتل ۾ بي معنيٰ لفظن ۾ جملن جي نشي ڏيندڙ ڏمن ۾ ايترو تہ گهيريل ۾ گهيراڪيل رکن ٿا، جو انهن جي علم جي پياس ۾ پچ پچ جي خاصيت جيڪڏهن بنهہ ختم نہ تہ بہ لڳ ڀڳ پوريء طرح لٽجي ۾ پورجي، بي سُرت ۾ نڪمي ضرور ٿي وجي ٿي. ماڻهن جا انبوهن جا انبوهہ بيحد دکي گذارين ٿا ۾ سندن دک ايترا پراڻا آهن جيترا هي جبل، ۾ سنبر توڙي سهلي تان سدائين کين پڌايو ٿو وجي تہ سندن دک ايترا اڏول ۾ امٽ آهن جيترا هي جبل. اسان هن دک پريل، نراس ۾ چپن سبيل ماحول ۾ شڪ جي هٿيار کي چنڊي ڦوڪي، نئون ڪري، آڻي ماڻهن جي سامهون رکيو، ۾ هُنن اسان کان اسان جي آها دوربيني قُري، اُن جو سُنهن هڪڙم ورائي، ڪٽي پنهنجن آڳاڻن ڏانهن ڪيو، جيڪي کين ايذائين ٿا ۾ آزارين ٿا. آهي ظالم، زوراور ۾ خود غرض لالچي شخص، جيڪي هميشہ سائنس جو ڦل پوري جو پورو پنهنجي ڪم آڻيندا ٿي رهيا، تن هاڻي ڏٺو تہ سائنس جي اک سا ڳئي وقت اُن هزارين سال پراڻي پر بنهہ هٿراڏو دک ۾ عذاب کي پڻ صاف صاف ڏسي رهي آهي ۾ ڪولي پڏرو ڪري رهي آهي، جيڪو ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو تہ فقط ڏڪهن ختم ٿيندو جڏهن هو پاڻ ختم ٿيندا. اِن تي هِنن اسان کيَ خوف ۾ لالچ جي هٿيارن سان مارڻ گهريو، جيڪي ڪمزورن لاءِ سدائين موتمار هٿيار ثابت ٿيا آهن. پر جا، اسين ماڻهن جي بي شمار انبوهن سان بيوفائي ڪري، ۾ سا ڳئي وقت سائنسدان رهي سگهياسين ٿي! تارن جي هلچل جا رستا تہ ڪجهہ صاف ٿي چڪا آهن، پر ماڻهن جي گهٽي اڪثريت اڃا پنهنجن آڳاڻن جي هلچل جي رستن کي سمجهي ۾ سڃاڻي نہ سگهي آهي. شڪ جي وسيلي آسمانن جي پيمائش جي امڪان جي جنگ تہ فتح ٿي چڪي آهي، پر روم جي گهرڏجاڻين

جيي انّي ۽ ڪير لاءِ جنگ، جيئن اڳي ٿيئن هاڻي به ايمان ۽ اعتقاد جي چڪر ۾ هار ڪائيندي ٿي رهي. منهنجا پيارا سارتي، سائنس هنن پنهي جنگين سان واسطو رکي ٿي. انساني سماج، جيڪو زمانن کان هلندڙ هن وسوسن جي هوشربا ڏنڊ ۽ مدي خارج لفظن جي نشي ڏيندڙ ڏن ۾ ٽاپڙجندو رهي ٿو - ۽ اِنهيءَ جهالت ۽ بي‌خبريءَ جي گهڳهه اونداهيءَ ۾ پنهنجون قوتون جاڳائي ۽ وڌائي نٿو سگهي - سو فطرت جي اُنهن قوتن کي به وڌائي ۽ پنهنجي سک ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪر آڻي نه سگهندو، جيڪي تون هڪ سائنسدان جي حيثيت ۾ ڳولي، ظاهر ڪري، اُن جي حوالي ڪري رهيو آهين. اوهين سائنسدان کڻي مقصد جي لاءِ ڪر ٿا ڪريو؟ منهنجو چوڻ آهي ته سائنس جو واحد مقصد هيءُ آهي ته انساني زندگيءَ جي ڏک ۽ سختيءَ کي آسان بنايو وڃي. جيڪڏهن سائنسدان، خود-مفادي اقتدار جي صاحبن جي دٻاءَ ۾ اچي، علمَ محض علم خاطر وڌائيندا ۽ خوش ٿيا وينا رهن، ته اُن حالت ۾ سائنس پنگلي ۽ بي‌اثر بنجي سگهي ٿي، ۽ اوهان جون نيون مشينيون پوءِ رڳو هيٺن کي چيپاٽڻ جا نوان ذريعا ۽ نيون ترڪيبون بنجي وجود ۾ ايڏيون رهنديون ۽ اُنهن مان پيو ڪو انساني مفاد جو ڪارج سِڌ ڪونہ ٿي سگهندو. اِنهيءَ روءِ، وقت گذرڻ سان، ممڪن آهي ته اوهين آهو سيڪجهه ڳولي سگهو ۽ لهي سگهو جيڪو ڳولڻو ۽ لهڻو آهي، پر اوهان جو آهو سڄو واڌارو اوهان کي انسان ذات کان دور نيئي سگهي ٿو، اُن جي ويجهو نٿو آڻي سگهي. ۽ پوءِ اوهان ۽ هِنن جي وچ ۾ جيڪو خال آهي، سو ڪنهن وقت ايترو ته ويڪرو ۽ ايڏو ته اونهو بنجي سگهي ٿو، جو اوهان جو پنهنجي ڪنهن نئينءَ حاصلات تي خوشيءَ جو واکو، پڙاڏو بنجي، سڄيءَ خلق خدا جي روحاني پيڙا جي دردناڪ دانهن جي صورت ۾ خود اوهان کي پاڻ ڏڏو پوندو. -

مون کي، هڪ سائنسدان جي حيثيت ۾، هڪڙو بي‌مثل موڪو
ملیو هو. منهنجي ڏينهن ۾ فلڪيات جو علم وڏي ۽ مقبول
بنجي، عام بازارين ۾ پهچي چڪو هو. هينن تمام غيرمعمولي
حالتن ۾ هڪڙي ماڻهوءَ جو اڏول ارادو ۽ پختو عمل سڄيءَ
دنيا کي ڏوڏي سگهي ها. ڪاش، آءٌ رڳو مڙس ٿي مقابلو
ڪريان ها؛ ڪاش، فطرت جي سائنسدانن پاڻ لاءِ هيپوڪريٽس جي
ايجاد ڪيل طب جي ڊاڪٽرن واري قسم جهڙو ڪو قسم
ايجاد ڪيو هجي ها ـ ته هاسين پنهنجو سمورو علم انسان ذات
جي پلائيءَ لاءِ ڪم آڻيندا سين.' هن وقت جيڪي حالتون آهن،
انهن ۾ وڏ ۾ وڏ اميد اها ئي رکي سگهجي ٿي ته هڪڙو
ايجادي جامڙن جو نسل پيدا ٿيندو رهي، جيڪي پيسن تي
وڪجي، سدائين ڪم ۾ جُتيا رهن. بهرحال، سارتي، مون کي
هاڻي پڪ ٿي آهي ته آءٌ ڪڏهن به ڪنهن سچي پچي خطري
هيٺ ڪونہ هوس. کي سال ته آءٌ ايترو ئي طاقتور هوس، جيترا
خود اسان جا حاڪم پاڻ هئا. افسوس، صد افسوس! مون پنهنجو
علم اختيار جي صاحبن جي حوالي ڪري ڇڏيو، ته جيئن سندن
پنهنجن مقصدن لاءِ کين ٺيڪ لڳي تيئن آهو ڪم آڻين، نہ ڪم
آڻين يا غلط ڪم آڻين. [ورجينيا ٽالهي ڪٽي اندر اچي ٿي ۽
مان ڪري ٻيهي ٿي.] مون پنهنجي پيشي سان غداري ڪئي
آهي. آهو ماڻهو، جنهن آهو ڪجهه ڪيو آهي، جو مون ڪيو
آهي، سو سائنس جي ميدان ۾ قبول جهڙو بلڪ برداشت ڪرڻ
جهڙو به نٿو ٿي سگهي.

ورجينيا: توهين مومن جي جماعت ۾ قبول پئجي چڪا آهيو، بابا!

[هوءَ وڏي اچي ٿي ۽ ٽالهي ميز تي رکي ٿي.]

گليلو: ٺيڪ. ـ هاڻي مون کي ڪائڻ گهرجي.

[ائندري هن ڏانهن پنهنجو هٿ ڊگهيري ٿو. گليلو هن جي هٿ ڏي
ڏسي ٿو، پر نٿو وٺيس.]

گليلو : هاڻي تون پاڻ هڪ استاد آهين. ڇا مون جهڙي جي هٿ وٺڻ جي تون حامي ٿيڻ سگهين ٿو؟ [هو وڏي سيز ڏانهن وڃي ٿو.] ڪو هتان اچي لنگهيو هو ۽ هي آڙيون مون ڏانهن موڪلينڈو ويو. مون کي ايڏا ڪاڏي ۾ مزو ٿو اچي.

آئنڊري: سو توهين اِن راءِ جا ناهيو ته هڪ ڏينهن دور جو سچ آڻيرو آهي؟

گليلو : آڃ اِنهيءَ راءِ جو آهيان. هر جڏهن تون جرمنيءَ مان لنگهين، تڏهن خيال رکج. - سچ کي پنهنجي ڪوٽ جي اندران لڪائي رکج.

آئنڊري [وڃڻ تي دل نٿي ٿيس]: جنهن ڀلمانس جي باري ۾ اسين ڳالهائي رهيا آهيون، تنهن متعلق توهان جي راءِ الائي ڇو اِئين آهي! آڃ توهان کي اِن جو ڪهڙو جواب ڏيئي ٿو سگهان! پر آڃ نٿو ڇڏي سگهان ته اِن باري ۾ توهان جو رايو آخري حرف ٿيندو.

گليلو : تنهنجون گهڻيون مهربانيون، پيارا! [هو ڪائڻ شروع ڪري ٿو.]

ورجينيا [آئنڊريءَ کي باهر اسائيندي]: اسين پنهنجن اڪين واقفڪارن جي پاڻ وٽ اچڻ تي خوش ناهيون. هُنن جي اچڻ تي بابا جو مَنُ مُنجهي پوي ٿو.

[آئنڊري وڃي ٿو. ورجينيا موٽي اچي ٿي.]

گليلو : تون ڇا ٿي سمجهين، ورجينيا! هي آڙيون ڪنهن موڪليون هونديون؟

ورجينيا: آئنڊريءَ کوڙ موڪليون هونديون.

گليلو : شايد هُن نه موڪليون هجن. اڄ رات ڪيئن آهي؟

ورجينيا [دريءَ مان باهر ڏسندي]: صاف آهي، بابا.

(۱۵)

۱۶۳۷ع. گليلو جو ڪتاب 'مباحثا' اڏلي‌ءَ جون حدون پار ڪري پاهر وڃي ٿو

عظيم ڪتاب سرحدون پار ڪري اڳتي نڪري ويو ـ
۽، پيارا پاڙرو، اِها گالهه اِتي پوري ٿي.
پر اميد اٿئون ته اوهين ضرور ياد رکندا
ته اُهو ۽ اسين وري به پوئتي رهجي وياسون.

اوهين شل هاڻي سائنس جي روشني‌ءَ کي سنڀاليو،
اُن کي پاريو ۽ اُن جو صحيح استعمال ڪريو، ـ
اِئين نه ٿئي، جو اُها شعلو بنجي هيٺ ڪري
۽ اسان سيني کي ساڙي رک ڪري ڇڏي.

اڏلي‌ءَ جو هڪ نئين سرحدي ڳوٺ

[صبح جو سوير. سرحد جي ڇوڪري‌ءَ وٽ، پار راند پيا ڪن. آئنبري پنهنجن ڪاغذن جي ڇڪاس لاءِ ترسيو ويٺو آهي ـ هُن جي پرسان ڪوچوان ڏسجي ٿو. هو پاڻ هڪ نئين‌ءَ پيتي‌ءَ تي ويٺو، گليلو جو هٿ اڪر لکيل مسودو پڙهي رهيو آهي. سرحد جي لنگهه وٽ اندرئين پاسي، هن جي سواري‌ءَ جي گاڏي بيٺل آهي.]
پارَ [ڳائيندي]:

ميري، نندڙي ميري، ڳٺي‌ءَ ۾ ويٺي هٿي،
هن وٽ هڪڙو لُنبو گلابي ڪوٽ هو،

کوٽ ميرو ۽ چٽين لڳل هو:
پر جڏهن جاڙي ڏکائيندڙ سياري مٿهن کڏيو،
تڏهن 'ميريء آهو کوٽ کڏي پٽيء تي پاتو -
آهو لٽندو هو، چتين لڳل هو: پر قاتل ته کونه هو؟

سرحد جو محافظ: تون اتلي چا لاء ٿو چڏين؟

آئنبري: آڳ هڪ استاد آهيان.

سرحد جو محافظ [منشيء کي]: ملڪ چڏڻ جو سبب لک: استاد آهي.
آڳ تنهنجو سامان جانچيندس. [سامان جانچيس ٿو.]

پهريون چوکرو [آئنبريء کي]: توکي اتي ويهڻ نه ڪپي. [هو جهوپڙيء ڏانهن اشارو ڪري ٿو، جنهن جي ٻاهران آئنبري وينو آهي.]
ان ۾ اندر ڏاڻ رهي ٿي.

ٻيو چوکرو: پوڙهي مرينا ڏاڻ **کاڌي**.

پهريون چوکرو: چپ ڪر، نه ته ٻانهن مروڙي چڏيندوسين!

ٻيون چوکرو: مرينا ڏاڻ **آهي**. هوءَ روز رات جو متي اڏامندي آهي.

پهريون چوکرو: جي ڏاڻ ناهي، ته سڄي ڪوٽ ۾ چو رڳو ڪيرلپ ۽ ڪتي کانه ٿي مليس؟

ٻيو چوکرو: هوءَ ڪيئن اڏامي سگهندي؟ ڪيرُ ٻه اڏامي نه سگهندو.
[آئنبريء کي:] ماٺهو کو اڏامي سگهندو؟

پهريون چوکرو [ٻئي چوکري بابت ڳالهائيندي]: اهو گيسپ آهي.
ڪجهه کونه چاڻي، چاکاڻ ته اسکول کونه وڃي، چاکاڻ ته پاڻ لاء کا سڄي پتلون ۽ کانهيس.

سرحد جو محافظ: اهو ڪهڙو ڪتاب آهي؟

آئنبري [متي نهارڻ کان سواءِ]: اهو عظيم فيلسوف ارسطوءَ جو لکيل آهي.

سرحدي محافظ [شڪي خيال کان]: آهو وري ڪيرُ آهي؟ ڪو ڏاميچ ماٺهو ته کونهي؟

آئنبري: هو، سوين سال ڏيا، جو مري ويو آهي.
[آئنبريء کي تنگ ڪرڻ لاء چوڪرا، کوڙ پچائي هڻن وانگر ڪتاب

پڑهڻ جو ڏيکاءُ ڪندا، تپ ڏيندا، هن جي چوڌاري گول ڦرن ٿا.]
سرحد جو محافظ [منشيءَ کي]: ڏس ته اِن ۾ ڪا دين جي ڳالهه ته ڪانهي.
منشي [پنا ٽلائيندي]: سون کي ته ڪا شيءِ هين ۾ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي.
سرحد جو محافظ: ايتريءَ قولهه قولهان جي ضرورت به ڪهڙي آهي؟ ڪير آهي، جو اهڙيون خطرناڪ شيون اِئين ڪُليو ڪُلايو ڪنيو ويندو! [ائنڊريءَ کي:] تون ڪاغذن تي اسان کي صحيح ڏي ته تنهنجي سامان جي ٽلاشي ورتي ويئي.
[آئنڊري آڻي بيهي ٿو، ۽ ٽورو نٽائيندي، ۽ ڪتاب پڑهندي، محافظ سان گڏ اندر چونڪيءَ ۾ وڃي ٿو.]
ٽيون چوڪرو [پيتيءَ ڏانهن اشارو ڪندي، منشيءَ کي]: هوڏانهن ڏس، پيون به شيون اٿس.
منشي: اِها ڪٽان آئي؟ پهرين ته اِتي ڪانه هئي!
ٽيون چوڪرو: جِنَ اِها اِتي رکي ويا آهن. پيتي ٽي ڏسجي.
پيو چوڪرو: نه، اِها اِنهي مسافر جي آهي.
ٽيون چوڪرو: آءٌ ته ايڏانهن اصل ڪونه ويندس. ڏائڻ ڪوچوان جي پوڙهن گهوڙن تي جادو ڪري چڏيو آهي. سون رات ڪُڙهه جي ڇت تي چڙهي، ٻرگهل سان اندر ڏنو، جيڪو پر سال مينهن واءَ ڪري اِن ۾ ٽي پيو هو، ته اِنهن مرضيل گهوڙن ماٺهن وانگر پٽي ڪنگهيو.
منشي [جيڪو اِن وچ ۾ وڏي پيتيءَ تائين ٻهتو آهي، چيرڪي پوئتي هٽي ٿو]: جِنن جي ڳالهه آهي! ڏٽي منهنجا خير ڪر! اسين به هرشيءَ کا ٿوري ئي جانچيداسين. اِئين جي جانچيون ته اسان جي ته جڙهه ئي نڪري وڃي.
[آئنڊري، ڪير جو پيالو هٿ ۾ ڪنيو، موٽيو اچي ٿو. هو وري پيتيءَ تي ويهي ٿو رهي ۽ پڑهڻ کي لڳي وڃي ٿو.]
سرحد جو محافظ [هن جي پٺيان ڪاغذ ڪنيو اچي ٿو]: گاڏيءَ ۾ گهوڙا ٻڌو! سامان اندر رکو! [منشيءَ کي:] سڀڪجهه ٺيڪ ٺاڪ آهي؟
منشي: سڀ ٺيڪ ٺاڪ آهي.

ٻيو چوڪرو [آئندريءَ کي]: تون پڙهيل آهين. تون اسان کي ٻڌاءِ - ماڻهو کي مٿي آڏامي سگهندو؟

آئندري: ٿورو ترس.

سرحد جو محافظ: توهين وڃي سگهو ٿا.

[ڪوچوان سامان ٿاهي، گاڏيءَ ۾ اندر رکي ٿو. ائندري پيتي کڻي، هلڻ جي ڪري ٿو.]

سرحد جو محافظ: ٻيهر! اِها ڪهڙي پيتي آهي؟

آئندري [وري ڪتاب پڙهڻ ۾ لڳي وڃي ٿو]: اِن ۾ ڪتاب آهن.

ٻهريون چوڪرو: ڏاڍا اِن تي جادو ڪري ڇڏيو آهي.

سرحد جو محافظ: بيوقوف. پيتيءَ تي جادو ڪيئن ڪندي؟

ٽيون چوڪرو: ڪري سگهي ٿي، جڏن جو هٿ ۾ اٿس!

سرحد جو محافظ [ڪِلي ٿو]: اِها ڳالهه هتي ڪانه هلندي. [منشيءَ کي:] کول اِنهي کي! [پيتي کُلي ٿي.]

سرحد جو محافظ [ڪاوڙ ۽ نراسائيءَ سان]: گهٽا آهن اِن ۾؟

آئندري: ڇوٽيهه.

سرحد جو محافظ [منشيءَ کي]: گهٽي دير لڳندينءِ اِنهن کي ڳڻڻ ۾؟

منشي [جنهن پيتيءَ کي مٿاچرو ڦولهڻ شروع ڪري ڏنو آهي]: سڀ ڇپيل آهن. اڄ نيرن ڇُٽي. هوڏانهن ٻئي ڪوچوان وٽ وري ڪڏهن ويندس، جيڪو ايتري ٽول ٽيڪس کايو وينو آهي - هُن جو گهر نهلاءِ ڪري ته آها وصول ڪرڻي آهي. هاڻي هيترا هي ڪتاب، جو ويهي هڪ هڪ ڪري ڏسان، آتي ته منهنجو سڄو ڏينهن پورو ٿي ويندو!

سرحد جو محافظ: هائو، هائو. پاڻ کي آها وصولي ۾ ته اڄ ئي ڪرڻي آهي. [ڪتابن کي پير جي چوڪن سان هيٺ مٿي ڪري ٿو.] سڄ پڄ، هِنن ۾ ڇا ڇا نه پريل هوندو! [ڪوچوان کي:] هاڻي چڙهه مٿي! هڪل گهوڙن کي! پڄ ته کو ڏسيئي نه!

[آئندري، پيتي کڻي، ڪوچوان سان گڏ، سرحد آکري، پار ٿئي ٿو. ٻئي

پاسي پهچي، گليلو جو مسودو پنهنجي سفري ٽيلهي ۾ رکي ٿو.
ٽيون چوڪرو [آئنبريءَ جي پوئتي چڌيل پيالي ڏانهن اشارو ڪندي]: اِهو ڏسو! اِهو ڏسو!
پهريون چوڪرو: ۽ پيتي گر! ڏِئُوَ! جِنّ هو نہ!
آئنبري [پٽ ورائي]: نہ. مون اِهو اِتي چڌيو هو. اوهان کي پنهنجون اکيون تہ کولڻ گهرجن. مون کير جا ۽ پيالي پنهي جا ڀيسا ڏيئي چڌيا هئا. کير پي، پيالو اِتي چڏي ڏنر. اِتي اوهان کي کر ايندو. اِن ۾ جن جي کهڙي ڳالهہ ٿي؟ - هائو، گيسَپ! مون تنهنجي سوال جو جواب ڏنو ئي ڪونہ! ڪو بہ ماڻهو ڪڏهن پُهاري تي چڙهي، مٿي آڏامي ڪونہ سگهندو. آن تي ڪيس ضرور ڪا مشين لڳائٽي پوندي. پر اهڙي ڪا مشين اڃا نهي ڪانهي. شايد اهڙي مشين ڪڏهن نهي نہ بہ سگهي، چاڪاڻ تہ ماڻهو هوا ڪان تمام گهٽو گِرو آهي. پر خاطريءَ سان ڪجهہ چئي بہ نٿو سگهجي. اسين اڃا ايترو گهٽو چاڻون بہ ڪونہ ٿا، گيسپ! سچ پچ تہ اسين اڃا رڳو پهرئين ڏاڪي تي پهتا آهيون. شروعات ڪئي آٽئون، اڃا سڄو سفر پيو آهي.

اسان جا پيا ڪتاب

اڇ پڙ ڇڪيم ڇاڪ: مرتب ڄڻي. ايم. سيد ڪشن داد ابن سيد غلام حسين ۽ سماجي خدمتگارن جي ۳۶۰ خطن جو مجموعو: سنڌ جي پنجاهه سالن جي سماجي تاريخ جو دلچسپ ۽ معلوماتي عڪس: قيمت ويهه رپيا.

فڪر جي آزادي: جرمن مصنف اسٽيفن زويگ جي هڪ اهلهه ۽ عظيم ڪتاب جو ترجمو (مفصل پيش لفظ سان) از محمد ابراهيم جويو: قيمت پندرهن رپيا.

ڪنول پاڙون پاتار ۾: سنڌ جي ترقي پسند نوجوان شاعر فتاح ملڪ جي شعر جو مجموعو، شاعر جي پنهنجي پيش لفظ ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي مهاڳ سان: قيمت چار رپيا.

ڪپر ٽوڪن ڪري: سنڌ جي يگاني ۽ بي مثل شاعر شيخ ايياز جي شعر جو مجموعو، سندس پنهنجي پيش لفظ سان: قيمت پارهن رپيا (پهريون ايڊيشن وڪجي ويل، ٻيو ايڊيشن لاءِ آرڊر داخل ڪرائي سگهن ٿا.)

سچ جا سنيها: حضرت علي عليه السلام جي مقدس ۽ لافاني قولن جو ننڍو پر اهلهه مجموعو: مترجم محبوب علي جوڪيو: قيمت ٽي رپيا (پهريون ڇاپو ڪپي ويل، ٻيو ڇاپي لاءِ آرڊر گهربل).

وکر سو وهاءِ: حضرت علي عليه السلام جي لاثاني عربي شعر جي ديوان مان منتخب شعرن جو ترجمو: از محبوب علي جوڪيو: قيمت پنج رپيا.

سنڌي ادبي جي

ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ،

۳/۸ منظور چيمبرس، گاڏي ڪاتو،

حيدرآباد سنڌ.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي کتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي کتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي کوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڪُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن کو به شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي کوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَهکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آهي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِکَٻِئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجيٽائِيز کرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو کم کرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا کمائي سگهي ٿو تہ پلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران کَنهن بہ رُکاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)